

# خود وکاس ۽ کلا جو آنند

## درجو 10

# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستائن جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ب) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ٻ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتر واد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جيئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر: اڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي.٤، تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٿاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنه ٢٠١٨-١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.



# خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند

## درجو ڏهون



महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

FAQGEE

چاپو پهريون : 2018
سڌاريل چاپو : 2022

© مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي- ٤١١٠٠٤
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪو به حصو سنچالڪ، مهارشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

**خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند**

وشيه سمتي
ڊا. شريشاساني، اڌيڪش
شريمتي شيتل باپٽ، ميمبر
شري وديانڌي (پرساد) ونارسي، ميمبر
شريمتي آيا پاگوت، ميمبر
شريمتي پرتيا قدم، ميمبر
ڊا. اجيه ڪمار لوڙگي، ميمبر - سيڪريٽري

**نيند ڊئل**

شريمتي سايلي تامڻي
شريمتي شاملاتائي ورناسي
شريمتي پرڻتا بالسبرمڻيم
شريمتي نيتا متالڪ
شري امتياج شيک
شري سنجيه بڳتي
شري شواجي هانڊي
شريمتي نشيگندا شيجوُ

**نرمتي** : شري سچيتانند آڦڙي
(مکيه نرمتي اڌڪاري)
شري سچن مهتا (نرمتي اَڌڪاري)
شري نتن واڻي
(سهايڪ نرمتي اَڌڪاري)

**ڪور پيج** : شريمتي آيا پاگوت

**چتر ۽ سجاوٽ** : شريمتي مڌرا پيندسي
شري پوشڻ راڄ

**خاص سهڪار** : سنشوڌن ۽ وڪاس ويڀاگ
شيام چي آئي فائونڊيشن

**سنيوجڪ** : شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)

**سنيوجڪ** : شريمتي گيتا گٽيش ٺاڪر

**سهايه** (ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

**پرڪاشڪ** : شري وويڪ اُتم گوساوي،
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥.

**سنيوجڪ** : ڊا. اَجيه ڪمار لوڙگي،
وشيش اڌڪاري ڪاريه
انيو ۽ انچارج وشيش
اڌڪاري ڪلا، پاٺيه
پستڪ منڊل، پڻي

**ڪاغذ** : ٧٠ جي. ايس. ايم. ڪريم وو

**پرنٽنگ آرڊر** :

**ڇاپيندڙ** :

**ترجمو ڪندڙ**: شري اشوڪ مکتا

**چڪاس ڪندڙ** :وجيه راجڪمار منگلاڻي

**ٽائيپ سيٽنگ**

ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني
اَنيتا ماکيجا، جانڪي موتواڻي

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڏراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪَ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گَوِرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو

درجي ڏهين ۾ توهان سڀني جو سواڳت آهي. خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند وشيہ جو درسي ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي گهڻو آنند محسوس ٿي رهيو آهي.

جڳت واد جي 21 صديءَ ۾ گهربل جيون هنر پراڻ لاءِ ۽ توهان جي ڪريئر جي ڪامياب سفر لاءِ توهان کي هن وشيہ مان رهبري ملندي. مستقبل ۾ ايندڙ للڪارن کي توهان ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي سگهندا. اسان کي وشواس آهي تہ خود سُڃاڻپ ڪري پنهنجي سامهون ايندڙ موقعن کي سُڃاڻڻ جي لياقت توهان ۾ پيدا ٿيندي.

توهان کي ڄاڻ آهي تہ انساني زندگيءَ ۾ ڪلا جي گهڻي اهميت آهي. ڪلا سبب اسان جي زندگي خوبصورت ٿئي ٿي. انڪري ’ڪلا جو آنند‘ پاڻو بہ اهميت وارو آهي.

’خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند‘ ان درسي ڪتاب جو مول مقصد توهان جي روزاني زندگيءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين سان آهي. ڪتاب جي شروعات وٽندڙ چتري ڪٿا سان ڪيل آهي. چترن وسيلي ايندڙ پاٺ ۾ ڇا سکڻ وارو آهيون ان بابت ٻڌايل آهي. ڪتاب ۾ ’ٿوري وندر ڪريون‘ ۽ ’چرچا ڪريون.‘ وغيره مشغوليون وسيلي توهان سکڻ وارا آهيو. ان مشغوليون توهان ضرور ڪريو. اهي توهان جي ويچارن جي ترتيب ۾ تيزي آڻينديون.

درسي ڪتاب ۾ انيڪ ننڍيون رانديون شامل ڪيل آهن. انهن رانديون وسيلي بہ توهان سکندا. ڏنل پروجيڪٽ، انجي ڪاروائي ۽ گهربل مشغولي توهان خود ڪريو. ضرورت ۾ توهان جي ماستر، پالڪن ۽ ڪلاس ۾ ماستر جي مدد وٺو. اڄوڪي ٽيڪنيڪي يگہ ۾ ڪمپيوٽر، سمارٽ فون جي سُڃاڻپ توهان کي آهي. درجي ڪتاب جي اڀياس ۾ انهن جو مناسب استعمال ڪريو. ان سان توهان جو اڀياس سؤلو ٿيندو.

درسي ڪتاب پڙهڻ، سمجهڻ وقت توهانکي وٽيل پاڻا ۽ ايندڙ مسئلن بابت اسان کي ضرور ٻڌايو.

توهانکي تعليمي ترقيءَ لاءِ دلي شپ ڪامنائون!

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ
نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل - پڻي.

پڻي:
تاريخ ١٨ مارچ ٢٠١٨، گُڏي پاڙوا
ڀارتيہ سوريہ تاريخ: ٢٧ ڦاڳڻ ١٩٣٩

# خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند لياقتي بيان

درجي ڏهين جي آخر شاگردن ۾ هيٺيون لياقتون حاصل ڪن اها اميد آهي.

| نمبر | پاسو | لياقتي بيان |
|---|---|---|
| .1 | مان هڪ ناگرڪ | 1. **دليلي ويچار روزاني زندگيءَ ۾ پنهنجي ۽ ٻين جي وهنوار جي جاچ ڪري لوڪشاهي ملهن مطابق آهي يا اهو جاچڻ** - سمجهڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>2. **همدردي**- سماج ۾ هڪ ٻئي تي پاڙڻ جي سمجهه ۽ ان نسبت ٻين ماڻهن لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ.<br>3. **خود - بندوبست**- پنهنجي وهنوار ۽ غلطيون سڌاري اُنهن کي دور ڪرڻ لاءِ مناسب بندوبست ڪرڻ جي لياقت پيدا ڪرڻ.<br>4. **علحدگي قبولڻ**- پنهنجي آس پاس جي ماڻهن ۾ علحدگي قبولڻ ۽ ان جي اهميت سمجهي انجي پنيرائيءَ جي لياقت پيدا ڪرڻ.<br>5. **اڳوانيءَ جو گڻ** - پنهنجي گهر ۽ اسڪول ۾ لوڪشاهي زندگي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ضروري اڳوانيءَ جا گڻ پيدا ڪرڻ. |
| .2 | مان ۽ ماڌيم - 1 | 1. **خود جي ڄاڻ**- ماڌيمن جو اثر، ڪشور اوستا ۾ تبديليون ۽ انهن سبب پيدا ٿيندڙ خطرن بابت سمجهه ڌارڻ.<br>2. **ڀاونائن ۽ احساس کي** - صحيح نموني سنڀالڻ ماڌيمن سبب پنهنجي جيون تي ٿيندڙ نتيجن کي منهن ڏيڻ، ڪشور اوستا درميان ٿيندڙ احساس جي تبديلين کي صحيح نموني سنڀالڻ جي لياقت پيدا ڪرڻ.<br>3. **دليلي ويچار**- روزمره جي زندگيءَ جي فيصلن تي ماڌيمن جي اثر کي سُڃاڻڻ جي لياقت حاصل ڪرڻ.<br>4. **پڪو ارادو ڪرڻ جو آتم وشواس** - برين عادتن کي ٽارڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ لاءِ آتم وشواس حاصل ڪرڻ.<br>5. **مسئلا حل ڪرڻ** - برين عادتن جهڙن مسئلن تي مناسب رستو ڳولهي مسئلي کي منهن ڏيڻ جي لياقت ڌارڻ. |
| .3 | مان ۽ نظري ڪلا | 1. **ڪلا جي سمجهه**- قطري ڪلا جي اَلڳ اَلڳ وهڪرن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.<br>2. **ڪلا جي نرمتي**- اَلڳ اَلڳ طريقن مان ڪنهن هڪ وسيلي ڪنهن ڪلا جو نمونو تاهڻ جي لياقت.<br>3. **اظهار** - نظري ڪلا معرفت پنهنجا ويچار، ڀاونائون ظاهر ڪرڻ جي لياقت.<br>4. سرجڻ شيلتا - ڪنهن نئين ۽ اَلڳ ڪلا جي طريقي وسيلي نو نرماڻ ڪرڻ جي لياقت.<br>5. **سندرتا نظريو**- ڪنهن ڪلا جي نموني کي جاچي پاڻ کي وڻندڙ جزن کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي لياقت ڌارڻ. |

| نمبر | پاڱو | لياقتي بيان |
| --- | --- | --- |
| | | 6. **حقيقي جيون ۾ اُپيوگ-**<br>۱) ڪلا جي انساني جيون ۾ اهميت ٻڌائي سگهڻ.<br>۲) نظري ڪلائن ۾ ڪرئير جي موقعن کي ڄاڻڻ.<br>۳) ڪلا جي ويچارن جو زندگيءَ ۾ سچائيءَ بابت سوچڻ جي لياقت ڏارڻ. |
| 4. | مان ۽ ماڊيم -2 | 1. **پاڻ کي سڃاڻڻ** - ماڊيمن ۽ سماج جي اثر سبب پئدا ٿيندڙ خطرن بابت سمجهه ڌارڻ.<br>2. **پاونائن کي سنڀالڻ** - الڳ جنس يا ساڳي جنس جي شخص لاءِ ڪشش ۽ ويچارن کي صحيح نموني سنڀالڻ جي لياقت.<br>3. **دليلي ويچار**- عورت ۽ مرد جي سماج ۾ عهدي بابت ماڊيمن جي ظاهري سياءُ پئدا ڪرڻ جي اثر کي سُڃاڻي سگهڻ.<br>4. **پڪو ارادو ڪرڻ جو آتم وشواس** - جنسي غير وهنوار ٽارڻ لاءِ پڪو ارادو ڪرڻ لاءِ ضروري آتم وشواس پئدا ڪرڻ.<br>5. **مئسلا حل ڪرڻ** - جنسي پيڙڻ جهڙن مسئلن تي صحيح قدم کڻي مسئلو حل ڪرڻ جي لياقت. |
| 5. | مان ۽ منهنجو ڪرئير | 1. **دليلي ويچار** - ڪرئير بابت ويچارن کي جاچي پنهنجو نظريو ٺاهڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>2. **مسئلو حل ڪرڻ** - پنهنجي ڪرئير جي راهه ۾ ايندڙ مسئلن تي صحيح علاج ڪرڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>3. **مقصد طيءِ ڪرڻ** - پنهنجا مقصد طيءِ ڪرڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>4. **خود- بندوبست**- پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>5. **اثردار رابطو** - ڪرئير بابت وڏن جا ويچار سمجهڻ ۽ پنهنجا ويچار مناسب لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>6. **فيصلو وٺڻ** - ڏنل ستن ڪيترن مان پنهنجي پسند جي ڪنهن به هڪ ڪيتر کي چونڊي انجي پنيرائيءَ جي لياقت ڌارڻ. |
| 6. | مان ۽ عملي ڪلا | 1. **ڪلا بابت سمجهه** - عملي ڪلا جي بنيادي جزن جي سمجهه حاصل ڪرڻ.<br>2. **پيش ڪش** - عملي ڪلا جي الڳ الڳ قسمن، بنيادي جزن جو استعمال ڪري پيش ڪش ڪرڻ جي لياقت ڌارڻ.<br>3. **اظهار** - پنهنجا ويچار، پاونائون ۽ آزمودا عملي ڱلا وسيلي ظاهر ڪري سگهڻ جي لياقت حاصل ڪرڻ.<br>4. **سرجڻ شيلتا** - ڪنهن عملي ڪلا ۾ نئين پئدائش جي لياقت ڌارڻ.<br>5. **سندرتا نظريو پئدا ڪرڻ.**<br>(الف) ڪنهن ڪلا جي نموني ۾ پسند ايندڙ جزن کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ سگهڻ.<br>(ب) عملي ڪلائن جي اظهار ۾ جزن جي علحدگي قبول ڪرڻ ۽ انجي اهميت سمجهي انجي پنيرائي ڪرڻ جي لياقت حاصل ڪرڻ. |

# ماسترن لاءِ

**دوستو،**

'خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند اهو نئون وشيہ سيکارڻ جي اهميت پري، للڪار واري پر خوشي ڏيندڙ جوابداري توهان تي سپرد ڪيل آهي ان لاءِ توهان کي واڌايون. هن وشيہ جي اهميت، خاصيت ۽ ان وسيلي چا حاصل ڪرڻو آهي ان بابت چاڻ پوڻ تي تعليمي ترتيب اثردار ٿيندي ۽ شاگردن سان ٿيندڙ محنت ۾ ڪاميابي ضرور ملندي ائين سمتيءَ کي وشواس آهي.

**وشيہ جي ضرورت:**

1. درجو نائون ۽ ڏهون شاگردن جي تعليمي ترقيءَ جي لحاظ کان تمام اهميت وارو وقت آهي. پر ان ساڳئي وقت ۾ شاگردن ۾ بدني، مانسڪ بدلاءُ ٿيندا آهن ۽ انهن تبديلين جو اثر سندن اڀياس، پالڪن ۽ ماسترن سان ناتن ۽ سندن فيصلن تي پوندو آهي. انهن تبديلين جو روپ ۽ انهن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ جو طريقو جيڪڏهن شاگرد سمجهي وٺن تہ انجي خراب اثرن کي ٽاري سگهجن ٿو.

2. ان وقت ۾ شاگرد خود بابت، پنهنجين پسندين، دوست - ساهيڙين ۽ مستقبل بابت سجاڳيءَ سان ويچار ڪندا آهن. انهن ويچارن کي اسڪولي اڀياسڪرم ۾ جڳهہ ملڻ سان سندن ويچارن کي صحيح طرف ملندو ۽ پاڻ ڏانهن حقيقي نظريو رکڻ سان پنهنجين سناين / خامين جي چاڻ پوندي. ان مقصد سان 'خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند' وشيہ کي اڀياسڪرم ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

3. درجي ڏهين ۾ ڪلا جي آنند ۾ هنر وڪاس ڪرڻ تي زور نہ آهي. اهو نظريو بٽائڻ تي آهي. ڪلا جا اَلڳہ الڳہ وهڪرا سمجهڻ، سندرتا جون ڪجهہ تڪنيڪون سمجهڻ، ڪلا جا ويچار سمجهڻ، ڪلا پئدائش جي ترتيب ۾ خوشي وٺڻ، نيون ڳالهيون پئدا ڪرڻ وغيره ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن.

**اهڙيءَ ريت اسڪولي جيون مان ٻاهرين زندگيءَ ۾ قدم رکندڙ شاگردن کي آتم وشواس سان جيئڻ لاءِ تيار ڪرڻ جي مقصد سان هيءَ چڻ تہ هڪ ڪڙي آهي.**

**سکڻ - سيکارڻ جي ترتيب :**

هيءَ وشيہ سيکارڻ جو طريقو ۽ انجا اميد ڪيل نتيجا پين اسڪولي وشين کان الڳہ هئڻ سبب هيءُ طريقو برابر سمجهي انتي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

1. هن ڪتاب جو مواد رچناوادي طريقي سان سيڪارڻو آهي ان لاءِ مناسب مشغوليون سوال ۽ هدايتون ڪتاب ۾ ڏنل آهن. ڪوبہ باب سيکارڻ کان اڳہ انجو پورو اڀياس ڪرڻ ۽ مشغوُلين جي رٿا ٺاهڻ ضروري آهي. فقط ضرورت وقت ڪتاب کولي پڙهڻو آهي.

2. هن وشيہ جي ڪاميابي فقط ’جاچ‘ شاگردن تائين پهچائڻ ۾ نہ آهي. شاگردن کي پاڻ ۾ بين لاءِ ويچار ڪرڻ تي اتساهہ ڏيارڻ لاءِ آهي. ڪلاس ۾ ٽينڊز ڪريائون، مشغوُليون، گفتگو، گروهہ ڪاريہ، خود پرکہ، اهائي اصلي تعليم آهي. اهي ترتيبون عمل ۾ آڻڻ ئي ماسترن جو مقصد آهي. توهان جو ڪردار مددگار جو هجي.

3. هن وشيہ ۾ شاگردن کي پاڻ بابت پنهنجن مسئلن بابت آزاديءَ سان چوڻ ڏجي. ان لاءِ ڪلاس جو ماحول پروسي مند ۽ هلڪو ڦلڪو هئڻ گهرجي. شاگردن تي ڪنهن بہ قسم جو دباءُ، ڏپ هئڻ تي وشيہ غير مطلب ٿي پوندو. شاگردن جي ٻڌايل مسئلن بابت سنجيدگي هئڻ گهرجي.

4. ڪتاب جي هرهڪ مشغوُليءَ سان نياءُ ڪري چرچا، گروهہ ڪاريہ صحيح طريقي ڪرائجي. وشيہ جو مول انجوُن مشغوُليون، چرچا، گروهہ ڪاريہ آهي. اهو هميشهہ خيال ۾ رکو. ڪنهن بہ سبب ڪري چرچا يا گروهہ ڪاريہ نہ ٽاريو.

5. چرچا ۾ ڪابہ ڳالهہ صحيح يا غلط نہ آهي. شاگرد پاڻ ويچار ڪن، دليلي جواب ڏين ۽ انهن جوابن جي پنيرائي ڪري سگهن اها ئي اميد ڪيل آهي.

6. سوالن جي هر نظريي کان سمجهہ اچي ان لاءِ وڏيڪ سوال پڇي کُليل ويچار ڪرڻ تي مجبوُر ڪجي.

## مارڪن جي ورهاست :

1. هن وشيہ لاءِ ڪابہ قلمي آزمائش نہ آهي. پر ڪلاس جي تعليمي ترتيبن جو ساندهہ ۽ سمورو ملهہ ماپڻ ۽ داخلا رکڻ ضروري آهي.

2. شاگرد هن وشيہ لاءِ هڪ 200 صفحن جي ڪوري ڪاغذ واري ڪاپي ٺاهن ۽ ان ۾ مشغوُليون ڪن. ٿيلهي جي وزن جي مدي سبب ٻيو ڪنهن بہ قسم جو سامان نہ واپراڻو آهي.

3. هرهڪ باب کان پوءِ هڪ ملهہ ماپڻ خاڪو ڏنل آهي. ان مطابق شاگردن جو ساندهہ ملهہ ماپڻ ڪري اهو پاڻ وٽ درج ڪرڻو آهي. شاگردن جو ڪيل ڪم ڪاپيءَ ۾ جاچي خاڪن موجب مارڪون ڏيڻون آهن. سال جي آخر ۾ انهن جي مارڪن جو جوڙ ڪري سندن گريڊ طيءِ ڪرڻي آهي.

# فهرست


1. مان هڪ ناگرڪ
صفحو - 1

2. مان ۽ ماڈيم -1
صفحو - 18

3. مان ۽ نظري ڪلا
صفحو - 35

4. مان ۽ ماڈيم -2
صفحو - 52

5. مان ۽ منھنجو ڪريئر
صفحو - 67

6. مان ۽ هنري ڪلا
صفحو - 87


ڊيرج ڊر ڊيرج شلا ڪين ملهن، ڪلا، جهيڙا حل ڪرڻ بابت صلاح ڏيندا آهن.
اڳيان اسان ڏٺو. نشا پرتاب، لوبوءِ راگهوءِ سيمنا جي دوستي هوندي آهي.
سمينا جو هاڻي ماءُ پيءُ سان جهيڙو نہ ٿيندو آهي. سندن ويچار ٻڌي اها الڳہ الڳہ رستي بابت سوچيندي آهي.
راگهو هاڻي ڪوبہ خطري وارو ڪم ڪرڻ کان اڳہ انجو نتيجو اسان سهن ڪري سگهنداسين چا اهو سوچيندو آهي نہ
هت سيني شاگردن کي هاڻي پنهنجي جوابداري ڪڻڻ گهرجي.
ڪين هاڻي ڊيرج ڊرءِ ڊيرج ۾ شلا جي ضرورت نہ آهي. اهو چئي هو نڪري ويا.
بلڪل تناءُ نہ ڪڻندڙ نشا هاڻي ڪريئر بابت ڌيان سان سوچي رهي آهي.
هاڻي اڳتي...
لوبو کي ننڊين ننڊين ڳالهين ۾ لڪل ڪلا هاڻي ڏسجي ٿي. انجي سندرتا جي نظر (پرکہ، وڌي آهي)
اسان ملهن موجب هلون ٿا چا؟ اهو پرتاب ڏسندو رهندو آهي.


اسان مان ڪنهن کي ديش سان وڌيڪ
پيار آهي انتي جهڳڙو ٿي رهيو آهي.
اري ڇا ٿيو؟
بيهو بيهو!
راگهو ۽ پرتاب جهڳڙو ڪندا آهن.
سمينا جهڳڙو ڇڏائڻ لاءِ ايندي
آهي.
(وري جهڳڙو شروع)
مان سيني مهاپرشن جي
جينتي ملهائيندو آهيان.
مان هر ۱۵ آگسٽ ۽ ۲٦ جنوريءَ کي
جهنڊي سلاميءَ لاءِ ويندو آهيان.
رستي تي ڪچرو ڦٽي
ڪرڻ ۽ ديش پريم جو
ڪهڙوء لاڳاپو؟
همم....
بس! مان هاڻي ئي توهانجو جهڳڙو
حل ڪريان ٿي، توهان مان ڪير
رستي تي ڪچرو نہ ڦٽي ڪندو
آهي؟

# 1 مان هڪ ناگرڪ



هرهڪ جوابدار ناگرڪ ديش جي شڪتي وڌائي ٿو.

**مقصد:**

1. جوابدار ناگرڪ جي معنيٰ پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهڻ.
2. جوابدار ناگرڪ جو وهنوار سُڃاڻي سگهڻ.
3. نيمن جي ضرورت ۽ نيم ڪيئن ٺهندا آهن، اهو پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهڻ.
4. لوڪشاهي زندگيءَ جا ملهه ۽ ان جي اهميت پنهنجن لفظن ٻڌائي سگهڻ
5. پنهنجي آس پاس جي واقعن جي چنڊڇاڻ ڪري لوڪشاهيءَ ۾ رنڊڪ پئدا ڪندڙ جزا سُڃاڻي سگهڻ ۽ چاڪرڻ سان اهو واقعو ڪري سگهي ها انجو اُپاءُ ڳولهڻ
6. پنهنجي گهر ۽ اسڪوُل جو وهنوار ۽ ماحول لوڪشاهي جيئن موجب اهي يا ان بابت آتم جاچ ڪري سگهڻ ۽ نه ته انجا اُپاوَ ڳولهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

## 1. ناگرڪ معنيٰ ڇا؟

ناگرڪ لفظ توهان هميشه ٻڌاندا آهيو.

- ’پارت جو ناگرڪ‘ چوڻ تي توهانجي من ۾ ڇا ايندو آهي؟
- توهان کي ڪهڙا لفظ ياد پوندا آهن؟
- پارت هڪ جوابدار ناگرڪ ڪيئن هجي ان بابت پنهنجن لفظن ۾ لکو.
- توهانکي ايندو هجي ۽ وڻندو هجي ته توهان جوابدار ناگرڪ جو چتر ڪڍي سگهو ٿا.

شاگردن کي سندن من جا ويچار ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. هرهڪ جا ويچار الڳ تي سگهن ٿا. ڪين همٿايو. ان مشغوُليءَ بابت باب ۾ اِها ذڪر ٿيندو.

## 2. پارت جي لوڪشاهي.



لوڪشاهي معنيٰ ڇا ۽ ديش هلائڻ لاءِ انيڪ سرڪاري سرشتن مان هڪ طريقو آهي لوڪشاهي.

لوڪشاهي معنيٰ -

- ماڻهن جو راڄ - ماڻهن جا عيوضي ماڻهن دواران ئي چونڊيل هوندا آهن. ان ڪري اهو ماڻهن جو ئي راڄ آهي.
- ماڻهن لاءِ هلايل راڄ. ديش جا سڀ نيم، قاعدا ماڻهن جو ڀلو اهم سمجهي ٺاهيا ويندا آهن.
- ماڻهن جو ڳڏجي هلايل راڄ - چونڊجي آيل عيوضي ٻه ماڻهن مان ئي چونڊيا ويندا آهن ان ڪري هڪ قسم سان ماڻهن جو ڳڏجي هلايل راڄ آهي.

اسانجو سرڪاري سرشتو ٻين ديشن کان الڳ ڪيئن آهي

اهو ڄاڻڻ لاءِ هيٺين ديشن جي سرڪاري سرشتن بابت ٿوري ۾ ڄاڻ هٿ ڪريو.

- اُتر ڪوريا.
- سعودي عريبيا
- چين

ٿوري ۾ لوڪشاهي يعني ماڻهن جو، ماڻهن لاءِ، ماڻهن دواران گڏجي راڄ آهي، پر ڇا هرهڪ ماڻهو پنهنجي من مطابق هلندو ڇا؟

شاگردن سان هيٺين مدن تي چرچا ڪريو.
لوڪشاهي ۽ ٻين سرشتن جا فائدا ۽ نقصان.
شاگردن کي پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ ڏيو. ڪين ڪنهن ﺑﻪ هڪ جواب تي راضي ڪريو.

### 3. نيمن جي ضرورت:

ٿورو مزو ڪريون

ماستر جي هدايت جو پالن ڪريو.

هڪ ٿيلهيءَ ۾ ڪجهه گوليون / چاڪليٽ رکو. (شاگردن جي عدد کان گهٽ) اها ٿيلهي ڪلاس ۾ اڳين بينچ تي رکو. ۽ شاگردن کي اهي کڻڻ لاءِ چئو. ان کان پوءِ فقط جاچ ڪريو.

- ان ۾ ڪيترا ڇوڪرا، ڪيتريون ڇوڪريون هيون؟ ڇوڪرين جو عدد گهٽ يا وڌيڪ ڇو هو؟

5. گوليون / چاڪليٽ اڳين بينچ تي رکڻ سان اڳين شاگردن جو حق وڌيڪ هو ڇا؟ يا سڀني جو حق ساڳيو هو؟

سڀ گوليون / چاڪليٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ شاگردن سان هيٺين ڳالهين تي چرچا ڪريو:

1. گوليون / چاڪليٽ سڀني کي برابر انداز ۾ مليا ڇا؟
2. شاگردن جي عدد کان گوليون / چاڪليٽ گهٽ آهن. اهو انهن شاگردن کي خبر هئي ڇا جن چاڪليٽ / گوليون کنيا.
3. هرهڪ کي انهن مان ڪجهه ملي ان لاءِ ڪنهن ڪوشش ڪئي ڇا؟
4. سڀني کان وڌيڪ گوليون / چاڪليٽ جن کي مليا انهن بابت هيٺيون ڳالهيون درج ڪريو.

- اهي شاگرد ڪٿي ويٺا هئا ؟ ٿيلهيءَ ويجهو ويٺل شاگردن کي ڪجهه فائدو ٿيو ڇا؟



**سمجهي وٺو**

اسان ڏٺو ته جيڪڏهن نيم نه هوندا ته شايد سيني شاگردن کي ساڳيون گوليون نه ملنديون. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن نيم نه هوندا ته ديش جي سيني ناگرڪن کي هڪ انداز ۾ دؤلتون، جيئن پاڻي، بجلي، صحت شيوائون نه ملنديون. ان ڪري جڏهن اسانکي ڪن وسيلن - دؤلت جو گڏجي استعمال ڪرڻو هجي ته ان لاءِ ڪو پڪو سرشتو بيحد ضروري هوندو آهي.

## 4. نيم ڪيئن ٺهندا آهن؟

**ٺوري وندر ڪريون.**

سمجهو توهان بين ماڻهن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ساموندي رستي تان وڃي رهيا آهيو. اچانڪ طوفان اچي ٿو. توهانجي ٻيڙي ٽڪي پوي ٿي ۽ توهان هڪ اڻڄاڻ ٻيٽ تي پهچو ٿا. توهان ٻاهر نڪرڻ جا سڀ طريقا ڳولهيا پر ڪو رستو نه مليو. ۽ توهانکي گروهه کي باقي زندگي اُتي ئي رهڻو پوندو، پوءِ گڏ رهڻ، ڪم ڪرڻ ۽ خوش رهڻ لاءِ توهان ڪهڙو بندوبست ڪندا؟

شاگردن جا گروهه ڪريو.
هرهڪ گروهه کي چرچا ڪرڻ لاءِ همٿايو. ان لاءِ ١٠ منٽ وقت ڏيو، پوءِ هرهڪ گروهه اڳيان اچي پيش ڪش ڪري.



سمجهو هڪ ٻيٽ تي ٽيءِ ٽيو ته هڪ ماڻهوءَ جي ئي هلندي، ٻئي ٻيٽ تي ٽيءِ ٽيو ته ڪنهن نيم جي ضرورت نه آهي، هر ڪنهن کي جيئن وڻي تيئن ڪري ائين ٻيٽ تي ائين ٽيءِ ٽيو ته هرهڪ کي آزادي آهي پر انجا ڪجهه نيم آهن. ٺهي مان ڪهڙي ٻيٽ تي ماڻهو خوش رهندا؟ ڇو؟

**چرچا ڪريو:**

1. جيڪي نيم ٺهيا انهن جو ڪهڙو آڌار هو؟
2. ٺاهيل نيم ڪن ملهن تي آڌارت هئا ڇا؟
3. سيني گروهن جي نيمن ۾ ڪا هڪجهڙا ئي هئي ڇا؟
4. توهان جي ويچار موجب ڪهڙي گروهه جا ماڻهو خوش رهندا؟

**سمجهي وٺو**

ڪو سرشتو صحيح نموني هلائڻ لاءِ ان ۾ نيم هئڻ گهرجن. انهن نيمن پنيان ڪي ملهه هوندا آهن. ملهن بابت اسان گڏيل سان سکياسين. ڪي ملهه شخصي هوندا آهن ته ڪي عام، سڄي سماج جا ملهه هوندا آهن. گڏجي. خوش رهڻ لاءِ ملهه بيحد اهم آهن.



**ذرا ويچار ڪريو:**

ساڳين گروهن ۾ شاگردن کي ورهايو. هينين مدن تي چرچا ڪرايو.

**ڪهڙن پنجن ملهن تي آڌارت نيم ٺاهڻ سان ماڻهو گڏجي مسجي رهندا ۽ ڪم ڪري سگهندا؟ ڪاپيءَ ۾ لکو.**

ان ڪان پهرين مشغوليءَ موجب، اسانکي جيڪڏهن اڇا موجب هلڻ جي آزادي گهرجي پر ڪي نيم پالڻا هجن ته اهي ڪهڙن ملهن تي آڌارت هجن؟ توهانجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

**هينين حدن تي چرچا ڪريو:**

- ڏنل واقعن ۾، انهن شخصن جي بي. عزتي تي ائين شاگردن کي محسوس ٿئي ٿو ڇا؟
- جيڪڏهن ائين بي عزتي ٿيندي رهي ته شخص بي عزتي ڪندڙ سان گڏجي مسجي ڪم ڪندو ڇا؟
- سماج ۾ گڏ رهندي هرهڪ سان عزت سان وهنوار ڪرڻ گهرجي ائين شاگردن کي محسوس ٿئي ٿو. ڇا؟

### 5. نيمن پنيان ملهه

**هينين واقعن بابت توهانکي ڇا ٿو لڳي؟**

- نشا جي اعليٰ اڏڪاريءَ هن کي گهٽ وڌ ڳالهايو.
- دوست منميت جو سيني اڳيان اپمان ڪيو.
- مائٽن شوئيب کي مهمان اڳيان دڙڪا ڏنا.
- ائگنيس جي ساهيڙيءَ سيني جي سامهون هنجي مذاق اُڏائي.

**سمجهي وٺو**

سماج ۾ گڏجي مسجي خوشيء سان رهڻو هجي ته هڪ ٻئي جو آدر، عزت ڪرڻ ضروري آهي. **انڪري ’عزت‘** ملھ ضروري آهي. اسانکي ڪنهن ماڻهوء جو ويچار سُنو نہ بہ لڳي تہ بہ اُنجي عزت ڪرڻ گهرجي.

## هينين مان ڪهڙي ڪم ۾ عزت ظاهر ٿئي ٿي ۽ ڪنهن ۾ نہ ٻڌايو؟

- اڳيان سُنو ڳالهائڻ پنيان اُن ماڻهوء جي گلا ڪرڻ.
- وڏن ڪي وهڻ لاء جڳهہ نہ ڏيڻ.
- ہ ماڻهوء آمهون سامهون آيا تہ ٻئي ڪي وڃڻ لاء جڳهہ ڏيڻ.
- ڪنهن جي ڪهتتاين بابت چيڙائڻ.
- ڪنهن ڪي ڳالهائڻ جي وچ ۾ ٽوڪڻ.
- ڪنهن جي راء جو مزو اُڏائڻ.
- ڪنهن جي چوڻ تي ڌيان نہ ڏيڻ.
- منهن بڻائڻ، اکيون ڦيرائڻ.
- ڪو توهان سان ڳالهائي تہ موبائيل سان کيڏڻ.

شاگردن سان هڪ هڪ جملي تي چرچا ڪريو، ڪين سمجهايو تہ عزت انيڪ ڪمن مان ظاهر ٿيندي آهي. ساڳئي نموني بي عزتي بہ انيڪ نمونن ۾ ظاهر ٿيندي آهي.
ڪنهن ماڻهوء جي بي عزتي ڪرڻ سان انتي اثر ٿئي ٿو پر انجو اثر اسان تي بہ ٿيندو چا؟

## مٿين مثالن جهڙا ٻيا مثال بہ ٻڌائي سگهبا چا؟



**بي جان شين لاء عزت ڏيکارڻ.**

هينين شين جيءزت ڪرڻ معنيٰ چا؟

- اناج - کاڌو
- ندي - تلاءُ - سمنڊ
- بس - ٽرين وغيره
- آمدرفت جا وسيلا
- جهنگل، آس پاس جي پسگردائي.

مُدن تي چرچا ڪريو.

1. مليل شين / وسيلن جي بي عزتي اسان کان ٿيندي آهي چا؟ ڪيئن؟
2. انهن وسيلن جي عزت لاء چا ڪرڻ گهرجي؟

## سمجهي وٺو

ڪنهن وسيلي جي بي عزتي ڪرڻ معنيٰ انجو ملهه نه سمجهڻ، انجو قدر نه ڪرڻ، شخص جي بي عزتي ڪرڻ جي جيئن هنتيءَ اسان تي اثر ٿئي ٿو تيئن ديش جي دؤلت، وسيلن جهڙوڪ جهنگل، پاڻي، زمين، بجلي، تعليم، صحت شيوائون جي بي عزتي ڪرڻ تي به انجو اثر اسانجي زندگيءَ تي ٿئي ٿو. اهي وسيلا ختم يا خراب ٿين ٿا يا سيني کي نٿا ملن.

## ٿورو مزو ڪريون

اهڙو هڪ ڪم ڳولهيو جيڪو توهان خود ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ ڪنهن به ساهواري يا بي جان شيءِ جي مدد نه وٺڻي پوي.

- شاگردن کان پڇو ته اهڙو ڪو ڪم مليو ڇا؟
- اهو ڪم ڪرڻ لاءِ سچ پچ ڪنهن ساهواري يا بي جان شيءِ جي گهرج نه پئي ڇا؟
- اهڙا گهٽا ڪم مليا؟
- ان مان ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

## ذرا ويچار ڪريو:

توهانکي جيڪڏهن هڪ چاڪليٽ کائڻو هجي ته توهانکي ڪنهن تي مدار رکڻو پوندو؟ اهو چاڪليٽ ٺاهڻ لاءِ کچو مال پئدائش ڪندڙ ماڻهوُ، ڪين لڳندڙ وسيلا، ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو، مال جي آمدرفت ڪندڙ ماڻهوُ، وڪرو ڪندڙ ۽ اهو خريد ڪرڻ لاءِ پيسو ڪمائيندڙ ۽ ڏيندڙ پالڪ.





ساڳئي نموني هيٺين ڪمن لاءِ توهان ڪنهن تي مدار رکندا انجي ياداشت ٺاهيو.

1. توهان کي اِسڪول جي موڪلن ۾ راند ڪرڻي آهي؟

2. توهانکي ڳانا ٻڌڻا آهن.

3. توهانکي پاڻيءَ ۾ پيهڻو آهي.

**ڏنل تصوير ۾ ڪهڙو جزو - شيءِ نه هجي ته به هلي؟**



شاگردن کي سمجهايو ته تصوير جا سڀ جزا اهم آهن. انهن مان هڪ به نه هجي ته ڪم نه ڪري سگهبو.

## ذرا ويچار ڪريو:

پنهنجو شخصي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ به اسان سماج جي الڳ الڳ جزن تي مدار رکندا آهيون اهو توهان سمجهو. سُٺي زندگيءَ لاءِ هرهڪ جزي جي گهرج آهي. اها گهرج ڪيئن پوري ڪرڻ گهرجي؟



سمجهو توهانکي پروجيڪٽ پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتاب گهرجي. اهو ڪتاب ٻئي وٽ آهي. توهان ڇا ڪندا؟

- ڪتاب ڏيڻ لاءِ وينتي ڪندا.
- اهو ڪتاب زبردستي ڪڍي وٺندا؟

**هيٺين مدن تي چرچا ڪريو.**

1. انهن ٻنهي طريقن جو نتيجو ڇا ٿيندو؟
2. انهن مان ڪهڙو طريقو جٽادار، خوشي ڏيندڙ، ٺناءُ رهت ۽ ٻنهي جو فائدو ڪندڙ آهي؟
3. جيڪڏهن هرڪو ٻين کان زبردستي ڪسي وٺندو ته انجا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟
4. سماج خوشي ۾ ڳڏجي رهندو ڇا؟

**سمجهي وٺو**

گڏجي مسجي رهڻ لاءِ 'هڪ ٻئي کي سهڪار ڪرڻ' ضروري آهي. انڪري 'هرڪنهن سان سهڪار ڪرڻ' جو ملهه جتن ڪرڻ گهرجي.

هيٺين ڳالهين بابت ويچار ڪريو. انهن واقعن ۾ توهان کي ڇا لڳندو؟

- گهر ۾ ڪنهن هڪ جي پسند جا ٽي.وي چئنل هلايا ويندا آهن.
- گهر ۾ ننڍيل کا سُٺي شيءِ هڪ ئي ڀاتيءَ ختم ڪري ڇڏي ۽ توهانکي اها نه ملي.
- گڏدرنگ ۾ ڪن خاص شاگردن کي کلا پيش ڪرڻ جو موقعو مليو.

1. شاگردن کي سندن جواب کي سمجهائڻ لاءِ چئو.
2. ڳالهيون هنن سان ٿيڻ تي ڪين وٽندو ڇا؟
3. نه وٽڻ تي ڪهڙي تڪليف ٿيندي؟ چرچا ڪريو.

**ڪي سوال**

پسند جو چئنل ڏسڻ، پسند واري شيءِ کائڻ ۽ کلا پيش ڪرڻ توهان کي پنهنجا حق لڳن ٿا ڇا؟ توهانجو حق کسيو وڃي ته توهان کي تڪليف ٿيندي ڇا؟ توهان کي ڪهڙا حق آهن؟ انهن جي ياداشت ٺاهيو.

| نمبر | حق جو نالو | ان ۾ ڇا شامل آهي؟ |
|---|---|---|
| ١. | سُٺي تعليم جو حق | سڀ وشير سمجهڻ، چؤطرف واڌارو ٿيڻ. |
| ...... | ............................................... | ............................................... |

انهن مان ڪهڙا حق ٻين کي به آهن؟

اچو ته اهڙا ڪجهه حق ڏسون جي سڀني لاءِ برابر آهن.

- حفاظت جو حق.
- تعليم جو حق.
- صحت جو حق.
- صاف هوا، پاڻي ۽ کاڌي جو حق.



**ذرا ويچار ڪريو:**

مٿيان حق سڀني کي ملن ان لاءِ اسان تي ڪا جوابداري آهي ڇا؟

مثال: سيني کي حفاظت جو حق هئڻ لاءِ اسانکي آمدرفت جا نيم پالڻ جي جوابداري آهي. سيني کي صحتمند زندگيءَ لاءِ خراب عادت نہ ڌارڻ، صحيح کاڌو ۽ ڪسرت ڪرڻ، عام صفائيءَ جا نيم پالڻ بہ اسانجي جوابداري آهي. صاف پاڻيءَ جي حق لاءِ نديءَ ۾ ڪچرو نہ وجهڻ بہ اسانجي جوابداري آهي.

اچا هڪ مثال ڏسو.

ڪنهن ڊرائيور سگنل جو پالن ڪيو ان ۾ بہ ڳالهيون ممڪن آهن.

1. ٽرئفڪ پوليس سامهون بيٺو آهي.
2. ٻاڙهو سگنل مطلب بيهڻو آهي.

پهرين حالت ۾ ڊرائيور جي غلطي ڪرڻ تي ڪيس ڏنڊ لڳائڻ جو حق هوندڙ ماڻهو بيٺو هو. ٻين حالت ۾ حفاظت سيني جو حق آهي ان لاءِ نيم پالڻ پنهنجي جوابداري آهي اها پاونا آهي.

ٻين جا حق محفوظ رکڻ لاءِ صحيح فيصلو من سان وٺڻ گهرجي.

**سمجهي وٺو**

لوڪ شاهي هڪ سرڪاري سرشتو آهي اهو اسان ڏنو آهي. پر لوڪشاهيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اسانجي زندگي بہ لوڪشاهيءَ جي ملهن مطابق هئڻ گهرجي.

لوڪشاهي ملهن مطابق زندگي يعنيٖ هرهڪ جي عزت ڪرڻ، سهڪار ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ، هر ڪنهن کي زندگي جيئڻ جو برابر حق آهي اهو ڌيان ۾ رکڻ، حقن سان گڏ جوابداري سنڀالڻ ۽ ان لاءِ ضروري ڪم من سان ڪرڻ. هن ڪتاب جي پرتگيا پڑهو ان ۾ ڇا لکيل آهي؟

## 6. لوڪشاهيءَ ۾ رنڊڪ

هر ڪنهن جي عزت ڪرڻ، سهڪار، هرڪنهن کي برابر حق ۽ صحيح ڪم من سان ڪرڻ انهن ڇئن ڳالهين ۾ جيڪڏهن رنڊڪ آئي تہ نتيجي طوڙ لوڪ شاهيءَ ۾ رنڊڪ ايندي. ان ڪري ناگرڪ طوڙ انهن ڇئن ڳالهين ۾ رنڊڪ نہ اچي ان ڏانهن ڌيان ڏجي.

## لوڪشاهيءَ ۾ رنڊڪ آڻيندڙ جُزا

### 1. ماڻهن ۾ ڀيدڀاو ڪرڻ.

**خيالي تجربو:**

سمجهو توهانکي هڪ سنسان ٻيٽ تي بستي وسائڻي آهي. توهان کي پنج ماڻهوُ وٺي وڃڻ جي سهوُليت آهي. توهان ڪهڙيوُن خاصيت هوندڙ ماڻهن کي وٺي ويندا؟

انهن خاصيتن جي ياداشت ناهي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.



* هرهڪ شاگرد پنهنجين خاصيتن وانگر پنج ماڻهوُ چونديا يا الڳ خاصيتن وارا؟
* جيڪڏهن هرڪنهن ۾ ساڳيون خاصيتون - هنر هوندا ۽ هرڪو ساڳيو ڌنڌو ڪندو تہ دنيا هلندي ڇا؟
* ڪو ڪم اوچو ۽ ڪو ڪم خراب يا هيٺيون ائين چئي سگهجي ٿو ڇا؟
* توهان ڪنهن بہ ڪم جو ملھ ڪيئن طيءِ ڪندا آهيو؟

شاگردن جي ياداشت نهڻ ڪانپوءِ ڏنل مدن تي چرچا ڪريو.

شاگردن کي سمجهايو تہ هرهڪ شخص جو ڪم اهم آهي ۽ ان علحدگيءَ سبب ديش ۽ دنيا هلي رهي آهي.

ان ڪري هرهڪ شخص کي عزت ۽ مان سان جيئڻ جو حق آهي انجو هميشھ خيال رکڻ گهرجي.

## 2. الڳ الڳ زندگيءَ جي طريقن ۾ پيدياوار ڪرڻ

شاگردن جي لسٽ نهڻ ڪانپوءِ انهن مان کهڙيون شيون يا شخص سندن آس پاس نہ آهن، پين ايراضين، راڄين يا ديشن مان آيل آهن ان تي چرچا ڪريو.

پين ماڻهن جي زندگيءَ جون کهڙيون ڳالهيون اسانکي وڻنديون آهن ان ڪري اهي اختيار ڪيون آهن؟ پوءِ اسانجو زندگيءَ جو طريقو ئي صحيح آهي ائين چئي سگهبو ڇا؟

توهان کي وڻندڙ هيٺين شين جي ياداشت ٺاهيو.

1. کاڌو (منو، تکو ۽ الڳ الڳ کاڌا)
2. سنگيت، ساز
3. ڪپڙن جا قسم
4. سنيما / ناٽڪن جا قسم
5. ڏڻ وار
6. راندين جا قسم
7. نايڪ / نائڪا / گايڪ / گائڪا
8. چترڪلا، شلپ ڪلا

## 3. عام ملڪيت جو نقصان ۽ گڏيءَ جي سوچ

**خبرون ڳولهيو:**

جهونن اخبارن مان دنگن، هنسڪ آندولن سبب ڪيترن ڳاڏين، بسن جو نقصان ٿيو، عام ملڪيت جو ڪيترو نقصان ٿيو يعني هڪ طرح سان اسان جو ڪيترو نقصان ٿيو انجو اندازو لڳايو.

ماڻهو ائين ڇو ڪندا آهن؟ عام ملڪيت جو نقصان ڇو ڪندا آهن؟ ان لاءِ اسانکي گڏيءَ جي سوچ سمجهڻي پوندي.

- نقصان - ٽوڙ ڦوڙ جي خبرن مان شاگردن کي نقصان جو اندازو لڳائڻ ۾ مدد ڪريو.
- سمجهايو تہ سرڪاري پئسو يعني جنتا جو پئسو.
- گڏيءَ جي سوچ جا ٻيا مثال ڳولهڻ ۾ مدد ڪريو.

### گڏيءَ جي سوچ:

ڪيترائي دفعا ائين ڏسبو آهي تہ ماڻهن جي من ۾ ڪنهن ڳالهہ بابت ناراضگي هوندي آهي، دنگن يا آندولن جي روپ ۾ اها ٻاهر ايندي آهي. ان ڪانسواءِ ڪي ماڻهو ٻين جي ڀاونائن کي ڀرڪائيندڙ ڀاشڻ ڏيندا آهن. اهو ٻڌي ماڻهو غلط ڪم ڪندا آهن.

لڙاين / جهڳڙن (دنگن) ۾ ڏاڍا ماڻهو هئڻ سبب هرڪنهن کي ائين لڳندو آهي تہ ٿيل نقصان لاءِ مان جوابدار نہ آهيان. گڏي ۾ پنهنجو چهرو، سڃاڻپ ڏيکيل هئڻ سبب هنکي هڪ قسم جي حفاظت لڳندي آهي. ۽ ان ڪري ڪوبہ ڪم ڪرڻ ۾ ڪين همت محسوس ٿيندي آهي.

- ائين عام ملڪيت جو نقصان ڪرڻ توهانکي صحيح لڳي ٿو ڇا؟
- پراچين قلعن، عمارتن تي ڪجهہ لکڻ، بس جي سيٽ خراب ڪرڻ، رستن تي صاف هنڌن تي ٿُڪڻ يا پخانو ڪرڻ بہ عام ملڪيت جو نقصان ڪرڻ آهي.
- توهان اهڙا ٻيا ڪهڙا مثال ڏنا آهن؟
- عام ملڪيت جو نقصان ڪرڻ مان لوڪشاهيءَ جو بنيادي ملهہ کي ڇيهو رسي ٿو؟

## 4. سچ ۽ شخصي راءِ

نوين ۽ جارج بہ دوست هئا. هڪ ڏينهن نوين چيو تہ ڀارت جو ’الف‘ رانديگر دنيا ۾ بهترين آهي. جارج چيو تہ نہ آسٽريليا جو ’ب‘ رانديگر بهترين آهي. ان تي نوين اُداس ٿي ويو. جارج جو ڀارت سان پيار نہ آهي، اهو ڪوڙو آهي، ائين سوچڻ سبب هنجو جارج سان جهڳڙو ٿي پيو.

’دنيا جو سڀ کان بهترين رانديگر ڪير؟ ان بابت شخصي رايا علحدا ٿي سگهن ٿا. ان بابت ڪو هڪ سچ نہ آهي. بهترين رانديگر جي ڪسوٽي ٿي سگهي ٿي.

## .5 ڄاڻ جي ڇڪاس نہ ڪرڻ

پون جي کيت ۾ باهہ لڳي. هننکي خبر پيئي تہ باهہ بين ماڻهن لڳائي آهي. هوُ پنهنجن ماڻهن کي وٺي بين جي کيتن جو نقصان ڪري ٿو. پوليس ۾ شڪايت ٿي. (تحقيقات) جاچ پڙتال ۾ ائين خبر پئجي تہ پون جي کيت ۾ باهہ گرميءَ سبب لڳي هئي. پون کي سزا ملي. مليل ڄاڻ ڇڪاسڻ بنا فقط ٻڌل ڄاڻ تي وشواس ڪرڻ. بين تي انياءُ ڪرڻ، غلط فيصلو وٺڻ، غلط ڪم ڪرڻ جو امڪان رهي ٿو.

## .7 شخصي ننڍي ڳالهہ ۽ انجو وڏو نتيجو.

ائين ڏسجي ٿو تہ الڳہ الڳہ ماڌيمن ۽ اسڪوُل ۾ کيل جاڳرتا سبب ڦتاڪا ٻارڻ ۽ ان سبب ٿيندڙ غلاظت گهٽجي رهي آهي. يعني هرهڪ شاگرد ذريعي کيل ننڍي ڪم جو بہ قوُمي سطح تي وڏو اثر ٿي سگهي ٿو.

### شخصي ننڍا ڪم ۽ انجو وڏو نتيجو - کي مثال



- جتي بجلي، پاڻي سهوُليتون ڀرپور آهن اُتي انهن جي بچت ڪرڻ سان اهي هرڪنهن کي ملي سگهنديون.
- اسانکي سستي اگهہ ۾ عام سهوُليت جا وسيلا (بس، ٽربن وغيره) ميسر آهن. انهنجو وڌيڪ استعمال ڪرڻ سان ان بندوبست کي مالي فائدو ٿيندو ۽ اسانکي وڌيڪ سهوُليتون ملي سگهنديون.
- اسان ڊل ڀريندا آهيون، ووٽنگ ڪندا آهيون. اهي بہ ايمانداريءَ سان ڪرڻ سان ديش ۽ اڳتي وڌي ٿو.

## .8 جوابدار ناگرڪ ڪير؟

هاڻي تائين ٿيل چرچا موجب هيٺين مان ڪهڙي شخص کي توهان جوابدار ناگرڪ چوندا؟



- جيڪو ووٽنگ نٿو ڪري.
- جيڪو ماڻهوُ ايمانداريءَ سان ڪم ڪري نيم پاليندو آهي.
- اهو ماڻهو جيڪو چوي ٿو تہ مونکي ديش لاءِ بيحد پيار آهي پر رستي تي ٿڪي ٿو.
- جيڪو سنگل نٿو پالن ڪري.
- جيڪو بين ماڻهن خلاف عضو ڦهلائي ٿو، قوت وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
- جيڪو ماڻهو پاڻ وٽ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي گهٽ ٿو سمجهي.
- جيڪو ماڻهوُ سڀني سان گڏجي مسجي هلي ٿو.

**سمجهي وٺو**

فقط ديش جي ناگرڪ طؤر ئي نہ بلڪ گهر جو ياتي، اسڪوُل جي شاگرد طؤر بہ اسان سماج جا حصا آهيون.
اتي بہ اسانکي هڪ ٻئي سان گڏجي مسجي رهڻو آهي.
پوءِ انهن سيني هنڌ بہ لوڪشاهيءِ جا ملھ اَهم نہ آهن ڇا؟ ٿوري ۾ لوڪشاهي فقط هڪ سرڪاري طريقو نہ بلڪ زندگيءِ جيئڻ جو هڪ طريقو هئڻ گهرجي.

## 9. گهر ۾ لوڪشاهي

هرهڪ شاگرد هيٺيون سوال نامو ايمانداريءِ سان حل ڪري پنهنجي گهر جو ڪهڙو چتر اڀيان اچي ٿو اهو ويچار ڪريو. توهان اهو سوال نامو ڳجهو رکي سگهو ٿا.

| گهر ۾ لوڪشاهي | بلڪل قبول | قبول | گهٽ قبول | بلڪل نہ قبول |
|---|---|---|---|---|
| ڪوئي ڪنهنجو ايمان نہ ڪندو آهي. | | | | |
| وڏا فيصلا وٺڻ وقت سيني جي راءِ پڇي آهي، مڃو تہ بہ ويندو آهي | | | | |
| مالي رٿا ۾ توهان جو بہ سهڀاڳ آهي | | | | |
| گهر جا مرد بہ ڪاڏو ناھڻ يا ٻين ڪمن ۾ مدد ڪندا آهن. | | | | |
| گهر جون عورتون بہ ٻاهر جا ڪم ڪنديون آهن. | | | | |
| گهر ۾ رهڻ جا ڪي نيم آهن جيڪي سيني سان لاڳوُ آهن. | | | | |
| ڪنهن ڳالھ تي الڳ الڳ رايا هجن تہ ڳالھ ٻولھ سان حل ٿيندا آهن. | | | | |
| سيني ٻارن کي / ڀائر ڀينرن سان هڪجهڙو ورتاءُ ٿيندو آهي. | | | | |
| گهر جون سڀ سهوُلتيون واپرڻ جو هرڪنهن کي ساڳيو حق آهي. | | | | |

**ٿوري وندر**

اهڙو سوال نامو اسڪوُل لاءِ بہ ٺاهي سگهبو ڇا؟ گروهن ۾ سوال نامو ٺاهيو. توهانکي ڀاڻ ۾، پنهنجي گهر ۾ يا اسڪوُل جي ماحول ۾ ڪا تبديل چاهيو ٿا ڇا؟

## 1. سمجهي وٺو

لوڪشاهي زندگيءَ جا چار ملهه سمجهو
(ڪجهه سوال هجن ته ماستر کان پڇو)

## 2. سُڃاڻو

پريل سوال نامي موجب توهانکي پاڻ ۾ ڪي تبديليون آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ڇا؟
گهر جو يا اسڪول جو ماحول لوڪشاهي طريقي موجب هلائڻ لاءِ ڪجهه تبديليون ضروري لڳن ٿيون ڇا؟

## 3. قدم وڌايو

ڪتنب ۾ تبديليون آڻيون هجن ته پالڪن سان لوڪشاهيءَ جي ملهن تي چرچا ڪريو. اسڪولُ ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ ماسترن، هيڊماستر سان ڳالهيايو. آزادي ۽ جوابداريءَ جو ميل جهل ڪيئن ڪري سگهبو انجو ويچار ڪريو.

## 4. عمل ۾ آڻيو

گهربل تبديليون عمل ۾ آڻيو. ڪو تجربو ڪامياب نه ٿيو ته چرچا ڪري سيني جي راءِ سان ان ۾ بدلاوُ ڪيو.

FAZCG2

## ملهه ماپڻ (وزن 15%)

| ڪسوٽي | سٺو (تمام سٺو) | ٺيڪ (گهٽ سٺو) | ٺيڪ نه (صفا سٺو نه) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| پنهنجي گهر بابت سوال نامو | سوال نامو ايمانداريءَ سان پريو. جتي لوڪشاهي طريقو نه آهي اتي چا ڪري سگهجي ٿو اُن جو ويچار ڪيو. | سوال نامو پريو پر جتي لوڪشاهي نه آهي ان بابت ڪجهه نه ڪيو. | سوال نامو نه پريو. | |
| ڀين ديشن جو سرڪاري سرشتو | ڀين ديشن جي سرشتن بابت صاف نموني لکيو ۽ فرق سُڃاڻي سگهيو. | ڀين ديش جي سرشتن بابت لکيو پر فرق سمجهه ۾ نه آيو. | اڌورا جواب لکيا. | |
| | لوڪشاهيءَ ۾ رنڊڪ وجهندڙ جزا ۾ چرچا ۾ ڀاڱه وٺي ويچار ظاهر ڪري ٿو. | چرچا ۾ ڀاڱه ورتو | انداز سان جواب ڏنائي ٿو. | |
| ڪلاس جي ڪمن ۾ ڀرو. | باب جا سڀ ڪم اُتساهه سان پورا ڪيا. سڀ ڪم ڪاپيءَ ۾ لکيا. | باب جا سڀ ڪم پورا ڪيا. | ڀين شاگردن مان نقل ڪري ڪم ڪيو. | |


پر ايترو تيز اُپواس چو ڪجي؟
ڪنهن هنڪي سندن وزن تي چڙايو ته هوءَ ڊائيٽ ڪرڻ لڳي ۽ چڪر ڪائي ڪري پيئي.
هڪ ڏينهن نشا کي دواخاني ۾ داخل ڪرڻو پيو
مضبوُط ۽ همت وارا ائين طيءَ ٿيو.
باپ ڙي! ۽ آدرش ڇوڪرو ڪيئن نظر ايندو آهي.
چوي ٿي ته جئن مان هڪدم آدرش سٺي ۽ سنهي ڇوڪري ڏسڻ اچان.
اڙي ها! ڪنهن طيءَ ڪيو؟
طيءَ ٿيو آهي؟... پر اهو ڪنهن طيءَ ڪيو؟

# 2 مان ۽ ماڌيم - 1




جنهن جو ماڌيم تي ضابطو هوندو آهي انجو سنڌس من تي ضابطو هوندو آهي.

**مقصد:**

1. شاگرد چارٽ ٽيڪنڪ جي معنيٰ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن.
2. چارٽ ۾ ڦهلاءُ جي ماڌيمن / وسيلن جو اثر پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن.
3. چارٽ ۾ ڦهلاءُ جي وسيلن جو اُپيوگ سمجهائي سگهن.
4. ڪشور اوسٿا جي دماغ جي علحدگي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن.
5. بريون عادتون معنيٰ ڇا، سندن جسماني، پاونڪ ۽ مالي اثر ڪهڙا آهن اهو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن.
6. خراب عادتن کي منهن ڏيڻ جا ڪي رستا خبر هئڻ.

1. 'ماڌيم' جي معنيٰ تي شاگردن سان چرچا ڪريو. ۽ شڪل تيار ڪريو.
2. ماڌيم جي وصف ڪان شروعات ڪري شاگردن جو ڌيان چارٽ ۾ ڦهلاءُ جي ماڌيمن ڏانهن ڇڪيو.

### 1. ماڌيم معنيٰ ڇا؟

'ماڌيم' لفظ توهان ٻڌندا آيا آهيو. توهان ماڌيم - وسيلو ڪنهن کي چوندا آهيو؟ توهان روزاني زندگيءَ ۾ اهي لفظ ڪٿي واپريندا آهيو؟ (هيٺ انجو چتر ڏنل آهي. ڪجهه مثال پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

**ماڌيم**

**1. لفظ جي معنيٰ**

..................................

**2. ڪٿي واپرجندو آهي؟**

مثال سنڌي ماڌيم جو اسڪول.

..................................

**3. قسم**

مثال، شڪل، گيت، ٻولي اظهار جا ماڌيم آهن

..................................

**4. ماڌيمن جي اهميت**

مثال ٽي-وي سبب دنيا جون خبرون ۽ نظارا ڏسجندا آهن.

..................................

**5. پيا**

مثال چيڪ، ڊرافٽ، مالي وهنوار جا ماڌيم آهن.

..................................

**سمجهي وٺو**

جاڻ ۽ ڦهلاءُ جا ماڌيم يعني جن وسيلي ماڻهن تائين جاڻ پهچائي ويندي آهي. مثال اخبارون، مخزن، ٽي.وي. انٽرنيٽ، ريڊيو، ڊاڪيومينٽري، پٽ پتر، وغيره. انهن ماڌيمن جو اپيوگ ماڻهن تائين جاڻ، ويچار پهچائڻ لاءِ ٿيندو آهي.

## توهان تائين جاڻ ڪيئن پهچندي آهي؟

1. دنيا ۾ ٿيندڙ واقعا توهانکي ڪيئن خبر پوندا آهن؟
2. بازار ۾ آيل نيون شيون توهانکي ڪيئن خبر پوندا آهن.
3. نئين فئشن بابت توهان کي جاڻ ڪيئن ملندي آهي؟
4. ديش جي مشهور ماڻهن جا ويچار توهانکي ڪيئن خبر پوندا آهن؟

شاگردن سان ڏنل سوالن بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو ۽ جواب ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چئو.
هُو ڪهڙا ماڌيم وڌيڪ استعمال ڪندا آهن ان بابت چرچا ڪريو.
مثال: اُهي اخبار پڙهندا آهن ڇا؟




## ماڌيمن بابت ڪجهه ويچار ڪريون

جاڻ ۽ ڦهلاءُ جا ماڌيم فقط جاڻ پهچائيندا آهن ڇا؟

1. اخبارن ۾ خبرن کانسواءِ ٻيو ڇا ڇاپيل هوندو آهي؟ اخبارن جي سمپادڪيه ۾ ڇا هوندو آهي؟
2. ٽي.ويءَ تي وندر جي پروگرامن کانسواءِ ٻيا ڪهڙا ڪاريه ڪرم هوندا آهن؟
3. سنيما جي شروعات ۾ پرايوجڪ سري هيٺ ڪجهه نالا ڏنل هوندا آهن. انهن جا ڪم ۽ سندن اهميت ڇا آهي؟
4. توهان هڪ خبر الڳ الڳ نيوز چئنل تي ڏٺي هوندي. ڇا ساڳئي طريقي ڊيڪاريل هوندي آهي يا الڳ الڳ؟

ڏنل سوالن تي شاگردن سان چرچا ڪريو. ڪاپيءَ ۾ لکايو.
ماڌيم فقط جاڻ نه پهچائي نياپا به پهچائڻ ٿا اهو شاگردن کي سمجهايو.

ٿوري وندر

## توهان چونڊ ڪيئن ڪندا آهيو؟

1. توهانجي گهر ۾ ڪهڙو صابڻ، پيسٽ، تيل، ڪريم ايندي آهي؟
2. توهانکي ڪهڙا ڪپڙا پائڻ اسٽائلش لڳندو آهي؟
3. سُنو لڳڻ لاءِ اسان وٽ ڪهڙيون شيون هئڻ گهرجن ائين توهانکي لڳي ٿو؟
4. توهان جي ويچار موجب هڪ جوان ڇوڪري / ڇوڪريءَ ۾ ڪهڙا گُڻ هئڻ ضروري آهن؟

شاگردن کي سوال پڙايو ۽ جواب لکڻ لاءِ چئو. سندن اچا هجي ته اڳيان اچڻ لاءِ چئو.
اسانجي پسند، ناپسند تي اشتهار ماڌيمن جو وڏو اثر ٿيندو آهي ان بابت شاگردن کي پڙايو.

متين شڻن بابت توهانکي ڇاڻ ڪٿان پيئي؟ اها شيءِ توهان ڪٿي ڏني؟ اها خاص شيءِ ڇو چونڊي؟
اسانکي ائين هئڻ گهرجي اهو توهان ڪيئن طيءِ ڪيو؟

## ماڌيمن جو اثر



الڳ الڳ ڇاڻ ۽ ڦهلاءُ ماڌيمن جو اسان تي ڇاتي. اڻ ڇاتي اثر ٿيندو آهي. اشتهارن ۾ پڙايل شيون اسانکي گهرجنديون آهن. اخبارن جي سمپادڪ ليکن، ٽي-ويءَ تي ڏيکاريل خبرن سان اسان متاثر ٿيندا آهيون. سنيما ۾ ڏيکاريل هيرو - هيروئن جا ڪپڙا، وهنوار جو اسان نقل ڪندا آهيون. اهو اثر حد کان وڌيڪ ٿيڻ تي ۽ اسان ڇاڳرڪ نه رهنداسين ته اسان پنهنجا اهم فيصلا به ٻين موجب ڪٽندا آهيوُن ۽ اسانجو پاڻ تي ضابطو نه رهندو آهي.

## ماڌيمن جا اسان تي ٿيندڙ اثر

1. گهٽتائي جو احساس پئدا ٿيڻ.

ٿوري وندر

توهانجي ڏاڏي ڏاڏيءَ کان هينيان سوال پڇيو
1. اهي وارن ۾ ڊينڊرف لاءِ ڪهڙو شئمپوُ هٽندا آهن؟
2. اهي ڪهڙو ڪنڊشنر واپرائيندا هئا؟
3. سندن ڏُت پيسٽ ۾ ڪهڙا جُزا هوندا هئا؟
4. ڪين ڪڏهن سانورو هئڻ يا چهري جي نشانن بابت گهٽتائي لڳي ڇا؟

شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو ته توهان کي لڳي ٿو ڇا ته ير ۾ ڏنل مسئلا اهم آهن؟ ڇو؟

هينيون اشتهار جو مثال ڏسو ان ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو ويو آهي؟

1. هڪ ڇوڪرو عام ڪپڙا پائيندو آهي ته ٻُڌن سان مقابلو نه ڪري سگهندو آهي. پر 'اب ث' ڪمپنيءَ جا ڪپڙا پائي ڪيس همت اچي ويندي آهي.

2. هڪ ڇوڪرو ڪولڊ ڊرنڪ نه پيئندو آهي ته ان ڏانهن ڪوبه نٿو نهاري. پر اهو ڇوڪرو 'ڪ ڪ گ' ڪمپنيءَ جي ڪولڊ ڊرنڪ پيئي ٿو ته سڀ هنجا دوست ٿين ٿا.

3. هڪ ڪتنب ڪي ننڍي ڪار هوندي آهي ته ڪوئي ڪين نهاريندو نه آهي، جڏهن هوُوڏي ڪارو وننڌا آهن ته ماڻهن جي قطار لڳي ويندي آهي.

شاگردن سان چرچا ڪريو ته ڏنل اشتهار مان ڪهڙو سنديش مليو. همت هئڻ، دوست ناهڻ، سُڃاڻپ ٺاهڻ اهو ڪا شيءِ خريد ڪري / واپرائي ڪري سگهجي ٿو ڇا؟



## ٿوري وندر

شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو ته انهن سادين شين جو اشتهار ڪرڻ مان ڪين ڪهڙو آزمودو آهيو؟

شاگردن جا گروهه ڪيو. ڪين سيفٽي پن، ڦڻوتو، ياچيون، ڦل وغيره جا اشتهار ناهڻ لاءِ چئو. سندن پيش ڪش ڪريو.

## سمجهي وٺو

ڪيترا ئي دفعا اسان تي اشتهار اهو اثر پئدا ڪندا آهن ته اسانجو جيون ڪيئن گهٽ درجي جو آهي، اسان ۾ گهٽتايون آهن. ان سبب اسانکي ضرورت نه هوندڙ شيون به وٺڻيون پونديون آهن. انهن شين ڪي پئدا ڪرڻ لاءِ قدرت جا وسيلا به خرچ ٿيندا آهن. انهن ضرورت نه هوندڙ شين جي خريديءَ سان قدرتي دؤلت تي خراب اثر بابت انٽرنيٽ تان جاچ هٽ ڪريو.

ان ڪري ڪابہ نئين شيءِ خريد ڪرڻ کان اڳہ پاڻ کان پڇو

1. ان شيءِ جي مونکي گهرج آهي ڇا؟
2. اها شيءِ نہ هئڻ سان اسانکي ڪا تڪليف ٿيندي ڇا؟
3. ان شيءِ سبب قدرت کي ڇيهو نہ رسندو نہ؟ ائين آهي تہ ان شيءِ جو ٻيو ڪو چارو آهي ڇا؟
4. اسان ان شيءِ جي فقط اشتهار ڪري تہ اها خريد نٿا ڪريون نہ؟

’اسٽوري آف اسٽف‘
فلم ڏيکاري شاگردن کي چرچا ڪرايو.
اسان ڇا ڪري سگهون ٿا ان بابت چرچا ڪرايو.

ٿوري ونڊر

چرچا ڪريو
1. ڏنل خبرن ۾ ڪهڙو فرق ڏسجي ٿو؟
2. اهي خبرون پڙهندڙ تي خبرن جو ڪهڙو اثر پوي ٿو؟

”في وڌڻ جا اثر: انجنيئرنگ جون سيٽ خالي.“
’ٻارن جو لاڙو ڪلاء ڪامرس شاخائن ڏانهن، انجنيئرنگ ڏانهن نظراندازي‘
’انجنيئرنگ ڪاليج ۾ گهٽ داخلا‘
هڪ ئي واقعي جون خبرون پڙهيو ۽ ڀيٽ ڪريو.

## 2. اسان تائين پهچندڙ خبرون

ڪري ڏسو

ٽن يا چئن الڳہ الڳہ اخبارن ۾ هڪ ئي خبر بابت خبر - سمپادڪ ليکہ پڙهو. انهن ۾ ڪجهہ فرق آهي ڇا، اها درج ڪريو.

شاگردن سان چرچا ڪريو
1. خبر - سمپادڪ ليکہ ۾ ڪجهہ فرق آهي ڇا؟
2. جيڪڏهن ها تہ ڪهڙو فرق؟
3. ان فرق جو پڙهندڙ تي ڪهڙو اثر ٿيندو؟

## سمجهي وٺو

پارٽ ۾ دوُردريشن سان گڏ ٻين خانگي چئنلس، خانگي اخبارون، مخزن بہ شايع ٿيندا آهن. انهن مان هرهڪ جا پنهنجي سياسي، سماجڪ سوچ، يا مالي فائدا ٿي سگهن ٿا. اهي هوٗ پنهنجن ماڌيمن وسيلي ظاهر ڪندا آهن. انڪري اسانجو سڄاڳ هئڻ ضروري آهي، فقط ماڌيمن ۾ ايندڙ خبرن تي وشواس نہ ڪري ڪنهن خبر ڏانهن ڌيان سان ٻڌڻ، ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري انکي سمجهڻ گهرجي.

### 3. مردن جو ظاهري سياءُ

**ٿوري وندر**

توهان جون ڏٺل فلمون ياد ڪريو ۽ انهن ۾ هيرو کي ياد ڪريو. توهانکي ان هيرو وانگر ٿيڻ وڻندو ڇا؟ توهان ڪنهن هيرو وانگر ورتاءُ ڪرڻ يا انجي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ڇا؟ ڪنهن هيرو جي ڪهڙي ڳالهہ ۾ نقل ڪرڻ توهانکي وڻندي.

شاگردن سان ڏٺل مُدن تي چرچا ڪريو.
شاگردن کي اڳيان اچي ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو. شاگرد پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکن تہ بہ هلي.

قلمن جا هيرو هينين مان ڇا ڇا ڪندا آهن؟
ان تي نشان ڪريو.

1. سگريٽ پيئڻ
2. داروُ پيئڻ
3. نشي وارين شين جو استعمال
4. ماراماري ڪرڻ
5. ڇوڪرين کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ
6. تيز گاڏي هلائڻ
7. جان خطري ۾ وجهي اسٽنٽ ڪرڻ



8. آمدرفت جا نيم توڙڻ
9. مهانگا ڪپڙا، گاڳل، گهڙيون پائڻ.
10. ٻيو ڪجهه (لکو)

1. شاگردن کي نشان ڪيل مُدا ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چئو.
2. چرچا ڪريو ته هيرو اهي سڀ ڳالهيون سنيما ۾ ڇو ڪندو آهي؟
3. ائين ڪجهه نه ڪندڙ هيرو توهانکي وڻندو ڇا؟ ڇو؟

## سمجهي وٺو

اسان جي اڳيان، هيرو جو سڀاءُ همت وارو، ضابطو رکندڙ، ٻين جي پرواهه نه ڪندڙ، سيني مسئلن جو اُپاءُ هوندڙ، ڪڏهن به ناڪامياب نه ٿيندڙ ائين پيش ڪيو ويندو آهي. اهڙو سڀاءُ جوانن کي وڻندو آهي. اهو سڀاءُ ناهڻ ۾ نشيدار شيون، سگريٽ، نيم توڙڻ، پيڇو ڪرڻ اهي سڀ شيون شامل آهن. ائين به ڏيکاريو ويندو آهي ته هيرو کي هميشه سڀ ڪجهه ملندو آهي.

## ٿوري وندر

هيٺيان اشتهار پڙهو.

1. ’پ پ ت‘ بائيڪس اُن کي ليئي جنهي در نهين لڳتا!
2. ’ٿ ٿ ٿ‘ گهڙيان، خوب جمڱا امپريشن!
3. ’ک گ ڳ‘ صرف هوشيار بچون کي ليئي!

توهان جي ڏٺل اهڙن اشتهارن جي ياداشت ناهيو.

شاگردن سان هيٺين مدن تي چرچا ڪريو.
1. هرهڪ اشتهار ۾ ڇا ٻڌايو ويو آهي؟
2. انهن اشتهارن جو ڏسندڙن تي ڪهڙو اثر ٿيندو هوندو؟
3. اشتهارن ۾ ٻڌايل ڳالهيون صحيح هونديون ڇا؟
4. توهانجي چاڻ ۾ ٻيا ڪهڙا اشتهار آهن؟

## ذرا ويچار ڪريو:

**سانجهي ديش ۾ انيڪ مشهور عورتون - پرش ٿي گذريا آهن. هوُ فقط بي ڊپا ۽ همت وارا نہ هئا بلڪ نياءُ جو پاسو ڪٽندڙ، ماڻهن جي حفاظت ڪندڙ بہ هئا پوءِ طاقتور، عورت - مرد ٿيڻ لاءِ ماڌيمن ۾ ڊيکاريل ڳالهيون ڪرڻ جي سچ پچ گهرج آهي ڇا؟**

توهان جي ويچار موجب هڪ آدرش مرد يا عورت ۾ ڪهڙا گڻ هئڻ گهرجن؟



## 4. عورتن جو سياءُ

توهان جا ڏٺل فلم، ناٽڪ ياد ڪريو. انهن ۾ ناٽڪا (هيروئن) جو سياءُ هينين مان ڪيئن هو؟

1. گانا ڳائڻ
2. ناچ ڪرڻ
3. هميشه سُنو ڏسڻ ۾ اچڻ، مهانگا ڪپڙا بوُٽ، زيور پائڻ.
4. مصيبت ۾ پوڻ، هيرو طرفان ڇڏائڻ
5. نائڪن ۾ ٻين عورتن کي ڦسائڻ
6. ناٽڪ ۾ جيئن ٻيا مرد (پتا، ڀائر) چون تيئن هلڻ
7. ڏکين حالتن تي غالب پيئي ڪامياب ٿيڻ.
8. ٻيو ڪجهہ (لکو)

1. شاگردن کي مُدا ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چئو.
2. هيءَ هيرو هيروئن جي ڪمن جي ڀيٽ ڪريو.
توهانکي ڇا ٿو لڳي؟
3. فلم ۽ ناٽڪن مان استرين بابت ڪهڙو سنديش ڏنو ويندو آهي؟
چرچا ڪريو - عورتن سچ پچ ائين هونديون آهن ڇا؟
اهڙو سياءُ ڏيکارڻ سان ڏسندڙ جي من تي ڪهڙو اثر ٿيندو هوندو؟

### سمجهي وٺو

پهريان کان هلندڙ راءِ موجب استرين کي ڪمزور ۽ گهٽ سمجهو ويندو هو. هڪ طرح چوندا آهن ته عورتن کي پنهنجي راءِ نه هجي ۽ هنکي مرد جي آڌار جي ضرورت آهي ۽ ٻئي طرف عورت رڻائون ناهيندڙ هوندي آهي اهو ڏيکاريندا آهن.

## ذرا ويچار ڪريو:

1. سنيما جي هيروئن گهٽائي دفعا گهٽ ڪپڙا پائيندي گهمندي آهي.
2. اشتهارن ۾ ڏيکاريندا آهن ته عورتون صاف چهري واريون هونديون ته ئي سندن شادي ٿيندي.
3. استرين جي چهري تي، شرير تي ڪوبه داغ هوندو ته اهو بيحد نازڪ مسئلو آهي ائين اشتهار ۾ ڏيکاريندا آهن.
4. وزن گهٽ ڪرڻ جو اشتهار گهڻو ڪري عوّرتن کي ئي ٽارگيٽ ڪندا آهن.

توهان جي ڏٺل اهڙن اشتهارن جي ياداشت ناهيو.

شاگردن سان هينئين مدن تي چرچا ڪريو.

1. ڏٺل سيني مدن تي اشتهار وسيلي ڇا ڏيکاريو ويو؟
2. انهن اشتهارن جو اثر ڏسندڙ تي ڇا ٿيندو هوندو؟
3. انهن اشتهارن ۾ ٻڌايل ڳالهيون صحيح هونديون ڇا؟
4. توهان اهڙا ٻيا ڪهڙا اشتهار ڏٺا آهن؟

### سمجهي وٺو

هيروئن سهڻي، سندر، سنهي، اوچي ڏيکاري ويندي آهي. اها هيرو تي مدار رکندي آهي. اها سهڻي نه هوندي ته ڪيس زندگيءَ ۾ ڪجهه به نه ملندو. اها بيحدڪ نازڪ، پاونا شيل هوندي ته ئي هيرو کي وڻندي ائين ڏيکاريو ويندو آهي. ان مان ڇوڪرين کي ائين لڳندو آهي ته سُنو لڳڻ ئي عورتن جو مکيه ڪم آهي، هنجي روُپ تي ئي سماج ۾ هنجي اهميت طيءِ ٿيندي.

## ٥. سندر هئڻ ۽ سندر لڳڻ




متين ڏنل ٻن رستن بابت ويچار ڪريو.

### ماڌيمن جا اثر ۽ ڪشور اوستا جا ڀار

شاگردن سان چرچا ڪريو. سندن وهنوار مان ڪشور اوستا جي دماغ جون پير ۾ ڏنل خاصيتون ڏسجن ٿيون ڇا؟

اڳئين سال اسان سکياسين ته ڪشور اوستا جو دماغ ڪجهه ڳالهين ۾ خاص هوندو آهي. ان ۾ اهم ڳالهيون آهن.

1. ڪشور اوستا ۾ دماغ جو واڌارو ٿيل هوندو آهي پر صحيح ويچار ڪرڻ جو حصو اڃا پورو وڌيو نه هوندو آهي. انڪري سندن ڀاونائون تيز هونديون آهن. ڪين نيڍا فائدا ڏسجندا آهن پر پريان جا نقصان نه ڏسجندا آهن.
2. انڪري اهي خطرا جلدي کڻندا آهن.
3. خود تي ضابطو پوري طرح نه هئڻ سبب اهي من کي نه سمجهائي ڀاونا ۾ وهي ويندا آهن.

ڪشور اوستا جي ٻارن کي وڏيڪ خطرو ڪيئن آهي اچو ته ڏسون.

**خراب عادتن کي سُنو ڏيکارڻ:** فلم، ناٽڪ، اشتهارن ۾ ڏيکاريل خراب عادتن سبب ڪشور اوستا جا ٻار انهن ۾ ڦاسڻ جو امڪان وڏيڪ هوندو آهي. ان ڪري اچو ته پهريان انهن عادتن بابت سمجهون.



## عادتون

ڪنهن عادت جو غلام ٿيڻ يا ان پدارٿ جي ايتري عادت ٿيڻ جوان ڪانسواءِ جيئڻ مشڪل سمجهڻ انکي 'عادت پوڻ' چئبو آهي.

### ١. عادت جا خراب اثر:

تماڪُ وات ۾ رکڻ، چٻاڙڻ، پان مصالحو، گٽڪو، سگريٽ پيئڻ جا برا اثر.



### ٢. بيهوشي - نشو ڪندڙ پدارٿن جو اثر

نشيدار شين جي استعمال جا اثر هيٺ ڏيکاريل آهن. توهانجي ڪاپيءَ ۾ انساني شرير جي شڪل ڪڍو. شڪل ۾ ڏيکاريل اثر ڪهڙي حصي کي ٿيندا اهو ڏيکاريو.

## 3. آتم وڪاسي يا آتم وِناشي




**مٿي ڏنل ٻن رستن تي چرچا ڪريو.**

## 4. بري عادت لڳڻ جي ترتيب

مزو - مزو ڪري عادت وجهڻ
عادت مٿان ضابطو آهي، ائين چوڻ

ڏيري ڏيري بري عادت مٿان
مدار رکڻ

قدرتي نظارن جو آنند وٺڻ واري
مغز جي قابليت گهٽجڻ

آنند ۾ رهڻ لاءِ عادت جي
طلب ٿيڻ

ماڻهوءَ جو عادت جو غلام بڻجڻ.

اِنسان جو اِهو قدرتي سڀاءُ آهي تہ آنند حاصل ٿئي. خوشي ملي. پر عادت ۾ ٻُڌل ماڻهوءَ جي مغز جو اِها آنند وٺڻ مطلب مزو ماڻڻ جو قدرتي سڀاءُ گهٽجي ٿو. اِن ڪري خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو نشيدار شين جي گهرج محسوس ڪري ٿو. ڪنهن بہ عادت ۾ پوڻ هڪ بيماري آهي.



## ذرا ويچار ڪريو:

- اَڄ ڪلهہ تماڪ، سگريٽ، شراب، نشيدار دوائون اِنهن عادتن ۾ پوندڙ مرد عورتون وڌندڙ آهن. هڪ سروي اِنوسار ڀارت ۾ گذريل 10 سالن ۾ آتم هتيا جي ڪارڻن ۾ غريبي، قرض، ڏيتي ليتيءَ کان بہ وڌيڪ بري عادت وارو ڪارڻ ڏٺو ويو.
- عادت ۾ پيل ماڻهو پنهنجي عادت مٿان سراسري روز 60 رپيا خرچ ڪري ٿو مطلب سال ۾ 21,900 رپيا ٿئي ٿو، اِهي پئسا تعليم، گهر وغيره يا ٻين سٺن ڪمن ۾ لڳائي سگهجن ٿا.
- ڪنهن ماڻهوءَ کي 14 کان 18 اِن عمر ۾ نشيدار پدارٿ جي عادت لڳي ٿي تہ اِن ماڻهوءَ جو عادتي بڻجڻ 60% آهي. ٻي طرف عادت ڇڏائيندڙ جو سيڪڙو فقط 6-5 گهٽجي ٿو. اِنڪري نشيدار شين تي روڪ علاج کان بهتر آهي. مطلب پهريائين نشيدار شين جو سواد نہ چکڻ ئي سڀ کان سٺو آهي.

### 5. نہ چوڻ جو هنر

بري عادت هوندڙ ماڻهو جي زور تي بہ 'نہ' چوڻ سکو.

**دوست / ساهيڙين جي زور تي بہ 'نہ' چوڻ**

- ڏکو نہ، توهان کا بہ غلطي نہ ڪئي آهي.
- اِڪين سان اَکيون ملائي نہ چئو
- توهان دوست کي 'نہ' نٿا چئو، فقط اُن ڪم لاءِ 'نہ' ٿا ڪريو
- پنهنجو ويچار ٻئي مٿان نہ ٿو پيو اُها توهان جي جوابداري نہ آهي
- توهان جو سچو دوست سمجهي ويندو
- ڪنهن ڳالهہ ڪري خوب واد وِوِاد ٿئي ٿو تہ اُن وقت اُها جڳهہ ڇڏي ڏيو
- توهان جي 'نہ' چوڻ تي بہ توهان جو دوست هر گهڙي زور زبردستي ڪري ٿو، اُنجي دوستي ڇڏي ڏيو

## 6. بري عادتين جا اُپاءُ

توهانکي ڪي يا توهان جي ڪنهن واقف کي ڪا بري عادت لڳي هجي تہ،

- عادت - ڇڏائيندڙ مرڪز تي وڃو.
- عادتي ماڻهوءَ سان نہ وڙهو. ڪيس مانسڪ آڌار ڏيو.
- ماهرن جي مدد وٺو.
- ڪن شونقن ۾ من وندرايو.
- عادتي دوستن کان پاسو ڪريو.

توهان جي صحت جي سلامتيءَ جي، زندگيءَ جي جوابداري توهان مٿان آهي.

توهان کي يا ٻئي ڪنهن کي جاڻ ڏيڻ لاءِ عادت ڇڏائڻ لاءِ ملندڙ مدد بابت خبر آهي ڇا؟ هيٺ بنا چارج فون ڪريو
1800-11-0031
وقت: 9:30 کان شام 6.00
ڀارت سرڪار (آرتوار ڇڏي)
طرفان اِها مدد بنا ڪنهن پئسن جي آهي.

### ڪري ڏسو

ڪلاس ۾ ڇوڪرن جا 4-4 گروپ ٺاهيو. بري عادتن وارن ماڻهن جي نشانين ۽ سٺين عادتن وارن ماڻهن جون خاصيتون هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ لاءِ چئو. اُن عادتي ماڻهوءَ ڪري هن تي، ڪٽنب جي سماجي، آرٿڪ حالتن ۽ ڀاونائن تي ڪهڙو اَثر پوي ٿو. اِن بابت چرچا ڪريو.

### ماڌيمن جو اَثر ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ

## 1. سمجهي وٺو

ماڌيمن جو توهان مٿان ٿيندڙ اَثر بابت سجاڳ رهو. اِهو چڱيءَ طرح سمجهي وٺو.

## 2. سڃاڻو

توهان جي مٿان ماڌيمن جو اَثر ڪيترو، ڪيئن آهي، اِن بابت ويچار ڪريو ۽ اُهو سڃاڻو. توهان کي ڪنهن نشيدار پدارٿ جي عادت لڳي آهي ڇا؟ توهان جي دوست / ساهيڙين کي اِها عادت لڳي آهي ڇا؟

## 3. للڪار ڏيو

توهان ڪي ڪنهن پدارٿ جي عادت لڳي آهي.
اِن باب ۾ ڏنل طريقا عمل ۾ آڻيو.

## 4. عمل ۾ آڻيو

توهان، مقرر ڪيل تبديل عمل ۾ آڻيو.
ڪامياب نہ ٿيڻ تي، وري ويچار ڪريو.
مائٽن، ماهرن جي مدد وٺو.

ملهه ماپڻ مارڪن جو وزن - 15%

| ڪسوٽي | تمام سٺو (تمام سٺو) | ٺيڪ (سماڌان ڪارڪ) | ٺيڪ نہ (بنا سماڌان) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| نئين شيء خريد ڪرڻ | ڪهڙي نئين شيء خريد ڪئي. اُها ڪيتري غير ضروري هئي اُها سچائي سان لسٽ ٺاهيائين اُن کي گهٽ ڪرڻ جي يوجنا ٺاهي | فقط لسٽ ٺاهيائين، غير ضروري شين کي اَلڳ نہ ڪيائين. | لسٽ نہ ٺاهيائين | |
| توهان جي چونڊ وشيہ تي لکڻ | ڏنل پنج سوال برابر سمجهي، سوچي ويچاري اُنهن جا جواب لکيا | ڏنل پنجن سوالن جا جواب اَندازي سان لکيا. | ڏنل پنجن سوالن جا جواب بلڪل اَندازي سان لکيا. | |
| عادتي ماڻهوء ۾ بدل سدل بابت چرچا | چرچا ۾ چستيء سان ڀاڱہ ورتو. باب ۾ ڏنل ڄاڻ اُڌار تي چرچا ڪئي. | چرچا ۾ فقط ڀاڱہ ورتو. | چرچا ۾ ڀاڱہ نہ ورتائين. | |

FIZ4A7



اهو چا سر، مان سامهون ڏسي، هوبهو
چتر ڪڍيو ۽ لوبو فقط هڪ ٽڪنڊو
ڪڍيو ۽ توهان ٻنهي کي ’سٺو‘
اِهو رمارڪ ڏنو
نظري ڪلا جو پيرڊ پورو ٿيو
پر ڪلاس ۾ سڀ چون ٿا ته منهنجو
چتر وڌيڪ سندر آهي، هن جي
چتر ۾ ته غلطي آهي
چو ته بئي چتر
مونکي وڻيا
مونکي لڳي ٿو ته توکي چتر ڪلا
جي جدا جدا نمونن بابت
سيڪارڻو پوندو.
پر هن ته فقط
ٽڪنڊو ڪڍيو.
اڙي، ڪلا ۾ غلط برابر جهڙي
شيءِ ٿيندي ئي نه آهي.
توهانکي ڪا شيءِ وڻي
ٿي يا نه بس

# 3 مان ۽ نظري ڪلا

ڪلاڪار ڪڏهن بہ ناڪام ٿي نہ ٿو سگهي،
پنهنجي اَندر ڪلاڪار هئڻ هڪ جس آهي.



## مقصد

1. شاگرد پنهنجي لفظن ۾ ڪلا جي اَهميت ٻڌائڻ
2. نظري ڪلا اَندر ڏارائن جا نالا، ڪلاڪارن جا نالا ۽ اُن شئلي جون خوبيون ٻڌائڻ
3. ڪجھ جدا ڪلا جا قسم، اِنهن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ اُنهن جي ماڌيمن ۾ نونِرمتي ڪرڻ.
4. ڪلا بابت ۽ ڪلا جو جيون ۾ اِستان بابت ويچار ڪرڻ.

شاگردن کي جيڪو اَڪر وڻي، اُن سان شروع ڪرڻ ڏيو. خيالي شڪتيءَ کي همٿايو

### ٿوري وندر

توهان جي نالي جو پهريون اَکر لکو. اُن اکر مان توهان کو جانور، پکي، شيءِ وغيره جو آڪار ناهي سگهو ٿا ڇا؟ اُن اکر ۾ ڪا ڊزائين پري سگهو ٿا ڇا؟ نموني اَنوسار هيٺان چتر ڏسو.





گذريل سال اَسان نظري ڪلا بابت ٿوري ڄاڻ حاصل ڪئي هن سال اَسان نظري ڪلا جي اَهميت، وهڪرا ۽ اُن ۾ ڪئريئر اِمڪان بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

### ڪلا جي اَهميت

**توهان وٽ ٻہ روپيا آهن هڪ روپيو کاڌي تي خرچ ڪريو ۽ ٻيو ڪلا تي خرچ ڪريو. کاڌي کري توهان جي سگهندا پر ڪيئن جيئڻ گهر جي اِهو ڪلا ئي سيکاري سگهي ٿي.**

اِن سُويچار مان اِنسان جي جيون ۾ ڪلا جي تمام وڏي اَهميت ظاهر ٿئي ٿي.
ڪلا اَسان کي جيون جي جدا جدا ڏاکن تي سمرڌ ڪري ٿي.

- جيڪا ڀاونا، جيڪي ويچار، لفظن ۾ نہ ٿا ٻڌائي سگهجن، اُهي ڪلا وسيلي ظاهر ڪري سگهجن ٿا. اِها پيش ڪش سولي ۽ اَثرائتي بہ آهي.



- ڪلا ماڌيم دواران اَسان سهڻي شيءِ (مثال سينگار جي شيءِ، گلدستو)، سندر ڪلا نمونو(مثال چٽر، شلپ)، سندر آزمودو (مثال فلم) جوڙي سگهون ٿا. جنهن ڪري اَسان جو جيون آنندميہ ٿئي ٿو.
- ڪو سماجي سنديش پهچائڻ لاءِ، نظري ڪلا جو اَثرائتي نموني اُپيوگ ڪيو وڃي ٿو. مثال فقط ليڪچر بدران ڪا سنويدن شيل فلم يا فوٽو ڪم آڻبو تہ اُنجو ماڻهن تي من سان اَثر ٿيندو.
- ماڻهن کي اُتساهہ ڏيندڙ نظارا بہ نظري ڪلا ۾ واپرايا وڃن ٿا. بهادر پرشن تي ٺهيل فلمون، شلپ، چٽر وغيره شروعات کان ئي همٿائيندڙ رهيا آهن.
- پراچين ڪال جي ڪلا ڪِرتين جو اَڀياس ڪرڻ سان اُن ڪال جي سماجي جيون جي ڄاڻ پوي ٿي. اَسان وٽ حاصل ٿيل پُراتن شين جا چٽر، شلپ، ڪوٽيل برتن، رانديڪا، اُڪريل پٿر وغيره اِهي پراچين ڪلا جا چڱ گواهہ آهن.
- ڪلا ماڌيم ڪري ماڻهو گڏ ٿين ٿا ۽ اُنهن جو هڪ ٻئي لاءِ آدر وڌي ٿو جڏهن اَسان ٻين راڄين، ديشن جي ڪا ڪلا ڏسندا آهيون، اُن وقت اُنهن جي سنسڪرتي، ماڻهن بابت اَسان جي من ۾ آدر، پريم، سهانيوتي پئدا ٿئي ٿي. جڏهن اَسان ٻين ديشن جا چٽر، شلپ، سنگيت، ڪاٺ جا پدارٿ، اِنهن جو آزمودو وٺون ٿا، اُن وقت اَسان جو اُنهن سان هڪ قسم جو رشتو ٺهي وڃي ٿو.
- ڪلا رس وٺندڙ ماڻهن ۾ قدرت جي سندرتا ڳولهڻ جو سُڀاءُ پئدا ٿئي ٿو. ڪلا جو قدر ڪندڙ ماڻهو سانت سڀاءُ وارا، اَهنسڪ ۽ ٻئي سان جڙندڙ هوندا آهن.
- اِئين چيو وڃي ٿو آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان اُتم ڪلا قدرت ۾ ئي ڏسڻ اَچي ٿي. قدرت ۾ موجود رنگ، آڪار، آواز ماڻهن کي پريرڻا ڏين ٿا. اِنساني ڪلا ڪرتين ۾ اَهڙن قطارن جي جهلڪ ملي ٿي. ٿوري ۾ ڪلا سان جُڙڻ مطلب قدرت سان جُڙڻ.



- جڏهن اَسان ڪا ڪلا ڪرتي ٺاهيو ٿا يا ڪلا رس وٺون ٿا اُن وقت اَسانکي ڇا پسند آهي يا ڇا پسند نہ آهي اَن ڄاڻائي ۾ اِن جي خبر ملي وڃي ٿي. مطلب ڪلا معرفت اَسان پاڻ کي سڃاڻي سگهون ٿا.

- ڪلا جو اِنساني جيون ۾ غير رواجي اَهميت ايتري آهي جو ڪلا بنا اِنساني جيون جڻ هڪ قسم جانورن جي زندگي برابر آهي. مڪمل، سکي اِنساني زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن به ڪلا سان جوڙڻ ضروري آهي.

**ذرا ياد ڪريو!**

توهانکي ڪڏهن ڪنهن ڪلا ڪرتيءَ ۾ ڀاڱو وٺڻ جو موقعو مليو آهي ڇا؟ ڳائڻ، شلپ (سنگتراشي)، ڪهاڻي، ڪوتا، فلم، نرتيہ، ناٽڪ وغيره جو ويچار ڪريو. جي ها تہ ڪاپيءَ ۾ اُن بابت ٿورو بيان لکو.

## ڪجهہ علحدي نظري ڪلا

گذريل سال اَسان ڪجهہ مشهور ڪلائن جا قسم پڙهيا. هن سال ڪجهہ علحدي نظري ڪلائن جا قسم پڙهنداسين.

### آديواسي ڪلا

آديواسي سماج ڀارت کان سواءِ ٻين ديشن ۾ بہ موجود آهن. آديواسي جي چترن ۾ اَڪثر قدرتي تتون جا چتر ڪڍيل هوندا آهن. تمام سولا آڪار واپرائي تمام سندر چتر ڪڍڻ آديواسي ڪلا جي خوبي آهي. آسٽريلا کنڊ جي آديواسي چترن ۾ پڻ مهاراشٽر جي وارلي چترن جي جهلڪ نظر اَچي ٿي.





### آسٽريليا جا آديواسي چتر

آسٽريليا آديواسي چترن ۾ خاص ڪري ٽبڪا جو اُپيوگ ٿيندو آهي. اِهي ٽبڪا سنها يا ٿلها ٿي سگهن ٿا. ٽبڪن وسيلي جدا جدا آڪار ناهيا وڃن ٿا ۽ تيلين ويني اِهي ٽبڪا جوڙيا وڃن ٿا.

### ڳولهيو ڏسان

توهان جي ڀاڱي ۾ ڪا آديواسي قوم يا لوڪ ڪلا مشهور آهي ڇا؟ اُن جي کوج ڪريو. اُها ڪلا ناهڻ واري ۽ اِستعمال ڪندڙ ڪلاڪارن سان ڳالهايو. اُن ڪلا جي تڪنيڪ سمجهو ڪاپيءَ ۾ لکو.

## ڪولم رنگولي ڪلا



اَسان کي عام رنگوليءَ بابت ڄاڻ آهي. پر ڪولم رنگولي ڪلا هڪ الڳ ئي ڪلا آهي. اِن ڪلا ۾ پوروچوٽ ٽبڪا ڪڍيا ويندا آهن. اُنهن ٽبڪن جي چوگرد گول آڪار يا سڌيون ليڪون ڪڍي هڪ ڊزائين ٺاهجي ٿي. پوءِ سيني چوڌاري ڪا ڊزائين ٺاهجي ٿي اَهڙي نموني جدا جدا قسمن جون رنگوليون ڪڍي سگهجن ٿيون. اِها رنگولي اڳ ۾ چانورن جي اِٽي ۾ پاڻي وجهي ڪڍي ويندي هئي.

### ڪري ڏسو

ٻن - ٻن جا گروپ تيار ڪريو ڪجهه شاگرد ٻئي گروپ کي مقرر ٽبڪن جي رچنا ڪڍڻ ڏين. ٻيو گروپ اُن ٽبڪن مٿان ڊزائين تيارڪ ري. جئن سيني ٽبڪن جو اِستعمال ٿئي. پوءِ ٻيو گروپ رچنا ٺاهي ۽ پهريون گروپ ڊزائين ڪڍي. اِهو ڪم ڪاپيءَ تي پڻ ٻه ڪري سگهجي ٿو.

## ريکائڻ / ليڪڻ (ڊوڊل)







ڊوڊل مطلب هٿ ۾ پينسل، پين، اِسڪيچ پين کڻي بنا ڪنهن مطلب جي ڪهڙي ٻه ڪاغذ تي ليڪ ڪڍڻ اَهڙي قسم جي آڪار کي ريکائڻ چئجي ٿو. ريکائڻ ڪاپيءَ جي ڪنڊ ۾، پنيان پٺي تي، ڪتاب جي چترن مٿان، روزاني اَخبارن مٿان يا صاف پني تي ڪڍي سگهجي ٿو. توهان ڪڏهن نه ڪڏهن ريکاٽن ڪيو هوندو. ائين ڪرڻ اِنسان جو ٽينشن گهٽجندو آهي. خبر اَٿو ڇا؟

هرهڪ جي ڊوڊل ڪڍڻ جو طريقو علحدو ڪٿي ٿو ڪو پاڻ خاص ڍنگ سان چٽر ڪڍي ٿو تہ ڪو ڪنهن جي نقل ڪري ٿو.

## اُپارٽ (انستاليشن)

پارٽ اِن ڪلا ۾ ڪنس ٻه ٽ - ماپي جڳهہ جو اُپيوگ ڪري رچنا تيار ڪئي وڃي ٿي. ڪي ڪلاڪار دائمي طور اُپارٽ شيون تيار ڪندا آهن تہ ڪي ڪلاڪار ٿوري وقت لاءِ رچنا تيار ڪندا آهن. ائنڊي گولڊسوردي اِن برٽش رهاڪو اُپارٽ ڪلا ۾ عمدو ڪاريہ ڪيو آهي.





هن قدرتي هنڌن تي وچي، ميسر سامان واپرائي، اُتي اُپارڻ ڪلا ڪرتي ڪئي اهي. ڪڏهن ڪڏهن اِن اُپارڻ ڪلا ۾ سنگتراشي جا ٽڪر ڪرندا رهندا آهن. پر ڪلاڪار چوندا آهن تہ اِهو ڪرڻ تہ ميزان آهي. (Collapsing is balance)

## نظري ڪلا ۾ ڪجهہ چوند وهڪرا

شاگردن کي هرهڪ نموني جو چتر چڱيءَ طرح ڏسڻ لاءِ چئو. اُها جاچ نوٽ ڪرڻ لاءِ چئو. پورا اُنهن کي هرهڪ وهڪري بابت جاڻ ڏيو.

ڪلا مان پريرڻا

اِنسان قدرت مان ۽ روز مره جيون مان حاصل ڪري ٿو. اِن ڪري سندس آسپاس راجنيتي، سماجي ماحول جو، گهٽنائن جو اَثر سندس ڪلا مٿان اَثر پوي ٿو.

هرهڪ ڪلا ۾ جدا جدا ويچار اَچّي هلن ٿا، اُپيوگ ڪري سمجهيا وڃن ٿا. جدا جدا نمونا، ظاهر ڪري جا طريقا، ڪلا بابت نوان تتو تيار ٿيندا وڃن ٿا. اِن ڪي ئي ڪلا جو وهڪرو چئجي ٿو. نظري ڪلا ۾ اَهڙا ڪيترائي چوند وهڪرا آسان سمجهنداس. اِن ڪان سواءِ اِنٽرنيٽ تي ڪيترن ئي وهڪرن جي جاڻ موجود آهي.

شاگردن کي هرهڪ نموني جو چتر چڱيءَ طرح ڏسڻ لاءِ چئو. اُها جاچ نوٽ ڪرڻ لاءِ چئو. پورا اُنهن کي هرهڪ وهڪري بابت جاڻ ڏيو.

### اَثرواد (Impressionism)



مونيٽ 55.3 س.م. (Van Gogh) x 64.7 س.م

ڪئنواس تي نڪتل تيل چتر



وئن گوگهہ (Monet) 74x94

ڪئنواس تي نڪتل تيل چتر



اِن نموني جي شروعات فرانس ۾ اُڻ ويهين صدي جي پوئين اَڌ ۽ ويهين صدي جي شروعات ۾ ٿي اِن ڪان اَڳ چترن ۾ اِتهاسي، ڌرمي، قدرتي نظارا، ماڻهن جا چتر ليڪن وسيلي ڏيکاريا ويندا هئا. اُن ۾ آسپاس حالتون يا سماجي جيون جو ذڪر نه هوندو هو. اِهي چتر چئن پتين اَندرڪ ڏيا ويندا هئا. 19 صديءَ ۾ امپريشنزم نموني جي اَچڻ سان آسپاس جا واقعا ڏيان سان جاچ ڪري، اُهي آڪاٽيون ڪلاڪارن معرفت چترن روپ ۾ ڪيڻ شروع ٿيا. مطلب چئن پتين ڪان ٻاهر نڪري قدرت ۾ ويهي ريڪائن جو اَنداز وڌيو. اِن مان پونڊڙ روشني جا تز چتر ڪيڻ ممڪن ٿيو. اِن نموني جو ويچار ڪندي ننڍن ننڍن ٽٻڪن ۽ ليڪن جو اِستعمال ڪري اَصلي رنگ هڪ ٻئي پنيان پيش ڪيا وڃن ٿا. ڏسندڙ کي اِهي الڳ الڳ رنگ ملي نظر ايندا آهن. اِن نموني جي هڪ اَهم ڳالهه آهي ته چتر ۾ بندوبست مٿاڇري مٿان تيز رفتار سان ڏيندڙ روشني ۽ واتاورڻ ۾ بدلجندڙ حالتن جو چتر؛ ساڳئي نموني اُن وقت جي جيون جا چتر ۽ روشنيءَ جا پاڇا ڏيکاريندڙ چتر هوندا آهن اِن نموني جا مکيه چترڪار آهي مونيٽ ۽ (Van Gogh) وئن گاگهه.

## ڪعب واد



پابلو پڪاسو
60 x 49cm
ڪئنواس تي نڪتل تيل چتر



پابلو پڪاسو
126 x 73 x 41cm
رڱيل پتري ۽ مٿان چتر



پول سيزان
81 x 65cm
ڪئنواس تي نڪتل تيل چتر



ڪيوبزم جي اُوچ جو ڪال 1907 ڪان 1914 تائين ليکيو وڃي ٿو. اِن نموني جو پرمکه مرڪز پئرس ۾ هو. ڪيوبزم کي 21 صديءَ جي سڀ ڪان اَثرائتو چتر نمونو مڃيو ويندو آهي. اِن نموني ۾ جنهن مُدي تي چتر ڪيڏو هوندو آهي، اُن جي چنڊچاڻ ڪري جدا جدا جاميٽريءَ جي شڪلين ۾ ٽڪرا ڪري ڪري، اُهي ٽڪرا وري جوڙي هڪ مڪمل شڪل تيار ڪئي وڃي ٿي. ڪا شيءِ، ماڻهوءَ جو چتر اِهو فقط هڪ نظريو ۾ پر جدا جدا نظريا رکي اِهو نمونو ڪيڏيو ويندو آهي. سرشٽيءَ ۾ ساڪيات توڙي ت - ماپي

آڪار 41 هڪ سنئين مٿاڇري تي، روشنيءَ جي موٽ ۽ اونده جو اُپيوگ ڪري چٽر ڪڍيا ويندا هئا. اِن نموني جا مکيه چترڪار پابلو پڪاسو (Pablo Picasso) ۽ پول سيزان (Paul Cezanne) آهن.

## بي حد حقيقي واد (Surrealism)



جان مِرو
10 ميٽرن مان چٽر



جان مرو
355 x 270 س.م.
ڪئنواس تي نڪتل تيل چٽر



سليوبدار دالي
24 x 33 س.م.
ڪئنواس تي نڪتل تيل چٽر

اِن وهڪري جي شروعات 1920 جي پهرئين اَڌ ۾ ٿي. زندگيءَ ۾ اَسان جنهن شيءِ، ماڻهو، گهٽنا کي ڏسون ٿا، اُن جو اَسان جي من تي لوڪ نقل تيار ٿئي ٿو. اَسان جي من ۾ جنهن شيءِ، ماڻهو يا گهٽنا جي مورت يا ڪو خيال تيار ٿئي ٿو؛ اُهو حقيقت کان ڪجهه الڳ ٿي وڃي ٿو. اِهو اِن نموني جو اَصلي تتو گيان آهي. اَهڙي اِندر نهيل صورت کي ڪاغذ تي پيش ڪري من هلڪو ڪرڻ گهرجي اِهو اِن نموني جي چترڪارن جو مت آهي. اَهڙن قسمن جي چٽرن ۾ ڪيترائي دفعا حقيقي گهٽنائن کي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه نشانيون ڪم آڻجن ٿيون. اِن نموني جو مکيه چترڪار سليوبدار دالي ۽ جان ميرو آهي.



## اَمورت پيڪش



روٿڪو (Rothko) 212x239 س.م.
ڪئنواس تي ڪڍيل تيل چٽر



وليم ڊي ڪوئنگ جو (William De Kooning)
ڪئنواس تي ڪڍيل تيل چٽر



اِن وهڪري جي شروعات ١٩٤٠ جي ڏهاڪي آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ ٿي. اهو نمونو پڻ بيحد حقيقي واد نموني جي لڳ ڀڳ ويجهو ٿي اهي. ائين چئجي تہ بي حد حقيقي واد ئي اِن نموني کي جنم ڏنو آهي. اِن نموني ۾ رنگن جو هلڪي هٿن سان اِستعمال ڪيو ويجي ٿو. اِن نموني ۾ بن قسمن جي چترڪارن جو يوگدان هوندو آهي. هڪ مطلب ٽپهنجي من ۾ تيار ٿيل مورت کي ڪئنواس تي جدا جدا رنگن وسيلي چتر تيار ڪرڻ. اِن ۾ وِليم دي ڪوُننگ (William De Kooning) جو نالو ورتو ويجي ٿو. ۽ ٻيو مارڪ. روٿڪو جيڪو سادين ليڪن وسيلي، هن جو ڪئنواس تي هڪ رنگہ سان چتر جو گهٽو پاڻُو رڱي ٿو. بي قسم جو چترڪار وڌيڪ ڈارمڪ، سنسڪاري منوروتي وارو هوندو آهي چترڪار اُميد ڪندو آهي تہ چتر ڏسڻ بعد ڏسندڙ ٿورو چنتن ضرور ڪري.



## ٿوري وندر

اَيپاس ڪيل سڀ نمونن ۾ فرق ۽ هڪ جهڙايون ڪاپي ۾ لکو. ڪوبہ هڪ نمونو چونڊيو، اُن نموني جا چتر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريو.

جدا جدا نمونن وارا ٻيا بہ چتر شاگردن کي انٽرنيٽ تي ڏيکاريو. اِنهن جدا جدا نمونن ۾ فرق ۽ هڪ جهڙايون ڳولهڻ لاءِ چئو. نمونن اَنوسار گروپ ٺاهيو ۽ اُن نموني ۾ چتر ڪڍڻ لاءِ رهنمائي ڪريو.

شاگردن کي پهريائين ڪلاڪارن جا چتر ڏسڻ لاءِ چئو. جا آهي چترڪار جي ڪنهن خاص نموني جي ڄاڻ رکن ٿا اِن بابت چرچا ڪريو. پوءِ ڪين ڏنل ڄاڻ پڙهڻ لاءِ چئو.

## ڪجهہ ڀارت جا ڪلاڪار

چترڪلا جي جدا جدا وهڪرا ۽ اُنهن ۾ ڪن مشهور جڳہ پرسڌ ڪلاڪارن جي واقفيت اَسان کي ملي. هاڻي اَسان ڪجهہ مشهور ڀارت جي ڪلاڪارن جي پڻ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

### جميني راءِ (1887-1972)

جميني راءِ پهريون ڪلاڪار هو جيڪو پرڏيهي نمونو ڇڏي ڀارت جي پرمپرا، لوڪ جيو ۽ آديواسي جيون مان پريرڻا پائي پنهنجو هڪ نمونو تيار ڪريو سندس تعليم پشچمي چتر نموني مو ٿي. ڀارت جي ’ڪالي گهاٽ‘ نموني جو مٿس اَثر ٿيو. وڏيو. بادامي اَکيون، گول چهرا، گنل سرير اِهي اِن نموني جون خوبيون آهن. شروعات ۾ راءِ ڪاليگهاٽ نمونو اَپنايو پر پوءِ پنهنجو خاص نمونو تيار ڪيو. يورپي رنگن جو تياڳ ڪري هو ديري ديري مٽي، ٻج، پٿر، گل گُلي وغيره مان ٺهيل قدرتي رنگہ ڪم آندا. اُن جي چترن ۾ خاص ڪري ڳاڙهو، پيلو، گِري، سائو، نيرو ۽ اَڇو اِهي رنگہ ڪم آندل آهن.







سندس چترن ۾ ڳوٺ جو جيون ۽ سادگي نظر اَچي ٿي. جنهن ڪري اِها ڪلا وڏيڪ وڏيڪ ماڻهن تائين پهتي. اُنهن کي اِها ڪلا چڻ پنهنجي لڳي پنهنجي هڪ سچاٽپ تيار ٿي. اَهڙو ڪين ويچار هو. راءِ کي سنه 1955 ۾ پدم ڀوشڻ اِنعام سان نوازيو ويو.

## رام ڪنڪر بئج (1906 - 1980)



دانڊي ياترا



سنٿال پريوار



مل ڪال (مل شروع ٿيڻ جو اِشارو)

بئج بنگال جو هڪ مشهور سنگتراش هو. سندس ڪلا ڪرتين ۾ دلت، آديواسي سماج جيون جي جهلڪ نظر اَچي ٿي، ڪيس ننديڻ ڪان ئي پسگردائيءَ ۾ مڪاني چترڪار، مورتيڪار اِنهن جو ڪم ڏسڻ وٽندو هو. پاڻ به ننڍيون ننڍيون مورتون ٺاهي هڪ نئون شونق ۾ رڌل رهندو هو. اَڳتي زندگي ۾ هن اِهو شونق قائم رکندي پنهنجي ڪلا ۾ ڪيترين خاص تبديليون آنديون اُن وقت تيار ٿيل مورتون گهڻو ڪري ديوي ديوتائن ۽ حڪمرانن جون هنديون هيون. سنه 1938ع ۾ هن سنٿال (هڪ آديواسي جاتي) ڪڙمي پريوار جو شلپ ٺاهي پرمپرا ۾ هڪ فرق آندو. هن جي ڪوشش هئي ته ڪتليف سهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ هڪ سندرتا آڻي شلپ ٺاهي.

1956ع ۾ 'مل ڪال' شانتي نڪيتن ۾ ٺهيل هڪ مشهور سنگراش جو نمونو مڃيو ويندو آهي. اِن شلپ ۾ هل شروع ٿيڻ لاءِ اِشارو، عورتن جو هلڻ ۽ ٻارن جو واپس مڙڻ ڏيکاريو ويو آهي.

عورتن جي هلڻ جي رفتار، ٻارن جو ڊوڙڻ تمام سٺي نموني ڏيکاريل آهن. خاص ڪري شلبيو اُڏامندڙ دز سٺو نظارو پيش ڪري ٿي.

## ناراڻ شريڌر بيندري (1992 - 1910)



ڪاٿا



پرساڌن



قدرتي چٽر

ناراڻ شريڌر بيندري جو جنم اندور ۾ ٿيو. هڪ قدرتي چٽرڪار ناتي هن خوب نالو ڪمايو. سندس چٽرن ۾ رنگن جو اِستعمال هڪ خوبي مڃي وڃي ٿي. سندس ڀارت ۽ ٻين ديشن ۾ سير ڪرڻ جي شونق ڪري هنجي ڪلا ۾ پشچمي ۽ ڀارت نمونن جو انوکو ميلاپ نظر اَچي ٿو. چٽرن ۾ اَثرواد، ڪعبعوادي نمونا نظر اَچن ٿا. جدا جدا ماڌيم ۽ جدا جدا نمونا اِختيار ڪري هڪ چٽرڪلا ۾ ڪيترائي تجربا ڪيا. ڪنهن هڪ خاص نموني يا وشيه سان لڳي نہ بيهجي. اِهو هنجو ويچار هوندو هو. روزاني زندگيءَ ۾ گهٽنائن کان اَمورت وشين تائين هن چٽر ڪڍيا. سنہ ١٩٩٢ع کيس پدم ڀوشڻ اِنعام سان نوازيو ويو.



## دينا ناٿ دامودر دلال (1916-1971)

هڪ عام گهر ۾ پيدا ٿيل کان تمام مشهور ٿيل دينانات دامودر دلال کي ڪير نہ سڃاڻي. ڪتابن جا مُکيہ - صفحا، ڪٿا چٽر، ڪارٽون، ڪئلينڊر ۽ ڏياري پرچن ۾ چٽرن وسيلي دينا ناٿ دلار گهر - گهر ۾ مشهور آهي. پر وارو چٽر کان اَسان سڀ واقف آهيون.

## بي. پريا (1933 - 2001)





بي. پريا سر جي. جي. اِسڪول اُف آرٽ ممبئي ۾ ڪلا جي تعليم ورتي. بي.پريا جڏهن پنهنجو ڪم شروع ڪيو، اُن وقت ڀارت ۾ وڏيڪ اِستري چتر ڪار نہ هيون. پريا مٿان اَمرتا شيرگل جو ڪافي اَثر هو. پريا جي چترن ۾ اَڪثر دکي ڳوٺ جون عورتون نظر اَچن ٿيون. هڪ چتر ۾ هڪ رنگہ اِهو سندس ڪيترن ئي چترن ۾ نظر اَچي ٿو. مکيہ طور هن تيل چتر ڪيڏيا. عورتن جي سماجي حالت، اُنهن جا ڪشٽ، سهڻ ڪندڙ تڪليف، اِنهن ۾ همٿ اِهي سڀ نظارا سندس چترن ۾ آهن. ’’مان اَجا تائين خوش اِستري نہ ڏٺي آهي‘‘ هن هڪ هنڌ ائين چيو. پريا جا چتر ڀارت ۽ ڀارت کان ڪيترن ئي نمائ جلسن ۾ رکيا وڃن ٿا.



### ٿورو سوچيو

هيٺ ڏنل چتر قسمن جا ٿي نيم ياد ڪريو

1. ڪابہ ڪِرتي ٺاهيندي آنند وٺو. چتر سهڻا هجن، اِهو خيال نہ ڪريو. اِن کي پروسيس آرٽ چئجي ٿو. توهان چتر پنهنجي شونق، پنهنجي مزي لاءِ، ٺاهي رهيا آهيو ڪنهن بہ نہ ڏيکاريندا فرق نہ پوندو.
2. فقط ويچار ڪري وهو نہ. ڪم تي ۾ لڳي وڃو.
3. جيڪو ٿئي ٿو ڪندا وڃو، ترسو نہ

### ڪيڏي ڏسو:

#### 1. شين جا تھ ڪيڙ

سڀ کان هيٺ فرش، فرش مٿان چادر، اُن مٿان ڪتاب، اُن مٿان چانهہ جو ڪوپ، اُن مٿان ڪتاب، اُن مٿان اَخبار، مٿان بالٽي، مٿان ٿالهي، اُن مٿان يلي اَهڙا تهہ حقيقي ڪيدو (مثال ڪپڙو يا ڪاغذ) توهان ڪاغذ چيڪائي ڪولاج ڪندا تہ بہ هلندو.

حقيقت ۾ جيڪا شيءِ مٿان ٽڪي نہ ٿي رهي سگهي، اُها چٽر ۾ نہ ڪڍو.

### 2. پيپر سان چٽر ڪيڻ

پينسل يا پين پير جي آڱرين ۾ جهلي چٽر ڪيو. ٻنهي پيرن جي وچ ۾ پينسل رکي چٽر ڪيو. پينسل منهن ۾ رکي چٽر ڪيو.

### 3. ڪچري مان چٽر ٺاهڻ:

بيڪار پدارٿن، جنهن جو وري اِستعمال نہ ٿيڻو آهي، اُن مان هڪ چهرو تيار ڪريو. اِهو جڏهن بہ وقت ملي، تڏهن ڪري سگهو ٿا.



### 4. ذر مان چٽر ڪيڻ :

ڪاغذ آلو ڪريو ۽ اُهو دز مٿان يا مٽيءَ مٿان رکو. ٿورو دٻايو. اُن مان ڪهڙا چٽر ٺهن ٿا اِهو ڏسو. پينسل، پين، رنگ اِهي ڪٽي توهان اُنهن مان جدا چٽر ٺاهي سگهو ٿا.

### 5. فقط ڪاري رنگ ڪيڻ



رنگ جو اِستعمال ڪرڻ ڪاري رنگ بابت ماڻهن ۾ ڪيترائي وهم هوندا آهن. اِهو ڪيترن ئي ماڻهن کي نہ وڻندو آهي. اِن ڪري اِن جو سٺي نموني اِستعمال ڪري ڪاري رنگ جي سندرتا وڌائي سگهجي ٿي. فقط ڪارو رنگ ڪم آڻي توهان چٽر ڪيئي سگهو ٿا ڇا؟

### 6. جاميٽريڪل ڊزائين

حسابن جو ڪتاب آڏار ڪٽي جاميٽريڪل ڊزائين ڪيئن تيار ڪجن، اَهڙيون جامٽريڪل شڪليون اَسان جي آس پاس ڪٿي ملن ٿيون، اِها چرچا ڪريو.

ڪعب




گول



## 7. ڪلرنگ ٿراپي

ٿراپي مطلب علاج طريقو. ڪلا هڪ قسم جو علاج طريقو پڻ ٿي سگهي ٿي. ڪلونگ ٿراپيءَ ۾ اَڪين ڪي دلڪش لڳندڙ ڪيترائي سيٽ، ڊزائنون شامل ڪيا وڃن ٿا. اِنهن جو سوروپ پيچيدو هوندو آهي. اِنڪري باريڪ ڪم ڪيو وڃي ٿو. هن مان ٽينشن لهي، ويدنا پلجي وڃي اِهي ڪلرنگ ٿراپيءَ جا مقصد آهن.






اَسان جي پريسر ۾ موجود اِتهاسي شين ۾، اُن ڪال جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سنسڪرتي ۽ ڪلا جي ڄاڻ پوي ٿي. اِن مان اَسان جي ڪلا جو بہ گيان ملي ٿو. مهاراشٽرا جي اورنگاباد اُتر ڪان 60 ميل پري اَجنتا پهاڙ قطار جي ٻڌ ڌرم جون غفائون آهن. ڪارلي ۾ اِهي ٻڌ گفائون نالي سان مشهور آهن. توهان جي پريسر ۾ اَهڙن اِتهاسي جڳهين تي دورو ڪيو ۽ ڄاڻ نوٽ ڪريو.

## اَسان کي ڇا وڻيو

شخصي ڀاوناڻن کي ظاهر ڪرڻ جو بهترين ماڌيم آهي ڪلا: هڪ ماڻهوءَ کي جيڪو سندر يا دلڪش ٿئي ٿو، اُهو ٻئي کي بہ دلڪش لڳي، ائين نہ آهي اِن ڪري ڪلا سٺي آهي يا خراب آهي، اِهو ورگيڪرڻ ڪرڻ مناسب نہ آهي. ڪا ڪلا ڪرتي اَسان کي نہ وڻي مطلب اُها سندر نہ آهي. ائين مطلب نہ هئڻ گهرجي جڏهن اَسان ڪا ڪلا ڏسون، اُن وقت اَها سٺي آهي يا خراب آهي، اِهو ظاهر ڪرڻ اَسان کي ٽارڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو اَسان کي اُن بابت ويچار پيش ڪرڻ لاءِ چوي تہ اسين پنهنجو رايو ڏيئي سگهون ٿا. ڪنهن بہ ڪلا ڏسڻ بعد جيڪڏهن اَسان ٻڌايون ٿا تہ اِها چو وڻي يا اِها چو نہ وڻي. ائين ڪرڻ سان بہ اَسان جو ڪلا بابت گيان وڌي ٿو.

اسانکي ڪا ڪلاوڻي ٿي يا نٿي وڻي اِهو ٻڌائڻ بہ اهميت وارو آهي ڪنهن ڪلا ۾ اسان کي ڇا ٿو وڻي، ڪهڙي ڳالهہ پسند نہ آهي اهو لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان اسانجو ڪلا بابت گيان وڌي ٿو. ڪلا ۾ سمايل سهڻا اسٿان اسين ڏسي سگهون ٿا.

## ڪري ڏسو

وڻندڙ اَخبار، ماهوار، ڪتابن مان چتر ڏسو. اُنهن چترن ۾ توهان کي ڇا وڻيو. اُن بابت پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ 5 چترن جا قسم ڪڍو. هيٺ ڏنل مدا ڪڍي ويچار ڪريو.

1. وشيہ
2. رنگہ - ميلاپ
3. آڏاوت
4. نمونو
5. ڪلپنا
6. روشني - ڇانو جو اِستعمال

FJ8ZBU

## نظري ڪلا ۾ ڪئريئر

نظري ڪلا ڪئريئر درجو ڏهون ۽ ٻارهون اِنهن ٻن ڏاڪن ۾ تيار ڪري سگهجي ٿو. ڏهين ڪان پوءِ فائونڊيشن يا جي.ڊي. آرٽ اَهڙا بہ اَڀياس ڪرم آهن، جن ۾ داخلا وٺي سگهجي ٿي فائونڊيشن ڪان پوءِ آرٽ ٽيچر ڊپلوما (ڪلا اَڌياپڪ) ڊگرين حاصل ڪرڻ ڪيترا شاگرد پسند ڪندا آهن. جي.ڊي.آرٽ اِهو چئن سالن جو ڪورس آهي. اُن ڪورس ڪان پوءِ اپلائيڊ آرٽ يا فائين آرٽ ۾ تعليم حاصل ڪجي ٿي. ١٢ درجي ڪان پوءِ ڪلا تعليم ۾ ڊپلوما ڪري سگهجي ٿي.

اَڄ ڪلھ جي وقت ۾ چترڪلا، شلپڪلا سان گڏ فئشن، آرڪيٽيڪچر، جويلري ڊزائين، ائنيميشن، اِنٽيريئر ڊيڪوريشن، فوٽوگرافي وغيره ڪورس بہ اَڇي چڪا آهن. اِن بابت توهان وِزٽ ڪريو www.mahacareermitra.in

## نظري ڪلا بابت ڪجھ ويچار

ڪلا جي جيون ۾ تمام گھڻي اَهميت آهي اِن بابت جيترو ڳالهائجي اوترو ٿورو ڪلا بابت ڪيترن ماڻهن جا جدا جدا ويچار آهن. هيٺ ڪجھ ويچار ڏنل آهن. توهان ڪهڙو مطلب ڪيندا؟

- ڪلا جو مقصد روزاني زندگيءَ ۾ من تي جمع ٿيل دز کي چٽڪڻ آهي.
- چتر ڪيڏو بنا لفظن جو بيت آهي.
- زندگي هڪ ڪئنواس آهي. توهان چترڪار آهيو.
- ڪلا ۾ اَسان پاڻ کي ڳولهيندا بہ آهيون ۽ پاڻ ڪوهجي بہ ويندا آهيون.
- هرهڪ ٻار ۾ اَندر ڪلاڪار هوندو آهي. سوال آهي تہ اِهو ڪلاڪار ڪيترا ڏينهن زنده رهي ٿو.

### ملھ ماپڻ (مارڪون جو وزن 20 %)

| ڪسوٽي | سٺو (تمام سٺو) | ٺيڪ (سماڌان ڪارڪ) | ٺيڪ نہ (بنا سماڌان جي) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| ڪلا وشيہ بابت ڪلپنا | باب ۾ ڏنل ڪلا بابت ڪلپنا صحيح نموني ڪيائين ۽ چستيءَ سان ڀرو ورتائين | باب ۾ ڏنل ڪلا بابت مشغوليون پوري ڪيائين | ڪنهن بہ مشغوليءَ ۾ چڱيءَ طرح ڀاڱہ نہ ورتو. | |
| چترن بابت لکڻ | چونڊيل 5 چترن تي ڏنل 6 مدن تي صحيح نموني چند - چاڻ ڪري لکيائين | چونڊيل 5 چترن جي چنڊڇاڻ برابر نہ ڪيائين 6 مدن مان ڪجھ مدا ڪنيا. | اَڌورا چتر چونڊيائين ۽ اَڌورا بيان لکيائين | |


۽ ماريا کي سندس گهر
پرسان رهندڙ ڇوڪرو روز
تنگ ڪري ٿو
روز اِسڪول ويندي هر
پريت کي ڪجهه ٻار
چيڙائيندا آهن
لڳي ٿو پنهنجي ئي ڄڻا ڏاڍي سوچ - ويچار ۾ لڳل آهن.
اَسان ڪجهه نه ڪرڻ گهرجي اِهو
بند ٿيڻ گهرجي
پورو اِهو سڀ هوءَ گهر ۾ يا
ٽيچر کي ڇو نه ٿي ٻڌائي
شايد هوءَ ٻڌائڻ
نٿي چاهي.
ڏسو اَڇو، ٻڌايان ٿو
مونکي خبر آهي ته اِن لاءِ ڇا ڪرڻ
گهرجي ''اُن لاءِ هڪ فون ڪرڻ گهرجي
ڪنهن کي

# 4 مان ۽ ماڈيم - 2




زندگي جيئڻ لاءِ هوندي آهي، ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نه هوندي آهي

## مقصد

1. شاگردن کي سماج ماڈيم ۾ چا کرڻو آهي، اُهو پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ اَچڻ.
2. سماج ۾ ماڈين جو ٿيندڙ اَثر ٻڌائڻ اَچڻ
3. سماج جي ماڈيمن جو جيون مٿان اَثر سمجهي سگهاڻ.
4. عورتن طرف پيدا ٿيندڙ اَنادر جا ڪارڻ ۽ اُنجا اُپاءَ ٻڌائڻ اَچڻ.
5. پاڻ سان يا ٻين سان ٿيڻ تي ڪٿي وقت مدد جا وسيلا سمجهڻ.
6. جدا جدا جنس وارن ماڻهن جو پنهنجي وهنوار سان ترڪيب ڪرڻ ۽ اُن ۾ تبديل آڻڻ لاءِ يوجنا ٺاهڻ.
7. تندرست، ٻنا عادتن، تعليم تي زور ڏيڻ اِنڪري شاگردن ۾ ترقي تي سگهي تي اِها عادتن وارن کان وڌيڪ ٿئي تي اِهو نتيجو پهچائڻ.

اِشتهارن، سنيما ۽ ٽي.وي سيريل ڏسي ڪيترائي دفعا اَسان جي من ۾ اِسترين لاءِ بي اَدبي يا هين ڀاونا پئدا ٿئي ٿي. اِهو اَسان ڏٺو آهي. اِن بابت وڌيڪ اَسان سمجهنداسين.



### ڳولهيو ڏسان

ڪاڏي جا تيل مصالحا، ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ اَهڙن اِشتهارن ۾ مرد ڪاڏو رڌيندا آهن يا ڪپڙا ڌوئندا آهن.

- اَهڙيون فلمون جتي هيرو هيروئن جي جان بچائي تو يا هيروئن کي زبردستي پيچائي تي.
- ٻارن کي پالڻ ۾ واري اِشتهار ۾ مردن مٿان جوابداري وجهجي تي.
- اَهڙيون فللون جتي وڌيڪ عمر واري هيروئن ۽ ننڍي عمر وارو هيرو هجي.
- اَهڙا اِشتهار جتي عورتون ڪار، موٽر - سائيڪل هلائينديون هجن.

* اَهڙا اشتهار جن ۾ دل پچائيندڙ درشيہ، يا تيز رفتار وارو ائڪشن هجي ۽ اِهو سڀ عورتون ڪنديون هجن.



شاگردن کي اِهو سڀ ڳولهڻ لاءِ هڪ هفتو ڏيو. اُنهن هرهڪ گروپ ۾ ڪيترا اِشتهار فلمون ڳولهيون. اِهو ويچار ڪريو. اُنهن سوالئي ء سان ڳولهيو يا تڪليف سان؟ اِنهن مان ڇا شاگردن ڇا سمجهو؟

ڪار موٽر سائيڪل هلائڻ، دل دهلائيندڙ ائڪشن ڇو ڪرڻ؟ ڇا عورتون اِهو سڀ نہ ٿيون ڪري سگهن؟

ڪاڏو رڌڻ، ٻار پالڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ڇا فقط عورتن جو ڪم آهي؟

## هيٺ بيانن مان ڪهڙو سنديش ملي ٿو؟

1. فلم ۾ هيرو هيروئن پنيان پوي ٿو، هن کي تڪليف ڏي ٿو پر ڪيس سزا نٿي ملي.
2. هيرو ۽ بدمعاش (ولين) پاڻ ۾ هيروئن جي
ڪهڙي ڳالهہ بابت جهڳڙو ڪن ٿا.

شاگردن کي سوچ ويچار ۾ مدد ڪريو.

عورت پرتما جو سڄو زندگيءَ سان لاڳاپو آهي اِهو گيان ٻارن کي ڏيو.

اَهڙو بيا جملا، واقعا ٻارن کي خبر آهن يا نہ ويچار ڪريو:

## ايو - ٽيسنگہ :

ڇوڪرين کي ڇيڙائڻ، ڇيرخاني ڪرڻ عام جڳهين تي تنگہ ڪرڻ، زوريءَ تڪليف ڏيڻ کي 'ايو - ٽيسنگہ' چئبو آهي. ڪي ماڻهو رستي تي، پيٽ ۾ غلط وهنوار ڪندا آهن. بي حيائي واريون شعر شائريون ڪرڻ، ڇُهڻ، نقط - چيني ڪرڻ، زور زبردستي ڪرڻ، اَسڀيہ وهنوار ڪرڻ، غلط اِشارا ڪرڻ - اِهي سڀ ايو-ٽيسنگہ ۾ اَچي وڃن ٿا.

## ڪري ڏسو:

5-6 ڇوڪرن ۽ 5-6 ڇوڪرين جا ٻه گروپ تيار ڪريو. عام جڳهين تي ڇيرڇاڙ بابت هيٺ ڏنل واقعو ناٽڪ روپ ۾ هرهڪ گروپ کان ڪرايو. پوءِ گڏجي چرچا ڪريو. ڇوڪرن جو رول ڇوڪرين کان ڪرايو ۽ ڇوڪرين جو رول ڇوڪرن کان ڪرايو (ڇوڪري پنڌ ڪري ٿي - چار پنج ڇوڪرا هڪ هنڌ گڏ ٽيل آهن)

هڪ ڇوڪرو (سيٽي وڄائي ٿو) ڇوڪري منهن هيٺ ڪري اَڳتي وڌي ٿي،

ٻيو ڇوڪرو: ڇُڪ ڇُڪ (ڇوڪري اَڃا ٻه اَڳتي وڌي ٿي)

ٽيون ڇوڪرو: (ڪاغذ جو گولو ڦٽي ڪري هٽي ٿو)

(ڇوڪري ڏڄندي ۽ تڪڙو تڪڙو اَڳتي وڌي ٿي)

سڀ ڇوڪرا زور زور سان کِلي، هڪ ٻئي سان تاڙيون وڄائن ٿا.

ناٽڪ کان پوءِ ڇوڪرن کان پڇو ته ڇوڪرين جا ڪم ڪرڻ ۾ ڪين کهڙو آزمودو آيو. ڇا اُنهن کي اِهو آزمودو وري هلندو؟ ڇوڪرين کي تڪليف ٿي، اُنهن ڇا سمجهو؟ ڇوڪرين کان پڇو ته ڇوڪرن جا ڪم ڪرڻ وقت اُنهن کي ڪيئن لڳو؟ پاڻ ڇوڪرا ٻڌڻ تي پاڻ کي طاقتور سمجهو ڇا؟

## ذرا ويچار ڪريو

اَسان جي ڇوڪريءَ سان غلط وهنوار ٿي سگهي ٿو. اِن ڊپ کان ڪيترائي مائٽ ڇوڪرين کي ٻاهر پڙهائڻ لاءِ نه موڪليندا آهن. اڪيلو ٻاهر وڃڻ جي موڪل نه ڏيندا آهن. ٻاهر نوڪري ڪرڻ کان منع ڪندا آهن. اِنڪري ڇوڪرين اَندر هميشه غير سلامتيءَ واري ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. اَسان هرهڪ لاءِ سلامتيءَ وارو ماحول ڏيئي سگهون ٿا ڇا؟ توهانکي ڇا ٿو لڳي.



### ڪلاس جو ماحول

1. ڪلاس ۾ ماحول برابريءَ وارو آهي ڇا؟
2. ڪلاس ۾ چيڙائڻ يا ڪمينٽس تي ڪو ناراض ٿئي ٿو ڇا؟

3. هڪ ٻئي جي تڪليف سمجهڻ، ڪنهن کي تڪليف نہ پهچڻ ڇا اِهو ڌيان ۾ رکيو وڃي ٿو؟

4. ڪلاس ۾ مشغلين ڪرڻ وقت سيني کي هڪ جهڙو موقعو ملي ٿو؟

5. ڪنهن بہ بابت غلط بيان بازي ۽ لکڻ يا اُن خلاف اَفواهہ ڦهلائڻ ٺيڪ ٿو ٿئي ڇا؟

مٿي ڏنل سوالن تي 5-10 منٽ سوچيو



## جوابدار سماجي وهنوار

### 1. بد وهنوار ۽ غلط هلت چلت کان پوءِ هڪ ٻئي جو بچاءُ



ڪو توهان سان غلط يا بدوهنوار ڪري، اُن کان خبردار رهو. اُن ماڻهوءَ کي سڌو ئي ڏيو ٿي 'نہ' چئو. توهان جو جيڪو وشواس جوڳو هجي اُن کي اِن بابت ٻڌايو. توهان جي سڃاڻپ وارن ڇوڪرن ڇوڪرين سان اَهڙو غلط وهنوار ٿيندو هجي، اُن تي ظابطو آڻيو. ڪنهن پروسي جوڳي وڏي کي اِهو ٻڌايو. غلط فائدو وٺڻ واري يا غلط وهنوار واري کي بلڪل سهن نہ ڪريو.

### 2. توهان جي آسپاس موجود ماڻهن جي عزت ڪرڻ

اَسان انيڪ ماڻهن کي پسند ڪندا آهيون پر اُهي بہ اَسان کي پسند ڪن، ائين نہ آهي. ساڳئي نموني ڪيترائي ماڻهو اَسان کي چاهيندا هجن پر اُنهن سيني کي اَسان چاهيندا هجون، ائين نہ آهي. اِهو ڌيان ۾ رکو تہ هڪ ٻئي جو ويچارن جو آدر ڪرڻ گهرجي جئن اَسان کي ڪا ڳالهہ وڻندي آهي يا نہ وڻندي آهي ساڳئي نموني هرهڪ ماڻهوءَ کي ڪا ڳالهہ گهٽ وڻندي آهي يا وڌيڪ وڻندي آهي.

توهان سيني جو آدر ڪرڻ سکو. پنهنجي مريادا ۾ رهڻ سکو. ٻيڙ جو فائدو وٺي ڌڪا ڏکي ڪرڻ، غلط ڇُهڻ، سيٽي وڄائڻ، بي شرمي بوليءَ ۾ ڇنيون - خط لکڻ، ٻئين تي ٻئي جي لاءِ گندا لفظ لکڻ اِن سڀ وهنوار تي بندش آهي اِهو تاريو ۽ ٻين کي بہ اَهڙو وهنوار ڪرڻ نہ ڏيو.

### ڌيان ۾ رکو

سيني ساهوارن کي زنده رهڻ لاءِ ڪيترن ئي ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي. مثال وٽن کي مناسب مٽي، پاڻي ۽ پاڻ جي ضرورت ٿيندي آهي. جانورن ۽ اِنسان جون اَهڙيون گُهرجون هونديون آهن. جانور ۽ اِنسان ۾ هڪ تعليم فرق اِهو آهي تہ اِنسان پنهنجي جيئڻ لاءِ ڪجهہ خاص نيم پاليندو آهي. اُڃ لڳڻ تي صاف پاڻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. بک هوندي بہ خراب ٿيل کاڌو نہ کائيندو آهي. گُهرج هوندي بہ پاڻ تي ظابطو رکندو آهي. صبر ڌارڻ ڪندو آهي. جوابدار ماڻهو جو اِهو گڻ هوندو آهي هو گُهرجن وقت نيم پاليندو آهي.

مذاق ٽيل تيار ڪري اُن ۽ چڪ

بين جي حقن - تڪليف جو خيال نہ ڪري
حاصل ڪرڻ ٽيل شيءِ خراب ڪرڻ

اُها شيءِ ڪيئن بہ حاصل ڪرڻي آهي

اِها شيءِ / ماڻهو مونکي ملي، اِنڪري اِن
مٿان منهنجو حق آهي.

اِن ماڻهو شيءِ لاءِ چڪ هئڻ

اُها شيءِ - ماڻهو وڻڻ

مثال نارڪوٽڪ شيءِ - ڇوڪرو - ڇوڪري

زميوار ماڻهوءَ جو پتن

مٿي ڏنل چؤڪٽن تي چرچا ڪريو.

**سمجهي وٺون**

اَسان جي پسند واري شيءِ يا ماڻهو حاصل ڪرڻ جي چڪ اُن ڪري مذاق پيدا ٿئي ٿي. اَسان هڪ هڪ ڏاڪو مٿي چڙهي ترقي ڪريون ٿا. پر اُن وقت جوابدار ناڳرڪ ٿي ڪري بہ اَسان جي ڳراوٽ ٿئي ٿي.

## 3. پرسي جوڳي ڄاڻ حاصل ڪرڻ



سرير وڳيان ۽ سرير طبعي اَهڙن وشين مان اَسان جي سرير ۾ ڪم ڪار ڪيئن هلندو رهي ٿو؟ ڪاڏ خوراڪي ملهہ ڇا؟ وٽامن ڇا؟ بابت ڄاڻ ملي ٿي. اِن ڄاڻ جي بنا صحيح اِستعمال جي اَسان تندرست رهي نہ ٿا سگهون مثال وٽامن جي ڄاڻ آهي پر اَسان جي ڪاڏي ۾ وٽامن سمايل نہ آهي. تہ اَهڙي ڪاڏي مان ڪهڙو فائدو؟ ساڳئي نموني ڪا غلط ڄاڻ يا اَڌوري ڄاڻ هوندي ۾ اساں لاءِ خطرو ٿي سگهي ٿو. مثال ڪوڙهہ واري ماڻهوءَ پرسان رهڻ سان ڪوڙهہ ٿيندو آهي. يا ڪيترائي دفعا غلط ڄاڻ تي اُتساهہ پيدا ٿئي ٿو. مثال 'ڪ' دوا وٺو. بس ٻن ڏينهن ۾ ۵ ڪلو وزن گهٽجي ويندو.

توهان بابت ڪا ڪنهن بہ توهان جي سڃاڻپ ۾ ڪنهن جو اَتياچار، ڪٺنڀي ظلم، زبردستي ٿئي يا يڪدم 1098 کي فون لڳايو. اِهو ٻارن جي مدد لاءِ نمبر آهي. مهلائن جي مصيبت دور ڪرڻ لاءِ اُنهن جي مدد لاءِ نمبر آهي 1010/1011

شاگردن جي مدد لاءِ
اُنهن کي جوابدار
ماڻهوءَ جو ٽيليفون نمبر
ڏيو

### 4. قاعدي جو آڌار:

ڪنهن بہ اليڪٽرانڪ يا ڪمپيوٽر ماڌيمن دوران مثال موبائيل، ڪمپيوٽر، پين ڊرائيو، ڪئميرا معرفت ڪيل گُناهہ کي سائيبر گناهہ چئبو آهي. ڪنهن ماڻهو يا سنستا بابت بي شرميءَ يا غلط بيان جو پرچار ڪرڻ، شخصي ڳجهي ڄاڻ جي چوري يا اُنجو غلط استعمال ڪرڻ، غلط وهنوار ڪرڻ يا غلط بيان پرچار ڪرڻ اِهي سڀ سائبر گناهہ اَندر رجسٽر ڪجن ٿا ۽ ڏوهيءَ کي جيل جي سزا ۽ ڏنڊ ٿي سگهي ٿو.

## واجب / غير واجب



هيٺ ڪشور اَوستا شاگرد پنهنجي جوابداريءَ ڪان پڇن ٿا.
ائين توهان کي لڳي ٿو ڇا؟

1. توهان جي هڪ دوست کي هڪ ڇوڪري وڻي ٿي. هوءَ جڏهن سڪڻ ويندي آهي تہ توهان جو دوست اُنجو پيڇو ڪندو آهي پر ڇوڪريءَ اُن جو وروڌ ڪيو. هاڻي توهان جو دوست اُن ڇوڪريءَ جي بدنامي ڪري ٿو.
2. پيڙ ۾ ڇوڪرين مٿان 'ڏڪا ڏکي ڪرڻ ۽ غلط اِرادن سان ڇهڻ توهان جي ڪجھ دوست کي وڻي ٿو.



3. ڪلاس ۾ ڪنهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ خلاف بدنام ڪرڻ يا بي عزت ڪرڻ وارا بيان بورڊ تي لکڻ.
4. بين ڇوڪرن جا فوٽو، بنا اُنهن جي اِجازت جي لکي ڪيڻ.
5. اِسڪول ڇُٽڻ ڪان پوءِ توهان جا دوست بين ڇوڪرن / ڇوڪرين بابت ڪمينٽس پڙهڻ.

ڏنل بيانن تي بحث ڪريو.
اُنهن مان واجب ڇا ۽
غيرواجب ڇا اِهو پڇو.

### اَهڙن حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟ ويچار ڪريو

- توهان دوست يا ساهيڙيءَ کي اِسڪول ڪان گهر وڃڻ وقت کي ڇوڪرا ڇيڙائين ٿا، پريشان ڪن ٿا.
- توهان جي دوست / ساهيڙي توهان ۾ وشواس رکي ٻڌايو تہ 'هو' خاص ماڻهو هنڪي ڏاڍو غلط لڳي ٿو، تناءُ اَچي ٿو.
- توهان جي دوست کي گُٽڪو کائڻ جي لَت لڳي آهي.
- توهان جي دوست کي ڇوڪرين - عورتن لاءِ ڏاڍو اَنادر آهي. توهان کي هن جا ويچار ۽ وهنوار بدلائڻو آهي.

ٻارن جا چار يا پنج گروپ ٺاهيو پروارا بيان، هڪ هڪ مثال هرهڪ گروپ کي ڏيو. اِهو مسئلو توهان جي دوست بابت آهي اِهو توهان ڪيس ڪيئن سمجهائيندا؟ 10 منٽ چرچا ڪريو. ڪلاس ۾ پيش ڪيو. ڪاپيءَ ۾ درج ڪريو.

## سماج ماڌيم

جن ماڌيمن جو اُپيوگ جدا جدا گروپن ۾ ماڻهو مکيہ طور هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ لاءِ، گفتگو ڪرڻ لاءِ، هڪ ٻئي جي زندگيءَ جون گهٽنائون، واقعا ٻڌائڻ لاءِ ٿئي ٿو. اَهڙن ماڌيمن کي سماج - ماڌيم چئبو آهي. مثال - WhatsApp, Facebook, Twitter وغيره. اَڄ جي وقت ۾ اِستعمال ۾ ڪيترائي سماج - ماڌيم آهن.






## ڄاڻ پرچار ڪندڙ ماڌيم ۽ سماج - ماڌيم ۾ فرق:

ڄاڻ ڏيندڙ ماڌيم ۽ ,WhatsApp, Facebook جهڙن سماج ماڌيمن ۾ توهانکي ڪهڙو فرق لڳي ٿو؟ هيٺ ويچار ڪرڻ لاءِ مُدا ڏنل آهن.

1. مهانگا - گهٽ مهانگا
2. گهڻن ماڻهن تائين پهچندڙ / نہ پهچندڙ
3. نيم، ضابطو ۽ جوابداري
4. اِستعمال ۾ سولا / ڏکيا
5. اثرائتا / بي تاثير

## سماج ماڌيم معرفت ملندڙ ڄاڻ

هيٺ ڏنل سنديش WhatsApp تي وڏيڪ ڦهلجڻ لڳو.

”UNESCO پارٽ جي راشٽر گيت کي سيني کان اُتم ظاهر ڪيو.“

ممڪن هجي تہ شاگردن کي ڏنل سنديش جو سچ - ڪوڙ ڳولهڻ لاءِ چئو.

1. توهان جا وڏا، دوست ساهيڙيون WhatsApp تي ڄاڻ حاصل ڪندا آهن ۽ اُن جي چڪاس ڪندا آهن تہ ڄاڻ صحيح آهي يا غلط.
2. جيڪڏهن ڪا ڄاڻ غلط آهي ۽ اُن جا ڪهڙا اَثر ٿيندا؟ چرچا ڪريو.

سمجهي وٺو

## غلط - ڪوڙي ڄاڻ جي پرچار جا اَثر

سماج ماڌيمن تي ڪنهن جو بہ ضابطو نہ آهي. اِنڪري ڪير بہ ڪهڙي بہ ڄاڻ وجهي ٿو تہ اُن لاءِ ڪير بہ جوابدار نہ ٿو بڻايو وڃي. اِن جو فائدو گهڻيئي دفعا غير سماجي عناصر وٺندا آهن. جدا جدا گروپن ۾ ماڻهن ۾ غلط فهمي ڦهلائڻ، پنهنجا ويچار صحيح آهن اِن جو اَفواهہ - ڦهلائڻ وغيره. مشغوليون ڪندا رهن ٿا. هڪ جوابدار ناگرڪ جو فرض آهي تہ اِنهن ڳالهين کان باز اَچي. اَهڙو غلط سنديش اَچي تہ يڪدم اُنکي ڊاهي ڇڏي ۽ ٻين گروپن ۾ نہ موڪلي.

ڪوبہ سنديش ملڻ وقت چڪاس جو طريقو.

1. اِنٽرنيٽ تي وڃي، اُها ڄاڻ ڪٿي آهي، پهريائين اِهو تپاسيو.
2. اُها ڄاڻ ڪنهن جائز اَخبار يا سرڪاري ويب سائيٽ تي آهي ڇا؟
3. ڄاڻ ڏيندڙ ماڻهوءَ کي اختياري آهي ڇا؟ هن کي ڄاڻ بابت ڪي حقيقي انگہ آهن ڇا يا هو پنهنجو ويچار ظاهر ڪري ٿو، اِن جي چڪاس ڪريو.

## اَسان مٿان ٿيندڙ اَثر

توهانکي Facebook, Twitter يا WhatsApp بابت ڪهڙي ڄاڻ آهي؟ ڏينهن ۾ توهان گهڻا دفعا اِنهن جو اِستعمال ڪندا آهيو؟ توهان کي اِهي سڀ ماڌيم واپرائڻ لاءِ اَجا بہ وڌيڪ وقت ملي تہ توهانکي وڻندو ڇا؟

شاگردن جا گروپ ٺاهي، کين بحث ڪرڻ ۱۰ منٽ ڏيو. هرهڪ گروپ کي سبب ٻڌائڻ لاءِ چئو ۽ ڪاپيءَ ۾ درج ڪرڻ لاءِ چئو.

## ائين محسوس ٿئي تہ منهنجو ٻڌو ٿو وڃي



سماج ماڌيمن ۾ اَسان کي ڪنهن بہ پنهنجي ويچار جي ساراهہ ملندي آهي، اِنڪري اَسان پرم ۾ رهي سگهون ٿا تہ اَسان جو ظاهر ڪيل ويچار سڀ ماڻهون ٻڌن ٿا، اُهي سمجهن ٿا. پر حقيقت ۾ اَسان جي هرهڪ مشغولي يا ظاهر ڪيل ويچار بابت سوچيو ويندو آهي، ائين نہ آهي.

## سچي زندگي ۽ آن لائين زندگي



سماج - ماڏيمن تي هرهڪ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيل ثوابي ڪم ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سچي زندگيءَ ۾ ڏک - سک بئي ٿيندا رهندا آهن. بين جي موڪليل چاڙ ۾ ڪيترن ماڻهن ۾ نراشا جي ڀاونا به پئدا ٿي سگهي ٿي. اِهو سوچي ته بين سيني ۾ زندگي آنند واري آهي ۽ اَسان ۾ زندگي ۾ ته ڪجهه ٿئي ئي نٿو.

## ڪامل ٿيڻ جو ڀرم

اَسان ڏسڻ ۾، اَسان جي زندگي، اَسان جا رشتا تمام سٺا، آدرش، نج، سيني ڪان سٺا هئڻ گهرجن نه ته سماج ۾ اَسان لاءِ غلط راءِ ٿيندو اِنڪري نندي ڳالهه کي وڌو ڪري ڏيکارڻ، ڪا گهٽتا ٿي به نه هجي، تڏهن به اُنجو احساس ڪرائڻ ۽ شخصي جيون ۾ ائين نه آهي، اِهو ثابت ڪرڻ جهڙا مثال ڏسڻ ۾ اَچن ٿا. پاڻ کي سٺو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

## حالت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ

ڪنهن حالت بابت چاڙ تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي جزن جي ضرورت پوي ٿي. لفظ، سرير - ٻولي، هاو - ڀاو، ڳالهائڻ جو طريقو - هڪ سروي موجب فقط 7% گفتگو لفظن معرفت هوندو آهي باقي 93% سرير - ٻولي، هاو-ڀاو، اَسان جي آواز معرفت ٿيندو آهي. حالت جو جائزو وٺڻ بنا سماج سان گڏ هلڻ ممڪن نه آهي. سماج ماڏيمن معرفت جيترو وقت اَسان جو ويندو اوترو ئي اَسان سڌو آزمودو حاصل ڪري نه سگهنداسين. ۽ جيون ۾ ضروري قابليتن جو وڪاس نه ٿيندو.

## لکيل لفظن جو مطلب ڪيڻ.






چارٽ پيپر جو 5-6 چنيون تيار ڪريو. هرهڪ چنيءَ مٿان لائيڪ (Like) نشاني ڪيو. چنيءَ پنيان ڪنهن به ڳالهه بابت ريسپانس ڏيندڙ ڪوبه جملو لکو. توهان جي من ۾ جيڪي جملا اَچن، اُهي لکو.

1. سٺو آهي

2. ٺيڪ آهي. خاص نہ آهي

3. ٺيڪ آهي. غلط ڪونهي

4. ٺيڪ آهي مونکي پسند آهي

5. ٺيڪ آهي، اُميد هئي، اَڃا وڌيڪ سٺو هجي ها. هاڻي ڇا ڪبو؟

6. تمام سٺو

هڪ شاگرد کي سامهون ويهاريو. هن کي فقط ’لائيڪ‘ نشاني نظر ايندڙ پاسو ۽ ٻين شاگردن کي ٻنهي پاسو نظر اَچي. اَهڙي نموني ڇنين جي رچنا ڪريو. هاڻي هن شاگرد کان ڪابہ مشغولي ڪرايو - ڳانو ڳاءِ، جوڪِ ٻڌاءِ وغيره باقي ٻچيا شاگردن مان ڪوبہ هڪ ڇني اُچائي لائيڪ سامهون رکي، هن شاگرد کي ڏيکاريو. هن شاگرد اِن لائيڪ جو ڪهڙو مطلب سمجهو، اِهو سيني کي ٻڌايو.

## سمجهي وٺو

هڪ لائيڪ نشانيءَ جا ڪيترائي مطلب نڪرن ٿا. جيڪڏهن سماج - ماڌيم ٿي معرفت اَسان ويچار ظاهر ڪريون ۽ ٻين جا ويچار ٻڌون ۽ پنهنجو رد عمل ڏيو تہ اَسان ۽ ماڻهن وچ ۾ شخصي - ڳالهہ - ٻولهہ گهٽ ٿيندي. ۽ اَسان ۽ ٻين ماڻهن وچ ۾ ڪيترين ئي غلط فهمين پيدا ٿي سگهن ٿيون اِهو اَسانکي هميشه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

### اڪيلائپ

**پيٺ ڪريو**



| | |
|---|---|
| 1. ’الف‘<br>نيم سان ڪسرت ڪري ٿو ۽ راند کرڻ وڃي ٿو. | 1. ’ب‘ رات جو دير دير تائين موبائيل تي راند ڪري ٿو. صبح جو سويل نہ ٿو اُٿي سگهي. ڪسرت نہ نٿو ڪري. سائيڪل يا بس ۾ ويندي ڳانا ٻڌي ٿو. موبائيل تي کيڏي ٿو. |

| | |
|---|---|
| 2. اِسڪول ۾ دوستن سان ڳالهائي ٿو. ريس ۾ دوستن سان ملي گڏجي روٽي کائي ٿو. کل مستي ڪري ٿو. | 2. ريسز ۾ هو ۽ سندس دوستن سڀ ڪائڻ وقت موبائيل ۾ لڳل آهن. |
| 3. شام جو گھر وارن، پاڙيوارن سان ڳالهائي ٿو. | 3. رات جو گھروارن سان روٽي نٿو کائي: T.V يا اِنٽرنيٽ ڏسي ڏسندي کائي ٿو. |
| 4. ’الف‘ سماج - ماڌيم جو تمام ٿورو - اِستعمال ڪري ٿو پر هنکي آس پاس جا اَنيڪ ماڻهو سڃاڻندا آهن. | 4. ’ب‘ جا فيسفوڪ تي 1500 دوست آهن. |

## توهان جو ويچار موجب ڪير ’اڪيلو‘ آهي؟

**سمجھي وٺو**

اَسانکي ائين لڳي ٿو تہ سماج - ماڌيمن ڪري اَسان گھڻن ئي ماڻهن سان جوڙيا ويندا آهيون. اَسان جا وڏيڪ دوست آهن. اِهو جوڙڻ فقط مٿان آهي. اِن ۾ سچي دوستي تمام گھٽ ٿئي ٿي. جيتري دير اَسان آن - لائين تي گُذاريون ٿا، اوتري دير سامهون ڳالهائڻ جا موقعا وڃايون ٿا. اَسان پنهنجي من جي ڳالهہ ٻڌائڻ واري سچي دوستي ڪنهن سان بہ نہ ٿي رهي.

## ڪير وڌيڪ ترقي ڪندو؟

پنج گڏيون آڻيو. هرهڪ کي هڪ شخصت ڏيو.

1. عادتي ماڻهو
2. پيڙڻ ڪري نراس ٿي اِسڪول ڇڏيل ماڻهو .
3. اِشتهار ۽ ماڌيمن ڪري اَيپاس کان ڏيان هٽايل ماڻهو.
4. سماج - ماڌيم جي ڪوڙي پرچار ڪري دنگي ۾ ڀاڱہ وٺندڙ ماڻهو.
5. تندرست، اِسڪول ۾ ڌيان ڏيندڙ

### هينين مُدن تي چرچا ڪريو

1. ڪنهن جي زندگي تندرست رهندي؟
2. ڪنهن جو ڪئريئر اُجول هوندو
3. ڪنهن جي من - صحت سٺي رهندي
4. ڪنهن جو گھر وارن سان سٺو ناتو هوندو؟
5. ڪير مزو - لطف - شوق پاڻ اندر پئدا ڪري سگھي ٿو.

ڪلاس ۾ هڪ چيزي کان شروع ٿي ٻئي چيزي تائين وڃڻو آهي. ڪنهن هڪ شخصيت جي ويچار جو جواب هجي تہ گڏيءَ کي هڪ قدم اڳتي ڪٽي وڃو. نہ تہ اُتي ئي بيهي رهو. سڀني سوالن جي ختم ٿيڻ بعد ڪنهن ترقي ڪئي آهي. اُهو ڏسو شاگردن کان پڇو تہ اِن مان اُنهن ڇا سمجھو.

### سمجهي وٺو

اَسان ماڊيمن جو نفي پاسو (Negative side) ڏٺو. هاڻي اَسان اُنجو شفي پاسو Positive side ڏسنداسين جيڪو وڌيڪ اَهميت وارو آهي.. ماڊيمن ڪري اَسانکي پُراڻن جي، اِتهاس جي، وگيان جي ڄاڻ ملي ٿي. تعليمي سوچنائون، زلزلٽ، سڄاڳي - ڄاڻ، نيندبٽر، آڊيو - ويزل ڄاڻ هڪ - سيڪنڊ ۾ ملي ٿي. ساڳئي نموني ماڊيمن ڪري ويچارن جي ڏي -وٺ ڪرڻ سولي ٿئي ٿي. قومي ايڪتا ۽ سماجي بدل سدل ۾ ماڊيمن ماڊيمن جي ڀومڪا ڏاڍي اَهم آهي. صحت، تعليم، هنر، واپار اِنهن ڪيترن ۾ ماڊيمن جو اِستعمال ٿئي ٿو.

اِنهن فائدن کان سواءِ ٻيا شفي اِستعمال توهان پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

## سماج ماڊيمن جو اَثر سني نموني هلائڻ

### 1. سمجهي وٺو

سماج - ماڊيمن جو توهان مٿان ٿيندڙ اثرن بابت سڄاڳ رهو. اُهي اثر چڱي طرح سمجهي وٺو.

### 2. سڄاڳو

توهان ڏينهن ۾ ڪيترو وقت سماج ماڌيم ۾ گذاريو ٿا، اِهو ڌيان ۾ رکو. جيڪڏهن توهان جو فون / اِنٽرنيٽ بند ٿئي ته توهان پريشان ٿيندا آهيو ڇا؟ اِن تي ويچار ڪريو

## 3. للڪار ڏيو.

روز ڪجھ مقرر وقت جا پنھنجي لاءِ رکو. موبائيل انٽرنيٽ ڪان پري رھڻ جي ڪوشش ڪريو. شروعات ۾ 10 منٽ پاڻ ۾ تبديل بابت سوچڻ لاءِ، پنھنجي صحت بابت سوچڻ سان شروعات ڪريو. آھستي آھستي اِھو وقت وڌائيندا وڃو.

## 4. عمل ۾ آڻيو

پاڻ لاءِ سوچيل تبديل عمل ۾ آڻيو. ڪامياب نہ ٿيڻ تي مائٽن سان ڳالھايو توھان جا بابت ڪوشش ڪري رھيا آھيو، اِھو مائٽن کي ٻڌايو نئين يوجنا ٺاھيو.

ملھ ماپڻ 15%

| ڪسوٽي | سٺو (تمام سٺو) | ٺيڪ (سماڌان وارو) | ٺيڪ نہ آھي (بنا سماڌان) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| اِشتھار ڳولھڻ | اِشتھار ڳولھڻ پروجيڪٽ تمام سٺي نموني پيش ڪيو. نتيجا چٽي طرح پيش ڪريو. | سھياڳہ ورتو. پر نتيجو نہ ڪڍيائين | بين شاگردن جي ڪاپيءَ مان ڪم ڏسي نقل ڪيائين | |
| ڪلاس ۾ ماحول پاڻ جاچڻ | سچائيءَ سان پنھنجي جاچ ڪيائين ۽ ممڪن تبديل آڻڻ لاءِ رِٿا تيار ڪيائين. | آتم - جاچ ڪيائين پر اَڳتي جا يوجنا نہ ٻڌايائين | بين شاگردن جي ڪاپي ڏسي جواب لکيائين. | |
| توھان ڇا ڪندا؟ | گروپ - بحث ۾ اُتساھ سان ڀاڱہ ورتي، ٻڌايل مدن تي رايا - اُپاءَ ڏنائين. | بحث ۾ ڀاڱہ ورتو پر مُدن تي اُپاءَ نہ ٻڌايائين. | بحث ۾ حصو نہ ورتو فقط بين کي ٻڌو. | |


لوبو اُتساهه ۾ ڊوڙندو ڊوڙندو نشا ويجهو پهچي ٿو
مان سوچيو آهي
مان گائڪ ٿيندس
ائين ڇو ؟
ڏس مونکي ڳائڻ وڻندو آهي. سنو ڳائڻ اَچي ٿو. مان ڳائڻ سکان ٿو. ۽ گائڪ ٿيڻ لاءِ مون ۾ چڪ آهي. مطلب پسند، قابليت ۽ موقعو سڀ گڏ ٿيا آهن.
پر پسند، قابليت ۽ موقعو اِهي ملڻ سان اڳتي وڃڻ گهرجي.
جيڪو هٿ ۾ ڪنيل آهي، اُهو اُتم ڪرڻ گهرجي. جڏهن وڏا ٿينداسين تڏهن جدا جدا رستا اَسان جي سامهون ايندا آهن.
ها، برابر
هرهڪ ڏاکي تي ائين ويچار ڪرڻو پوندو.

# 5 مان ۽ منهنجو ڪئرئير



ڪوشش نہ ڪرڻ، اِها سنسار ۾ فقط هڪ ناڪامیابي آهي.

## مقصد

1. ڪئريئر بابت ڪنھن پرسڊ ڪائونسلر کي ٻڌي وري ويچار ڪري پنھنجا ويچار سمجھڻ
2. ڪئريئر فقط ھڪ ڊگريز گھٽنا نہ پر ھڪ لڳاتار ھلندڙ ڪريا آھن. اِن جي سمجھاڻي پنھنجي لفظن ۾ ڏيڻ.
3. لياقت آزمائش جي سڃاڻپ، اَھميت پنھنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ.
4. مھا ڪئريئر پورٽل سڃاڻڻ.
5. پنھنجو مقصد مقرر ڪري نيوجن ناھڻ.
6. پنھنجي ڪئريئر بابت مائٽن سان ڳالھ - ٻولھ ڪرڻ
7. ڏھين درجي کان پوءِ داخلا ۽ وضيفت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ

گذريل درجي ۾ ڪئريئر ڇا، بابت آسان پڙھيو. ڪئريئر جي چوند ڪيئن ڪجي، ڪئريئر مئجڪ فريمورڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ھن سال ڏھين درجي کان پوءِ موجود موقعن بابت ۽ مقصد مقرر ڪرڻ بابت سکندا سين.

### ڪئريئر بابت ڪجھ رايا

ويچارڪيل سوال شاگردن ۾ بحث ڪريو.
اُنھن جا رايا ڄاڻي وٺو اُنھن کان ھرھڪ سوال پڇو. جواب ’ھا‘ تہ چو ۽ ’نہ‘ تہ چو نہ سمجھائڻ لاءِ چئو.

شروعاتي بحث کان پوءِ اَڳيان مثال ڏيو.
۽ ڏنل بيانن تي رايا وٺو. اُنھن کي بدل سدل ڪپي ڇا اِھو پڇو. اُنھن کي ھمٿايو.



1. توهان جي مالي حالت سٺي آهي ته ٿي ڪئريئر گهڙي سگهبو

ها　　　　نه

2. جيڪڏهن ڪئريئر چونڊ ۾ ڪا غلطي ٿي ته وري ڪامياب ٿي نه سگهبو

ها　　　　نه

3. سائنس يا حساب کڻڻ سان ئي ڪئريئر ٺهندو آهي.

ها　　　　نه

4. جنهن ڪئريئر مان سڀني کان وڌيڪ پئسا ملن، اُهو ڪئريئر چونڊڻ گهرجي

ها　　　　نه

5. نوڪري ڪرڻ مطلب ڪئريئر ٺهڻ.

ها　　　　نه



1. سائنسدان ڊاڪٽر اي.پي.جي عبدل ڪلام، اُديوگپتي ڌيرو ڀائي اَمباڻي، آلمپڪ پدڪ وجيتا ڪُشتي ماهر سشيل ڪمار، ائڪٽر رجنيڪانت ۽ انهن جهڙا بي شمار ماڻهو غريبي مان مٿي چڙهيا ۽ پنهنجي کيتر ۾ ڪامياب ٿيا.

2. ’هئري پاٽر‘ جي ليکڪا جي.ڪي. رائولنگ پهريائين اَنگريزي وشيه جي اڌياپڪا هئي. اَنيل ڪمبلي، هرشا ڀوگلي اِهي ڪرڪيٽ کيتر ۾ اَچڻ کان اڳ ۾ اِنجنيئر هئا. ليکڪ چيتن ڀڳت اِهو پڻ اِنجنيئر هو. ائڪٽر ڊاڪٽر شريرام لاگو، موهن آگاشي ائڪٽر ٿيڻ کان اَڳه ميڊيڪل کيتر ۾ تعليم ورتي هئي.

3. شيف سنجيو ڪپور، انيڪ پترڪار، رانديگر، اَسان جي ديش جا اِڪانامسٽ، ليکڪ، شاعر، سنگيتڪار، اِنهن ڪلا، ماڊرن ڪلا، سائڪالاجي، ڪاهرس يا هنري تعليم وٺي ڪئريئر ٺاهبو.



4. ڊاڪٽر پرڪاش آمٽي ميڊيڪل تعميم ۾ ڊگري ورتي. شهر ۾ ڊاڪٽري ڪري هو خوب ڪمائي سگهي ها پر هن ائين نه ڪري چندرپور ۾ آديواسي ماڻهن لاءِ ڊاڪٽري سيوا پهچائڻ وڌيڪ سنو سمجهو.



5. اَڳيئ ماڻهن کي نوڪري ڪرڻ وڏيڪ سلامتيءَ وارو لڳندو هو. پر اَڄ ڪلهه سيني ڪيترن ۾ موقعا ميسر ٿيڻ ڪري ڏنڌو ڪرڻ وڌيڪ سولو ۽ وڻندڙ ٿيو آهي. اِنڪري واپار ڪرڻ به هڪ ڪئريئر جو وسيلو آهي. (مثال ڏيو)

## هيٺ ڏنل مثال تي سوچيو.

1. پلئنگ يادو اِن آسام جي ماڻهو، اَڪيلي 37 سال وڻ لڳائي 1360 ايڪڙ زمين تي جهنگل کڙو ڪيو.
2. ڊاڪٽر آڀيه ۽ ڊاڪٽر راڻي بنگ اِنهن جي عام صحت ۾ ڪوجنائن ڪري گڙچرولي ضلعي ۾ ننڍين ٻارن جي موت ۾ ڪمي آئي.
3. راجيندر سنگهه عام ماڻهن جي مدد وٺي 4500 ننڍا ننڍا بند ٺاهي، راجستان جي پاتالي پاڻيءَ جو سطح وڌايو.

مٿي ڏنل مثالن ۾ ماڻهو پنهنجي ڪئريئر ۾ ڪامياب آهن، ائين توهان کي لڳي ٿو ڇا؟ اُنهن جي ڪامياب ٿيڻ، ڪئريئر ٺاهڻ جي وصف بابت توهان ڇا چوندا؟

هيٺ ڏنل مدن تي چرچا ڪريو.

1. ڪامياب ٿيڻ ڇا؟
2. ڏنل مثالن ۾ ماڻهو ڪامياب آهي ڇا؟
3. اُنهن کي پنهنجي ڪم ۾ خوب پئسا ملندا آهن ڇا
4. پئسا ڪمائڻ ئي ڇا ڪئريئر جو فقط هڪ مقصد آهي.

## ڪئريئر گهٽنا نه پر هڪ لاڳيتي ڪريا

پاوڪا ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪمائڻ لڳي. نون ماڻهن کي ڪمپني جو ڪم ڪار سيکارڻ جو جوابداري سندس مٿان هئي. اُها جوابداري سنڀاليندي، هن تي اِها ڳالهه ڌيان ۾ آئي ته هن کي سيکارڻ وٽي ٿو ۽ هوءَ سٺي نموني سيکاري به ٿي. ۽ ساڳئي وقت ٽريننگ وٺڻ وارن جي وڏي گهرج آهي. پوءِ هن ڪمپني ڇڏي پاڻ پنهنجو ٽريننگ سينٽر شروع ڪيو ۽ ڪيس سٺو ريسپانس به مليو.

رميش ڪامرس شاخا ۾ ڊگري ورتي. ۽ هڪ اِسپتال ۾ اڪائونٽنٽ پد تي نوڪريءَ تي لڳو. اِهو ڪم ڪندي ڪيس اِهو ڌيان ۾ آيو ته اڪائونٽ جي ڪم سان گڏوگڏ آفيس جي بندوبست ۾ به هن کي دلچسپي ۽ قابليت آهي. نوڪري ڪندي هن ايم.بي.اي جي ڊگري ورتي ۽ اِسپتال ۾ مئنيجر پد تي سندس اضافو ٿيو.

ڏنل مثالن مان ڇا ٿو نظر اَچي.

اِهو پڇو هيٺ مدن تي بحث ڪريو

1. هرهڪ شروعات ۾ سوچيل رستي موجب ڪئريئر ٺاهيو ڇا؟
2. ڏنل مثالن ۾ ڪئريئر بدلائڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟
3. تنهي پنهنجو ڪئريئر ٺاهيو ائين آسان ڇئي سگهون ٿا ڇا؟



جوسف هڪ ڪُڙمي آهي. پنهنجي هن کي ڪيتي آهي. ڪيس ڏيان ۾ آيو ڪيتي مان حاصل ڪيل پئدائش مٿان ڪريائون ڪري اُنکي سانبي سگهجي تو اُن مان انيڪ اُتپادن تيار ڪري سگهجن ٿا جن جي مارڪيٽ ۾ ڊمانڊ آهي. جوسف فوڊ - پروسيسنگ ۾ ٽريننگ ورتي ۽ ڪيتيءَ جي پورڪ پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو.

**سمجهي وٺو**

**ڪئريئر زندگي ۾ هڪ گهٽنا نہ پر هڪ لاڳيتي ڪريا آهي.** اَسان جئن جئن نيون ڳالهيون سکندا وڃون ٿا، نوان نوان آزمودا اَسانکي ملن ٿا تئن تئن اَسان ۾ بدل سدل، قابليت ۾ تبديل ۽ پسند ۾ تبديل وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي. موجود موقعن جي ڄاڻ پوي ٿي. اُن موجب اَسان وقت بہ وقت ڪئريئر ۾ ڦير ڦير آڻيون ٿا. اِنڪري ڪئريئر بابت فيصلو فقط ڏهين يا ٻارهين درجي ۾ ڪٽبو آهي، ائين نہ آهي.

## ڪئريئر هڪ مئچڪ فريم ورڪ - دور

اَسان جي پسند، قابليت ۽ موقعو اِهي جنهن ڪيتر ۾ ملن ٿا تہ اُن ڪيتر ۾ اَسان جو ڪئريئر ٺهي ٿو. هيٺ مثال ڏسون.

- شروعات ۾ رميش پنهنجي پسند، موقعو قابليت جو ويچار ڪري ڪامرس ۾ ڊگري وٺي اڪائونٽنٽ جي نوڪري حاصل ڪئي. مطلب ڪئريئر چونڊيو.
- اِسپتال ۾ بندوبست بابت ڪيس موقعو نظر آيو اِنڪري پنهنجي قابليت وڌائڻ لاءِ M.B.A ڊگري ورتي.
- رميش جي مثال مان ظاهر آهي تہ ڪئريئر ترتيب ۾ هرهڪ ڏاڪي تي ڪئريئر مئچڪ فريم ورڪ ڪم ڪري ٿو ۽ اُپيوگي ثابت ٿئي ٿو.

اَهڙي نموني ياوڪا ۽ جوسف مثالن ۾ توهانکي **مئچڪ فريم ورڪ اُپيوگي هو. ائين لڳي ٿو ڇا؟** ڪاپيءَ ۾ لکو.




اَسان جي پسند ۽ اَسان جي قابليت بابت کوج ڪرڻ لاءِ پنهنجو ملهہ ماپڻ جا اَسان گذريل سال ۾ ڪيتريون ئي مشغوليون ڪيون آهن. هن سال اَسان ڪجهہ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

## پنهنجي پسند ڳولهڻ

- درجي نائين ۾ مشغوليون ڪرڻ کان پوءِ درجي ڏهين ۾ توهانکي پاڻ کي سمجهڻ لاءِ قابليت آزمائش مان مدد ملندي.
- مهاراشٽر راڄيہ ماڌمڪ منڊل هر سال ڏهين درجي جي سڀني شاگردن لاءِ ”قابليت آزمائش“ آيوجن ڪندو آهي.
- ”قابليت آزمائش“ هڪ منو وگيان آزمائش آهي. اُها توهان کي ڪئريئر چونڊ لاءِ درجي ڏهن کان پوءِ ستن ڪيترن جهڙوڪ ڪيتي، مادرن آرٽ، ڪامرس، ٽيڪنيڪل، آرٽس، يونيفارم ڊارڪ سيوا (ملٽري وغيره) ميڊيڪل ۾ پسند سڃاڻڻ ۾ مدد ڪندي آهي.
- اِن آزمائش بعد پاڻ ۾ بدل سدل، پسند ۾ بدل سدل بابت بيان چونڊڻ جي اُميد ڪئي وڃي ٿي.
- ’قابليت آزمائش‘ مارڪون نہ هونديون آهن ۽ نہ ئي ڪو جواب غلط يا صحيح هوندو آهي.
- اِن قابليت آزمائش بابت احوال توهان کي www.mahacarcermitra.in تي ملي سگهي ٿو. ساڳي وقت ڏهين درجي جي رزلٽ وقت توهان کي اُنجي هڪ ڪاپي ملي سگهي ٿي.
- قابليت آزمائش فقط مارگہ درشن جو ڪم ڪندي آهي. شاگرد کهڙي شاخا ۾ ويندو، اِهو شاگرد کي ئي پاڻ فيصلو ڪرڻو آهي.

## ڪئريئر جا ست ڪيٽر:

ستن ڪيٽرن جي چاٽ هيٺ ڏجي ٿي. توهانجي پسندگيءَ جو ڪيٽر ڪهڙو آهي اندازو توهانکي لاڙو آزمائش جي احوال مان ملي ويندو. اهي ڏهين درجي ڪان پوءِ ڪٽي سگهجن ٿا.

### کيتي

سرٽيفڪيٽ ڪورس (MSBVE) ڊگري ڪورس

هاير سيڪنڊري ووڪئشنل ڪورس

ٽيڪنيڪل ڪورس (درجي 10 ڪان پوءِ ڊگري ڪورس

درجي ٻارهون سائنس (هاير سيڪنڊري)

### مادرن ڪلا

سرٽيفڪيٽ ڪورس MSBVE ڪورس

HSV (هاير سيڪنڊري وهنواري تعليم)

(ITI) اپياسڪرم (اُديوگڪ سنسٿا)

ٽيڪنيڪل (10 ڪان پوءِ) فائونڊيشن ڊگري ڪورس

### ٽيڪنيڪل (MSBVE)

سرٽيفڪيٽ ڪورس

HSV (هاير سيڪنڊري ڪورس)

ڪورس (ITI)

ٽيڪنيڪل (10 ڪان پوءِ)

HSC (سائنس)

### ميڊيڪل ڪورس

سرٽيفڪيٽ ڪورس (MSBVE)

ITI ڪورس

HSC ڪورس

ٽيڪنيڪل (10 ڪان پوءِ) HSC (سائنس)

### ڪامرس

سرٽيفيڪٽ ڪورس (MSBVE)

ڪورس HSC (ڪامرس)

### آرٽس

سرٽيفڪيٽ ڪورس (MSBVE)

HSVE ڪورس (هاير سيڪنڊري وهنواري تعليم)

HSC (هاير سيڪنڊري آرٽس)

### يونيفارم ڏارڪ سيوا

12 درجي ڪان پوءِ / ڊگريءَ ڪان پوءِ.

## پنهنجي قابليت سڃاڻو

- درجي نائين جي خود وڪاس ۽ ڪلا جو آنند هن ڪتاب جي باب - 8 ڪئريئر ۾ پنهنجي قابليت سڃاڻڻ لاءِ ڪجھ پروجيڪٽ ڏنل آهن.
- اِن سان گڏ، گڏريل ٽن سالن ۾ توهان جي رزلٽ ۾ ترڪيب ڪيل توهان جي ڪم - ڪار مان بہ توهان قابليت سڃاڻي سگھو ٿا.
- مٿين پنهي ڳالهين مان قابليت بابت توهان کي هڪ اَندازو ملي سگھي ٿو.

## ڪئريئر ڪوٽا

هڪ دفعو پنهنجي پسند جو ڪيتر چونڊڻ کانپوءِ، اُن ڪيتر جا اُپ ڪيتر، ملندڙ موقعا، اِن بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

## مهاڪئريئر پورٽل:

مهاڪئريئر پورٽل شاگردن کي ڪئريئر بابت مارگہ درشن ملي، اِن لاءِ، تيار ڪيو ويو آهي. اِن ويب سائيٽ ۾ توهان جي ضلعي، تعلقي ۾ جدا جدا ڪئريئر جا ڪيتر، اُپ ڪيتر، ڪاليجن بابت، سڄي ڄاڻ ڏنل آهي، ساڳي نموني هرڪنهن ڪيتر ۾ ناموسي ماڻهن جو سندس ڪيتر ۾ ڏنل ڄاڻ بہ توهان ڏسي سگھو ٿا.

(www.mahacareermitra.in) تي وڃو



### ٺوري وندر:

الف: هي رستو ڪيڏانهن ٿو وڃي؟

ب: رستو ڪٿي بہ نہ ويندو آهي، توکي ڪٿي وڃڻو آهي

الف: اَڃا سوچيو نہ آهي.

ب: پوءِ ڪهڙي بہ رستي تي وڃ. ڪهڙو فرق ٿو پوي.

### سمجھي وٺو

اُهي، جيڪي 'ڇا ڪرڻو آهي يا زندگيءَ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هئڻ گهرجن' بابت نہ سوچيندا آهن يا ڪجھ بہ مقرر طيءِ نہ ڪندا آهن، اُهي ڪوبہ ڪم ڍنگہ سان نہ ڪندا آهن. مطلب اَسانکي ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي. اُن بابت چڱيءَ طرح سوچ - ويچار ڪرڻ گهرجي. اِن سان مقصد بابت اِرادو پڪو ٿيندو آهي.

## مقصد پڪو ڪرڻ

هيٺ مثال ڏسو اُنهن مان ڪنهن جو مقصد پوءِ ٿيندو اِهو ٻڌايو.

1. رفيق جو مقصد آهي ته **مان وڏو ماڻهو ٿيان** پر در حقيقت ڇا ڪرڻ گهرجي. اُن جي هن کي ڇاڻ نه آهي.



2. پيٽر وڏيڪ ۾ **وڻ لڳائڻ** چاهي ٿو. اِنڪري هو روز هڪ وڻ لڳائيندو آهي. پر اِهو مقصد ڪڏهن پورو ٿيندو ڪيس ڄاڻ نه آهي.
3. راڌڪا چاهي ٿي ته **دنيا جي سيني** سوالن جا جواب اَچڻ گهرجن.
4. جسمتا جو مقصد آهي ته **ٻن مهينن** ۾ سٺي رانديگر ٿيان.
5. ڊيلنا جو مقصد آهي ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن به سنگيت سکندس.

ڏنل هرهڪ ماڻهوءَ بابت ويچار ڪرڻ لاءِ چئو.
هرهڪ جو مقصد پورو ٿيڻ سولو آهي يا ڏکيو. اُن لاءِ هينيان مدا ڪٿو.

1. رفيق جو مقصد ڪڏهن پورو ٿيندو؟ هو وزن ۾ ٿلهو ٿيندو ڇا؟
2. پيٽر ڪيئن ماپي ته هنجو مقصد پورو ٿيو؟
3. راڌڪا جو مقصد سچ پچ پورو ٿيندو؟
4. جسمتا جو مقصد وهنواري آهي ڇا.
5. ڊيلنا جي مقصد ۾ ڪهڙي رنڊڪ آهي.

**متي ڏنل مثالن ۾ هرهڪ ماڻهوءَ جي اِڇا ظاهر ٿيل آهي. اُن اِڇا جو مقصد ۾ بدلجڻ ضروري آهي.** پنهنجي مقصد پورو ڪرڻ لاءِ، پهريائين صحيح طريقي ۾ لفظي يوجنا ٺاهڻ گهرجي اُها ڪاغذن تي ڪيڏي سمجهائڻ اچڻ گهرجي اِڇا جو مقصد ۾ بدلجڻ ڪيئن ٿئي ٿو. اِهو اَسان ڏسنداسين.

هرهڪ مقصد جي بيان بابت چرچا ڪريو. هرهڪ بيان SMART آهي ڇا؟ ڄاچ ڪريو. نه آهي ته اُن ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي، اُن سڃاڻي مقصدي بيان بدلايو.

مقصد بيان ۾ محصوص آهي، ڪيئن، ڪيترو اِهو چٽيءَ طرح ڏنل آهي ڇا؟ ڄاچ ڪريو.

S

**1. Specifice**

مخصوص: اَسان کي تز چا Specifie ڪرڻو آهي. اِهو چٽيءَ طرح هئڻ گهرجي. ممڪن، ڪجهه، وڌو، وڌيڪ وغيره اِهي لفظ ڪم نہ آڻڻ گهرجي.

M

**2. Measureable**

ماپڻ جهڙو: اَسان کي اُهو بيان سوچڻو آهي. جيڪو ماپي سگهيو. سٺو، خوب، سچو اِهي لفظ ڪم نہ آڻڻ گهرجن اِمتحان ۾ جام مارڪون ملنديون اِن بدران امتحان ۾ 70% کان وڌيڪ مارڪون ملنديون. اِهو مقصدي بيان صحيح آهي.

A

**3. Achievable**

اُهو مقصد جيڪو پورو ٿي سگهي:

اَسان جيڪو مقصد رکون، پهريائين سوچڻ گهرجي، ڇا اهو پورو ٿي سگهندو؟ دنيا مان سڀ ڏکہ دور ڪرڻ اِهو مقصد پورو ڪري نہ سگهيو اِن جي بدران ٻن ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريان اِهو مقصد پورو ٿي سگهي ٿو.

R

**4. Realistic**

وهنواري: ٻن مهينن ۾ بيست رانديگر ٿيان، اِهو وهنواري نہ آهي. تمام سٺو رانديگر بڻجڻ لاءِ سالن جا سال محنت ڪرڻ پوندي آهي.

T

**5. Time bound**

وقت جي محدودي: مقصد رکڻ وقت جيڪڏهن اَسان اهو خيال نہ ڪندا سين تہ اُهو ڪڏهن پورو ٿيندو تہ سچ پچ اُن مقصد تي پهچڻ ممڪن نہ آهي. جيڪڏهن مقصد لاءِ ڪو وقت مقرر نہ ڪندا سين تہ اَسان اُهو ڪم شروع بہ نہ ڪندا سين.

## سمجھي وٺو

هيٺ ڏنل مقصد جي بيانن ۾ ڪا چوڪ آهي ته اُها ڳولهيو ۽ پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو ممڪن ٿي ته اُها چوڪ درست ڪري صحيح روپ ۾ لکو.



- روما جو مقصد آهي ته مان سُٺيون مارڪون کڻان
- منيشا چاهي ٿي ته هوءَ هڪ ڪامياب شخصيت ٿئي.
- راڪيش چاهي ٿو ”مان چئن ڦيٿن واري گاڏي وٺان“.
- پروين جو مقصد آهي. ته 11درجي ۾ 60% کڻي
  ’الف‘ ڪاليج ۾ ائڊميشن وٺان.

## پنهنجي ڪئريئر بابت يوجنا

سمجھو توهان کي هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ وڃڻو آهي ته ڇا توهان سڌو اُٿي هلڻ شروع ڪنداس آهيو ڇا؟ سمجھو توهان جي گھر هڪ شاندار شادي ڪم مقرر ٿيل آهي ته ڇا شاديءَ واري ڏينهن سڄي تياري ڪندا؟ سمجھو ڪنهن رانديگر کي آلمپڪ رانديڻ ۾ ميڊل کٽڻو آهي ته شرط واري ڏينهن ڊوڙي پنهنجي مقصد ۾ هو ڪامياب ٿيندو؟ اِنهن سڀني سوالن جو جواب ’نه‘ اهي ڪنهن به مقصد پوري ڪرڻ لاءِ اَڳوات تياري ڪرڻ ضروري آهي. اَڄ ڪان ڇا ڇا ڪرڻو آهي،، اُهو سڀ مقرر ڪرڻو پوندو. اَسان جي ڪئريئر ۾ اِهو ڇٽيءَ طرح آٽڻ ڏاڍو اَهم آهي. نمونو تختو توهان کي ڇٽائي آٽڻ ۾ مدد ڪندو.








| سال | مان ڇا ٿيندس | مان ڇا ڪندو هوندس | مون وٽ ڇا هوندو. |
| --- | --- | --- | --- |
| 10 سالن بعد | مان هڪ ڪامياب ڪُڙمي ٿيندس | مونکي پنهنجي ڪيتي هوندي | • پنهنجي ڪيتي<br>• پنهنجو گهر<br>• پنهنجو ٽرئڪٽر |
| 5 سالن بعد | مان 'الف' ڪاليج مان B.Sc (ڪيتي) ڊگري حاصل ڪندس | آزمودو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪامياب ڪڙميءَ سان گڏ ڪم ڪندس | • ڊگري<br>• اُتم ڪيتي ڪرڻ جو هنر |
| 3 سالن بعد | مان 'الف' ڪاليج مان ٻارهون درجو 'ڪ' مارڪن سان پاس ڪري 'الف' ڪاليج ۾ داخلا وٺندس. | مان B.Sc (ڪيتي) ڪورس پورو ڪري اُن بابت نيون ڳالهيون سکندس | • وڌيڪ سکڻ لاءِ، چاهه<br>• سکڻ ڪيئن اُپيوگ ڪيو، اُن لاءِ چٽائي.<br>• جدا جدا يوجنائون سمجهندس |
| 1 سال بعد | مان ڏهين درجي ۾ 'ي' سيڪڙو مارڪون کٽي 11 درجي ۾ 'ٿ' ڪاليج ۾ داخلا وٺندس | مان ٻارهين درجي ۾ 'ڪ' سيڪڙو مارڪون کٽي وڌيڪ مارڪون کٽڻ جي ڪوشش ڪندس. | • وڌيڪ؛ وڌيڪ سکڻ جو چاهه<br>• اَڳتي ڇا ڪرڻ گهرجي اُن لاءِ ڄاڻ حاصل ڪندس<br>• واسطيدار ماڻهن سان ملندس |

## منھنجا مقصد بيان

ڏهين درجي کان پوءِ اَسان کي ڇا ڪرڻو آهي. اِهو مقرر ٿيڻ بعد ڏهين درجي ۾ يا اَڳتي ٽن / ڇهن مهينن جا مقصد پڪا ڪرڻ يوجنا ڪرڻي پوي ٿي.

ڏنل نموني موجب مقصد - بيان تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. هرهڪ شاگرد جي مقصد بيان رچنا ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. اِن جو ڌيان ڏيو.

## مقصد - بيان

توکي ڇا ٿيڻو آهي؟ مونکي .................. ٿيڻو آهي.

**مثال:** مونکي ڏهين درجي ۾ سٺيون مارڪون ملڻ گهرجن

ڪيترو سيڪڙو مارڪون؟ مونکي ........... سيڪڙو مارڪون هلڻ گهرجن

**مثال:** مونکي ڏهين درجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 70 سيڪڙو مارڪون ملڻ گهرجن.

ڪيستائين؟ مون کي ........... تائين اِهو مقصد پورو ڪرڻو آهي.

**مثال:** مونکي اَڳتي ڇهن مهينن ۾ اِهو مقصد پورو ڪرڻو آهي.

### رٿا

توهان هاڻي مقصد بيان لکيا آهن. اُن لاءِ اَڄ کان ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، ان جي رٿا ٺاهڻ ضروري آهي. هيٺ ڏنل نموني تختي موجب توهان به رٿا ٺاهي سگهو ٿا.

ڏنل نموني موجب شاگردن کي نيوجن ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. هرهڪ شاگرد جي مقصد لاءِ، نيوجن ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. اِهو ڌيان ۾ رکو.

| اَڄ مان ڪٿي آهيان؟ | مونکي 6 مهنن - 1 سالرهر ---- وڃڻو آهي | اُن لاءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ |
|---|---|---|
| اَڄ مونکي 60 مارڪون مليون آهن. | مونکي ڏهن درجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 70 مارڪون ملڻ گهرجن | • اَڀياس جو وقت وڌائڻ گهرجي.<br>• اَڻ سمجهيل ٻالهر اُستاد کان سمجهي ڇڏڻ گهرجي<br>• لکڻ جي هنر ۾ مضمون وغيره ۾ گهٽ مارڪون ملن‌ٿيون اُن لاءِ وڌيڪ اَڀياس ڪرڻ گهرجي. |

### وقت جو نيوجن

**”هرهڪ ماڻهوءَ کي هڪ ڏينهن ۾ 24 ڪلاڪ هوندا آهن. اِنهن 24 ڪلاڪن ۾ هو ڇا ٿو ڪري، اِن تي سندس ڪاميابي مدار رکي ٿي.“**

ڏهين درجي ۾ ڪل اِسڪول اَڀياس، يونٽ ٽيسٽ وغيره بابت تز وقت ورهائڻ ڏکيو آهي. پر پنهنجي مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ وقت بابت رِٿا ڪرڻ ضروري آهي. هيٺ وقت بابت رٿا جو هڪ طريقو ڏنل آهي. اَهڙا اَنيڪ طريقا ٿي سگهن ٿا.

پنهنجي ڏينهن پر سمهڻ واري وقت کي ڇڏي باقي وقت اَڌ اَڌ ڪلاڪن ۾ ورهايو.

ڪهڙي ٻالهر لاءِ، ٻاڙهو زنگ ڪم آڻجي ۽ ڪهڙي ٻالهر لاءِ پيلو رنگ ڪم آڻجي، اِهو سمجهائڻ لاءِ شاگردن جي مدد ڪريو.

هڪ مشغولي پوري ڪرڻ ۾ گهٽ وقت لڳي، اُن لاءِ، ٻيا طريقا ڪهڙا اَسان لاءِ ويچار ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪريو.

- ٻه - ٽي ڏينهن توهان هر اَڌ ڪلاڪ ۾ ڇا ڪندا آهيو، اُهو نوٽ ڪريو.
- اُن مان توهان کي هڪ اَندازو ملندو.
- جنهن ڳالهه سان توهان جي مقصد جو ڪوبه لاڳاپو نه آهي، اُن کي ڳاڙهو رنگ ڏيو.

مثال ٽي.وي ڏسڻ اِنجو 70 مارڪون حاصل ڪرڻ سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي. اَهڙي ڳالهه کي ڳاڙهو رنگ ڏيو.

- جَنهن ڳالهه جو توهان جو مقصد سان لاڳاپو نه آهي پر اُها پورڪ آهي. اُن کي پيلو رنگ ڏيو.

مثال اِسڪول وڃڻ لاءِ لڳندڙ وقت اُنجو مقصد سان سڌو لاڳاپو نه آهي پر مقصد پورو ڪرڻ ۾ اِهو پورڪ آهي.

- جنهن ڳالهه جو مقصد سان لاڳاپو وجهي اُنکي سائون رنگ ڏيو.
- سڀ کان پهريائين ڳاڙهي رنگ وارين ڳالهين ۾ لڳندڙ وقت گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريو پوءِ پيلي رنگ واري ڳالهين جو وقت گهٽائڻ گهرجي. يا ٻه ڪم هڪ وقت ڪريو. مثال اِسڪول ويندي ويندي پڙهيل اَڀياس من ئي من ۾ دهرائيندا وڃو.

| آرتوار | ڇنڇر | جمع | وسپت | ٻڌر | منگل | سومر | وقت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | ٦.٠٠ کان ٣٠-٦ |
| | | | | | | | ٦.٣٠ کان ٧.٠٠ |
| | | | | | | | ٧.٠٠ کان ٧.٣٠ |
| | | | | | | | ٧.٣٠ کان ٨.٠٠ |
| | | | | | | | ٨.٠٠ کان ٨.٣٠ |
| | | | | | | | ٨.٣٠ کان ٩.٠٠ |
| | | | | | | | ٩.٠٠ کان ٩.٣٠ |
| | | | | | | | ٩.٣٠ کان ١٠.٠٠ |
| | | | | | | | ١٠.٠٠ کان ١٠.٣٠ |
| | | | | | | | ١٠.٣٠ کان ١١.٠٠ |

## ٿوري وندر

### ويزن بورڊ:

مقصد مقرر ڪري هڪ ويزن بورڊ تيار ڪريو ڪاغذ تي مقصد لکي گهرجي پٽ تي چپڪايو. اُن جي آس پاس سنا وچن، مقصد ڏانهن وٺي ويندڙ فوٽو، اُن کيتر ۾ ڪامياب ماڻهن جا فوٽو وغيره لڳايو. ويزن بورڊ ڪري توهانکي هميشهه همت ۽ اُتساهه ملندو رهندو ۽ مقصد بابت چتائي رهندي.

## ڪئريئر ۾ ٿيندڙ رنڊڪ

### 1. مائٽن سان ڳالهه - ٻولهه

متاليءَ ڪي راند - کيتر ۾ ڪئريئر ٺاهڻو آهي. پر مائٽ چاهين ٿا ته هوءَ نرسنگ جو ڪورس ڪٽي. متالي پنهنجو مقصد ماڻهن کي سمجهائي نه ٿي سگهي اِن ڪري روز گهر ۾ کٽ - پٽ ٿئي ٿي. روز کٽ پٽ ڪري متاليءَ جو اَڀياس به چڱيءَ طرح نٿو ٿئي.

ڪيترائي دفعا اَسان پنهنجن مائٽن کي چڱيءَ طرح سمجهائي نه سگهندا آهيون. جنهن ڪري اَسان جو پاسو آهي نه سمجهندا آهن ۽ اَسان جي چونڊ تي به اُنهن جو وِشواس نه هوندو آهي. اُن لاءِ هيٺ ڪريا ڪري سگهجي ٿي.

شاگردن کي ڪهڙي قسم جو آزمودو آهي؟ يا ٿي سگهي ٿو؟ اِهو پڇو اِڇا موجب ئي هنکي اَڳتي وڃڻ ڏجي.

### ڌيان سان پڙهو:

توهان مائٽن جي ڳالهه هڪ دم غلطفهميءَ ۾ نه کڻو اُنهن کي ڪهڙو فڪر آهي، اُهو سوچيو. اَڪثر مائٽن کي هيٺيون چنتائون هونديون آهن.

1. پئسو ڪٿا ڪمائيندا؟
2. توهان جي چونڊ کيل کيتر ۾ اَڳتي ڪهڙو اِسڪوپ آهي؟ نوڪري / ڌنڌو ٿي سگهندو ڇا؟
3. توهان، اِهو ڪورس ڪري سگهندا ڇا؟
4. ڪورس جي في ڪيتري هوندي؟

اِنهن سوالن جا جواب - توهان وٽ هجن ۽ اُهي سماڌان ڪندڙ هجن ته مائٽن کي ڀڌائڻ سان اُنهن جي خلافت رکجي سگهي ٿي.

### ڄاڻ جمع ڪريو :



توهان جي پسند جي کيتر بابت اَخبار ۾ ڄاڻ، ٽي-وي تي اَهڙي قسم جو اِنٽرويو، اِنٽرنيٽ تي ڄاڻ پنهنجي مائٽن کي ڏيکاريو. توهان اَڳتي جيڪو ڪرڻ چاهيو ٿا، اُن جو ڪاليج ڪٿي آهي؟ في گهٽي آهي؟ اِنهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي تياري ڪريو

### ماڻهن سان هلايو ڳالهايو:

جيڪو ڪورس توهان ڪرڻ چاهيو ٿا. اُهو ڪورس پورو ڪندڙ ماڻهن کي پنهنجي مائٽن سان هلايو. اُنهن جو چوڻ ٻڌو.

## 2. آرٿڪ رنڊڪ

ڪيترائي دفعا آرٿڪ رنڊڪ سبب مقصد پورو نہ ٿيندو آهي. پر اَهڙي وقت سرڪاري ۽ خانگي اِسڪالرشپ ڪري آسان پنهنجو مقصد پورو ڪري سگهون ٿا. ڪجهہ اِسڪالرشپن بابت هيٺ ڄاڻ ڏنل آهي برئڪيٽ ۾ ويب سائيٽ ڏنل آهي.

1. هوشيار ٻارن لاءِ NCERT اِسڪالرشپ www.ncert.nic.in تي وڃو.
2. SIA يوٿ اِسڪالرشپ www.sia-youth-scholarships.html
3. ڪشور وگيانڪ پروتساهن يوجنا http://kvpy.iisc.ernet.in
4. مهندرا اَڪل پارتيہ گڏوتا اِسڪالرشپ www.kcmet.org
5. تڪنيڪ سکيا لاءِ اِسڪالرشپ www.aicte-india.org
6. ذهين ڪان پوءِ گڏوتا اِسڪالرشپ (ڪاليج سان سمپرڪ ڪريو)
7. GIIS جي سي.وي رمن اِسڪالرشپ www.giisscholarship.org
8. راجرشي ڇترپتي شاهو مهاراج شڪشڻ شمڪ پرتي پورتي يوجنا
   https://dtemaharashtra.gov.in
   https://mahaeschol.maharashtra.gov.in
9. ڊاڪٽر پنجاب راءُ هاسٽل خرچ
   https://mahaeschol.maharashtra.gov.in
10. ٽيڪنيڪل سکيا چوڪرين لاءِ اِسڪالرشپ www.aicte-india.org
11. اِنڊين آئل اِسپورٽس اِسڪالرشپ www.iocl.com
12. پر.ووڪئشنل ڪورس اَلپ سَنيڪ خاص خاص اِسڪالرشپ
    https://dtemaharashtra.gov.in
13. مرڪزي سرڪار جي مهاراشٽرا ۾ الپ سنيڪ شاگردن لاءِ اِسڪالرشپ
    www.momascholarship.gov.in

14. اَليپ لنڪيڪ چوڪرين لاءِ مولانا آزاد راشٽريہ اِسڪالرشپ www.maef.nic.in

15. ڏهين درجي کان پوءِ ديوياڱگہ لاءِ اِسڪالرشپ (وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ضلع پريشد سماج ڪلياڻ وڀاڱہ وڃو)

16. ماضي سئنڪن جي هوشيار ٻارن لاءِ اِسڪالرشپ (سئنڪ ڪلياڻ عملدار آفيس مان ڄاڻ حاصل ڪريو)

17. ماضي سئنڪ جي نراڌار ٻارن لاءِ، اِسڪالرشپ (ضلع سئنڪ ڪلياڻ عملدار آفيس مان ڄاڻ حاصل ڪريو)

18. وڌيڪ ڳولهيو.

## 3. درجي يارهين ۾ داخلا وقت رنڊڪ

ڪيترائي دفعا سنيون مارڪون کڻڻ کان پوءِ بہ داخلا ۾ رنڊڪ ٿئي ٿي ڇو تہ ضروري ڪاغذ موجود نہ ٿيا ٿين. اِنڪري ڏهين درجي جي اِمتحانن کان پوءِ هڪ داخلا پرڪريا جو فائيل تيار ڪرڻ گهرجي.

### کليل جڳهين

اَصلي مارڪ شيٽ (درجو ڏهون يا اُن جو برابر)

اِسڪول ليونگہ سرٽيفڪيٽ، آڌار ڪارڊ

### قانوني محفوظ جڳهيون

(SC/ST/VJ-A/NT-B/NT-C/NT-D/OBC/SBC)

اصلي مارڪ شيٽ

(درجو ڏهون يا اُن جو برابر)

اِسڪول ليونگہ سرٽيفڪيٽ،

جاتي جو اَصلي سرٽيفڪيٽ، آڌار ڪارڊ

### خاص محفوظ جڳهيون

1. رانديون
2. ڪلا ۽ سانسڪرتڪ
3. 1 آڪٽوبر 2016 ۽ اُن کان پوءِ پٽي ۽ چنچواڙ مهانگر ڪيتر ۾ آيل راجيہ - مرڪزي سرڪار - خانگي ڪيتر ۾ نوڪري ڪندڙن جا ٻار
4. هاٽوڪا ۽ ماضي سئنڪن جا ٻار
5. سوتنتر سئنڪن جا ٻار
6. ڊيويانگہ شاگرد
7. پرڪلپ شڪار سرٽيفڪيٽ
8. پوڪمپ شڪار سرٽيفڪيٽ

FJRRF5

اَصلي مارڪ شيٽ (درجو ڏهون يا اُن جو برابر)
اِسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ، آڌار ڪارڊ،
خاص محفوظ سرٽيفڪيٽ

پيا خاص ضروري ڪاغذ

انڪم سرٽيفڪيٽ
ڊومئسائيل، آڌار ڪارڊ
جاتي چڪاس سرٽيفڪيٽ
نان - ڪرمنل داخلا
رهواسي سرٽيفڪيٽ، ناگرڪتا سرٽيفڪيٽ
(اِها چاڻ واسطيدار پرڪريا مرڪز، اِسڪول يا ڪاليج ۾ ڏيو)

ملهہ ماپڻ (مارڪن جو (وزن 15%)

| ڪسوٽي | سٺو<br>تمام سٺو | ٺيڪ<br>(سماڌان ڪارڪ) | ٺيڪ نہ آهي<br>(اَسماڌان ڪارڪ) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| مقصد بيان | ڏنل 5 ڪسوٽين جي آڌار تي 1,3,5 , 10 سالن کان پوءِ مقصد - بيان چٽيءَ طرح تيار ڪيا | 1,3,5, 10 سالن کان پوءِ وارا مقصد بيان تيار ڪيا پر ڪسوٽين تي گهرائيءَ سان ويچار نہ ڪيو | بنا ويچار مقصد - بيان بنا چاهہ جي پورا ڪيا. | |
| مقصد بيان مشغولي | مقصد - بيان اَنوسار مشغولي - تختا ڻاهيا ۽ مشغولي پوري ڪئي ۽ اُها درج ڪري رکي آهي | مقصد - بيان جو تختو ڻاهيو پر اُن مشغولي نوٽ نہ ڪيائين | مشغولي يوجنا نہ ڻاهيائين | |
| ڪلاس ۾ پاڱہ وٺڻ | باب ۾ آيل سڀ مشغوليون تمام اُتساهہ سان چستيءَ سان پاڱہ وٺي پوريون ڪيائين | پاٺ ۾ ڏنل سڀ مشغوليون پوريون ڪيائين | ٻين شاگردن جي ڪاپي ڏسي مشغوليون پوريون ڪيون | |



پرتاپ ۽ نشا گاني ڳائڻ جي پريڪٽس ڪن ٿا. راگهو اِهو ٻڌي اندر اَچي ٿو.
هي ڇا؟ اِهو گانو توهان سنيهه سميلن ۾ ڳائيندا
ڇو؟ ڇا ۾ خراب آهي
اِهو ته ٻئي راجيه جو آهي. مارا شٽر جو ڪو لوڪ گيت چو نه ٿا ڳايو؟ مهاراشٽر جو ناز توهان کي نه آهي ڇا؟
ناز آهي. پر ڪلا ڪي پنهنجي راجيه ۽ ٻئي راجيه جي ڇئي اسان پنهنجي زندگي جا سنا اَنيو وڃايون ٿا.
مان سمجهو پر ڇا اَسان جي سنگيت ۾ ڪا گهٽتائي آهي ڇا
ها نه، ٻين راجين جو سنگيت ڪٽي جوڙڻ مطلب اُتان جي ماڻهن جي جيون سان جوڙڻ
مان ته چوان ٿو، پارٽ جو نه پر ٻين ديشن جو سنگيت به جوڙڻ گهرجي - ڇا - تو سمجهو
بلڪل نه - ٻين جي ڪلا سان جوڙي، اسانکي پنهنجي ڪلا وڌيڪ سمجهه ۾ اچي ٿي اَسان جي ڪلا سمرڌ ڏئي ٿي.

# 6 مان ۽ هُنري ڪلا



’’جتي لفظ ختم ٿيندا آهن، ۽ اُتان ڪلا شروع ٿيندي آهي‘‘

## مقصد

1. ناٽڪ وندرائيندڙ لاءِ گهربل تتون جي ڄاڻ شاگردن کي ڏيڻ ۽ اُنهن جي اَهميت شاگردن جو پنهنجو لفظن ۾ ٻڌائڻ
2. ناٽڪ ۾ پاتر ڪيئن ناهه - جوڙڪن، پاڻ ڪلپنا ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ. اَهڙو موقعو ڏيڻ.
3. ڪو ساڳيو ڊائلاگ جدا جدا حوالن ۾ جدا جدا وقاعن ۾ الڳ تي سگهي ٿو، اِها سمجهه ڏيڻ.
4. سوتر سنچالن ڪلا ۽ لوڪ نرتيہ بابت ڄاڻ ڏيڻ.
5. نريتہ جو اَسان جي زندگيءَ ۾ اَهم رول، سمجهائڻ.
6. اَوڪاش، وقت ۽ جوش اِنهن جو نرتيہ ۾ اَڀياس ڪرائڻ
7. ڀارت جي مشهور سازن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ اُنهن جي نرلائپ سمجهڻ.
8. اَسان جو پسند وارو سنگت جو وشليشڻ ڪري لفظن ۾ بيان ڪرڻ سمجهائڻ

گذريل درجي ۾ اَسان هنري ڪلا جي ٿوري ڄاڻ حاصل ڪئي. اَسان هاڻي وڌيڪ وِستار سان اُها ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**ناٽيہ:**

اِن کان اَڳ سڪيل ناٽيہ بابت ويچار ڪرڻ لاءِ شاگردن جو اُتساهه وڌايو. ناٽڪ ۾ ڪشمڪش، ويش پوشا، هاو - ڀاو - آواز، سرير - ٻولي. اِنهن سڀني بابت دور ڪريو.

### ذرا ياد ڪريو

1. هيٺ ڏنل ڳالهه ناٽڪ روپ ۾ ڪيل آهي. اُن ۾ ڪا گهٽتائي توهان کي نظر اَچي ٿي ڇا؟ هڪ ڪُڙمي هو. تمام تڪليفون سهي هو پريوار پاليندو هو.

   آهستي آهستي هن جا ٻار پڙهائي ڪرڻ لڳا، پنهنجي پيرن تي بيٺا. سڀ ٻار سٺا هئا ماءُ - پيءُ سان پريم ڪندا هئا.
2. ڪنهن ماڻهوءَ بابت ٻڌائڻ لاءِ ڪهڙو تتو ڌيان ڏيڻ گهرجي؟

   مثال: هڪ غريب بزرگ عورت هئي.

## ناٽڪ وندرائيندڙ بنائڻ جا ڪجھ تتو

### 1. بئڪ گرائونڊ

ناٽڪ ڪهڙي وقت جو آهي. ناٽڪ ۾ آيل واقعا حقيقي يا اَثرائتا ناهڻ لاءِ، اِسٽيج تي جيڪا ناهه جوڙ ڪجي تي اُنکي بئڪ گرائونڊ چئبو آهي. عام مشهور لفظن ۾ اُنکي ناٽڪ جو سيٽ چئبو آهي.





### 2. ڊريس

ناٽڪ ۾ ڪردار ڪير آهن، ڪهڙي وقت سان لاڳاپو رکندڙ آهن. اُنهن جون خاصيتون، ناٽڪ جي پيش ڪش جو نمونو اِنهن سڀني مدن تي سوچ - ويچار ڪري ڪردارن جي ڊريس (پوشاڪ) مقرر ڪئي وڃي ٿي. اِتهاسي ناٽڪ هوندي تہ ڊريس بہ اُها اِتهاسي ڍنگ جي هوندي.

### 3. ميڪ - اَپ

ناٽڪ ۾. ڊريس بابت سوچڻ کان پوءِ ڪردارن جي عمر، ۽ خاصيتون ڌيان ۾ رکندي اُنهن جي چهري تي



سينگار ۽ رنگ هنيا ويندا آهن. اِهو بہ ڌيان ۾ رکيو ويندو آهي تہ اِسٽيج جي جلين جي روشني ۾ ڪلاڪار جا ڀاو نهڪن ٿا يا نہ. اِن سينگار وغيره کي ميڪ اِپ چئبو آهي. هڪ ڪلاڪار کي وڏي عمر جو ڏيکارڻو آهي تہ اُن جي وارن کي اَڇو ڪرڻ ۽ ڪوئلي جي مدد سان اَکين هيٺ ڪارا گول نشان ڪجن ٿا.



## 4. روشني - بندوبست

اِسٽيج جي ڪو حصو ڏيان ۾ رکندي، خاص اِسٽان ڏيکارڻ لاءِ ڪا گهڻنا ڏيکارڻ لاءِ خاص قسمن جي بلبن جو مناسب اِستعمال ڪيو ويندو آهي. اِهي بلب اِسٽيج ڪڏهن مٿي پاسي اَٽڪيل هوندا آهن تہ ڪڏهن پاسي کان تہ ڪڏهن هيٺ پاسي کان رکيل هوندا آهن. مثال رات جو وقت ڏيکارڻ لاءِ، نيري روشني واپرائڻ هڪ طريقو ڪم آڻيندا آهن. هڪ خاص ماڻهوءَ مٿان جوابداري هوندي آهي تہ ڪهڙي وقت ڪهڙو بلب بند ڪجي يا چالو ڪجي.

## 5. بئڪ گرائونڊ سنگيت



ناٽڪ ۾ حقيقي درشيہ بڻائڻ لاءِ ڪيترائي دفعا سنگيت جو اُپيوگ ڪبو آهي. اِهو سنگيت جو آواز پاترن جي ڊائلاگ وقت گهٽ هوندو آهي ۽ ڪڏهن اِهو ڊائلاگ بنا درشيہ ۾ وڌو ڪيو ويندو آهي. مثال تيز هوا، بادلن جي گجگوڙ اِهي آواز پئدا ڪجن ٿا جئن ناٽڪ وڌيڪ حقيقي ۽ اَثرائتو ٿئي.

## ناٽڪ جي ڪلپنا



ناٽڪ وقت ڪيترن ئي مُدن تي ويچار ڪجي ٿو. ناٽڪ جا واقعا ڪئي ٿيا هئا، اِهو ڪهڙي زماني جو آهي، اُن بابت اِسٽان، وقت، ڪال وغيره ڏيکارڻ لاءِ، جدا جدا طريقا ڪم آڻجن ٿا. اُن بابت اَسان ٿوري ۾ ڏسنداسين. اِهو بہ ضروري نہ آهي تہ ناٽڪ وقت هميشه ڪال، اِسٽان ۽ وقت جو ڌيان رکڻ گهرجي.

## جدا جدا اِسٽان ڏيکارڻ

ڪيترائي دفعا ناٽڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ جدا جدا اِسٽان هوندا آهن. اِهي سڀ اِسٽان ڏيکارجن، اِهو ضروري نہ آهي پر اُهي ڏيکارڻ لاءِ ڪونہ ڪو اِشارو ضرور پيش ڪيو ويندو آهي.

1. جدا جدا اِسٽان ڏيکارڻ لاءِ اِسٽيج جا اَلڳ اَلڳ حصا ڪجن ٿا. مثال گهر ۽ هوٽل اِهي بہ اِسٽان ڏيکارڻا آهن. تہ اِسٽيج جي هڪ ڪنڊ هوٽل ۽ ٻي ڪنڊ گهر وانگر سجائجي ٿي.
2. ڪڏهن ڪڏهن اِسٽيج جا حصا نہ ڪندي، هڪ ئي جڳهہ تي يڪدم بورڊ، سامان لڳائي بدليل اِسٽان ڏيکارجن ٿا. مثال: چتر ۾ هڪ ڪورٽ ڏيکاريل آهن.
3. ڪڏهن ڪڏهن بنا سامان جي بہ جدا جدا اِسٽان ڏيکارجن ٿا. اُن وقت ڪردارن جي اَداڪاري يا بئڪ گرائونڊ سنگت جي مدد ورتي وڃي ٿي.



### ٿوري وندر

هيٺ ڏنل اِسٽان توهان ناٽڪ ۾ ڪيئن ڏيکاريندا؟

1. بيابان
2. سمنڊ جو ڪنارو
3. کيت
4. شهر جو هڪ بس اِسٽاپ

شاگردن جو گروپ تيار ڪري هڪ - هڪ اِسٽان ڏيو. بئڪ گرائونڊ، روشني بندوبست ۽ پنيان سنگيت اِنهن تنهي مدد تي ويچار ڪرائي، اُتساهہ ڦوڪيو.

## جدا جدا ڪال ڏيکارڻ:

ڪيترائي دفعا ناٽڪ جا واقعا جدا جدا ڪالن ۾ تي گذريل هوندا آهن ڪجهه وقاعا هلندڙ وقت جا هوندا آهن ته ڪي يادگيري جا هوندا آهن. ڪجهه واقعا ’ڏينهن‘ جا ته ڪجهه ’رات‘ هوندا آهن. جدا جدا ڪال ڏيکارڻ لاءِ، ڪجهه سڄه ڪم آڻجن ٿا.



1. ٻن واقعن وچ ۾ اِستيج جا سڀ بلب ڪجهه سيڪنڊن لاءِ بند ڪجن ٿا. اونده اونده ڪري هڪ اَنتر ڏيکارجي ٿو، اِن کي بلئڪ آئوٽ به چئبو آهي.
2. سپنو يا يادگيري جو ڪال ڏيکارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اِستيج تي جدا جدا رنگه واپرائجن ٿا.
3. اِستيج تي هڪ ئي وقت جدا جدا جڳهين تي ملي ڪري جدا جدا ڪال ڏيکارجن ٿا.
4. صبح جو وقت ڏيکارڻ لاءِ، تيز پيلو رنگه ۽ رات جو وقت گهٽ روشني يا نيري روشنيءَ وسيلي ڏيکارجي ٿو.

## ماڻهن کان سواءِ ٻين جي شخصي ليک ڏيکارڻ:



ناٽڪن ۾ فقط اِنساني ڪردار هجن، ائين نه آهي. ناٽڪ ۾ کهڙي به ڪٿا پيش ڪري سگهجي ٿي. انهن کان سواءِ ٻيون شخصي - ليکون ڏيکارڻ جا رستان هيٺ ڏنل آهن.

1. فقط ڊائلاگ رستي شخصي ليک ڏيکارڻ.
2. جانور، پکي وغيره جي شخصي - ليک ڏيکارڻ لاءِ، اُنهن جا آواز، هاو - ڀاو، سرير ٻولي ۽ ڊريس وسيلي ڏيکاري سگهجي ٿو.



پنچ تنتر ۾ توهان آکاڻي پڙهي. اِن آکاڻي ۽ بين آکاڻين ۾ ڪهڙو فرق آهي. ڪابہ هڪ آکاڻي کڻو اِن آکاڻيءَ کي ناٽڪ جا تتو ڪم آڻي ناٽڪ - روپ ۾ بدلايو. هرهڪ گروپ کي هڪ آکاڻي ڏيو. ناٽڪ منچ تي پيش ڪرڻ لاءِ چئو اِهو ضروري آهي تہ ڪنهن جي بہ شخصي لوڪ هئڻ گهرجي. چونڊيل گروپن ۾ شاگردن گهٽ هجن بيا پاتر ڪٽي سگهجن ٿا.

پنچ تنتر مان آکاڻي ياد ڪرڻ لاءِ شاگردن کي چئو اُن آکاڻيءَ ۾ اِنساني پاتر پل نہ هجن، پسون - پکي هجن.

شاگردن جا 6-8 گروپ تيار ڪريو. هرهڪ کي هڪ آکاڻي چونڊڻ لاءِ چئو. اِن لاءِ ڪين ڪتاب ميسر ڪري ڏيو.

شاگردن جا گروپ ڪريو هرهڪ گروپ کي هڪ - هڪ ڊائلاگ ڏيو. شاگردن جو تعداد وڌيڪ هجي تہ ساڳيو ڊائلاگ هڪ کان وڌيڪ کي ڏيو. ڊائلاگ ڪٿي، ڪڏهن، ڪهڙي گهٽنا بابت آهي. اُن اَنوسار ڪردار جي سرير - بولي هاو - ڀاو وغيره جو ويچار ڪري پروتساهن ڏيو. اِستان، ڪال، وقت اَنوسار شاگردن کي پنيان سنگيت، بئڪ گرائونڊ بابت ويچار ڪرڻ لاءِ چئو ناٽڪ تياري ڪرڻ کان پوءِ هرهڪ گروپ کي ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ چئو پيش ڪش کان پوءِ بين گروپن کان ناٽڪ بابت سوال پڇو.

هرهڪ گروپ جو ناٽڪ بيا گروپ ڏيان سان ڏسن چوڪون نہ ڳولهيندي، اُنهن کي چا وٺيو ۽ چا نہ وٺيو، اِهو پڇو.

## گفتگو جو حوالو ڏيڻ

هيٺ ڪجهہ گفتگو ڏنل آهن اِها گفتگو ڪهڙن بن پاترن ۾، ڪڏهن، ڪٿي ٿيو آهي اِن جو ويچار ڪرايو. ۽ پوءِ اُن جي پيش ڪش ڪرايو. ڪجهہ پاتر ٻڌجن، کي وري بئڪ گرائونڊ، سنگيت بابت ويچار ڪن.

## گفتگو -1

1. مون سان ائين نہ ٿيڻ گھرجي هان!
2. ائين نہ آهي! هرهڪ ڪال ۾ اَهڙو آزمودو ايندو ئي آهي!
1. پر مان ڇا گھٽ ڪيو!
2. اَڙي - ٿيو تہ ٿيو. اِن آزمودي مان ڪجھ سِکہ!
1. اُن مان تڪليف گھٽ ٿيندي ڇا؟
2. تڪليف گھٽ نہ ٿيندي پر اَڳتي تڪليف نہ ٿيندي!
1. مون کي اِن ڳالھ وري نہ وچڙو آهي!
2. اَڙي ائين هٿ پير ٻڌي ڪيئن هلندي! ٿورو صبر ڪر!
1. چوڻ سولو آهي!
2. صحيح آهين - پر ٻيو رستو بہ نہ آهي!
1. هون - توکي اَهڙو آزمودو آيو آهي ڇا؟ تو ڇا ڪيو؟
2. وري ڪوشش ڪئي. نراشا کي پاڻ مٿان غالب پوڻ نہ ڏنو! توکي بہ ائين ئي ڪرڻ گھرجي!
1. ها - ڪوشش ڪرڻ گھرجي - ٺيڪ - وري نئين سري سان شروعات ڪرڻ گھرجي.

## گفتگو - 2

1. گھڻو ٿيو آهي؟
2. 12.00
1. اَڃا ٽائين ڇو آئي آهي؟
2. ها - هن کي ايڏي دير ڪڏهن ٿيندي نہ آهي؟
1. اَڄڪلھ ڪجھ چوڻو نہ آهي. برسات ڪري دير ٿئي ٿي.
2. گذريل ٻن ڪلاڪن کان پيا اِنتظار ڪريون اَڃا ڏسون ڇا؟
1. اَڃا ٿوري دير ترسون! شايد اَچي وڃي.
2. مونکي هاڻي وقت جي لڳي آهي!
1. ڪنهن کان پڇجي ڇا؟
2. ڪنهن کان پڇون؟
1. اِهو بہ صحيح آهي
2. وقت جو تہ قدر ئي نہ آهي
1. ها اَڳہ ۾ بہ اَسان اُتي نہ پهتاسين!
2. پوءِ
1. هڪ منٽ - آواز آيو آهي.





## گفتگو - 3

1. مان سچي تياري ڪئي آهي.
2. اهو ڪٿي رکان؟
1. اُن ڪنڊ ۾ رکہ.
2. اُيو رکان يا آڏو؟
1. اُيو ئي رکہ.
2. هي بچيل پئسا... گهٽ پئسن ۾ سامان مليو..
1. واهہ. مصيبت ۾ اَڳتي ڪم ايندا.
2. سيڪسافون هو - ڪٿي آهي؟
1. سيسڪافون ڪيئن رکيو آهي؟ مان ڪوليان ٿو.
2. بس - هاڻي ساني نہ
1. ساز جو سوال نہ آهي. منهنجي مٿان جوابداري آهي.
2. مان بہ ڏني آهي - جوابداري
1. اُهو تنهن جي ڪم مان نظر اَچي ٿو.
2. نيڪ آهي - جڳهڙو نہ - ڪم وقت تي ٿي.
1. هون - هون
2. اَڙي - وقت تي ويو آهي.
1. مان تيار آهيان
2. مان بہ

## گفتگو - 4

1. چا اَتيئي.
2. ڪٿي؟ ڪجهہ نہ.
1. ڪجهہ نہ چا؟ هٿ پنيان چو لڪايا اَٿئي؟
2. ڪٿي لڪايا آهن.
1. اَڳيان هٿ چو نہ ڪرين؟
2. مون تي وشواس نہ ٿئي چا؟
1. هٿ اَڳيان ڪرڻ ۾ ڪهڙي تڪليف اَتيئي؟
2. مان ڪجهہ بہ نٿو لڪايان
1. ثبوت ڏي
2. مان چيو نہ. نہ - مطلب نہ
1. نہ - نہ - مونکي لڳي ٿو.
2. اَچا
1. وشيہ نہ بدلاءِ
2. هٿ ڏيکارڻ لاءِ مون ڪي هُتي وچڻو پوندو.
1. چا جي چڙهياپ آهي اِها؟
2. نہ - نہ - مونکي وچڻو پوندو
1. نہ - نہ اهي پڳوان
2. اَڙي - چا آهي - اِهو ڏينهن بہ ڏسڻو هو.

## هدايتڪار جي ڀومڪا



متي ڏنل گفتگو توهان ڏٺا. اِهي، جدا جدا پاترن وچ ۾ ڪهڙي نہ اِستان بابت، جدا جدا حوالي تي سگهن ٿا. اِهي گفتگو ڪنهن جي وچ ۾ ٿيڻ جن گهرجن، ڇو هئڻ گهرجن؟ پاتر ڪهڙي؟ ڪهڙي عرصي جا؟ اِهو سڀ توهان پڙهيو. اِنهن مان ڪا آڪاٽي، ناٽڪ روپ ۾ ڪرڻ، اُهو ناٽڪ ڪڙو ڪرڻ ۽ اُن جي معنيٰ آڻڻ، هرهڪ گفتگوءَ ۾ ڪهڙيون پاوناٺون ٻاهر اَچڻ گهرجن، اسٽيج تي واقعو ڪيئن ڏيکارڻو آهي. ناٽڪ جا پاتر ڪيئن نظر اَچڻ گهرجن، ڪيئن پاتر ڳالهائين، ڪهڙو واقعو ٿورو گهٽ ڏيکارجي يا بدلائجي. اِهي سڀ ڳالهيون ضروري آهن. اِنهن سڀني ڪمن جي جوابداري هڪ مخصوص ماڻهوءَ جي هوندي آهي اُنهن کي هدايتڪار / هدايتڪار چئبو آهي.

## سوتر سنچالن

توهان ڪڏهن ڪنهن ڪاريہ ڪرم ۾ اِسٽيج تي مائيڪ سامهون ڳالهايو آهي ڇا يا هٿ ۾ مائيڪ پڪڙي ڳالهائيندي توهان ڪئن محسوس ڪيو آهي.

توهان ٽي.وي تي يا ڪنهن وڏي اِسٽيج تي ڪنهن کي عرض ڪندي ڏٺو هوندو.

رٿيل ڪاريہ ڪرم ۾ هڪ اِسم ڪان پوءِ ٻيو ڪهڙو اِسم آهي، اِهو آڊيئنس لاءِ سمجهڻ ضروري آهي. اِن ڪري اِن بابت سوچنا. ڏني وڃي ٿي. اِن ڪم کي سوتر سنچالن چئبو آهي. ۽ سوتر سنچالن ڪندڙ کي سوتر سنچالڪ چئبو آهي. اَڄ ڪلهہ تہ اهو هڪ پيشو بہ ٿي پيو آهي.

### ٿوري ونڊر

ڪاغذ جو گولو ٺاهي، وات سامهون ڪري پنهنجو نالو ٻڌائي ڪلاس ۾ دوست - ساهيڙين اُستاد جو سواگت ڪرڻ جو سوتر سنچالن جو هڪ نمونو پيش ڪريو.

مثال: نمسڪار، مان... 'اَڄ هتي گڏ ٿيل سڀني جو دل سان سواگت ڪريان ٿو.'



## نرتيہ

نرتيہ (ناچ) ڪلا جو هڪ اَهڙو قسم آهي جنهن وسيلي ڀاونا ظاهر ڪرڻ لاءِ، سندر چرپر، سلسلي ۾ ۽ تال سان طريقا اِستعمال ڪيا وڃن ٿا. اِهو اَسان گذريل درجي ۾ پڙهيو آهي. هن سال اَسان نرتيہ بابت ڪجهہ تتو ۽ سوڪيم پيڊ سکڻ وارا آهيون.

## روزاني زندگيءَ جو نرتيہ سان لاڳاپو

ٿورو ياد ڪري ڏسو. توهان جي روز مره زندگيءَ ۾ نرتيہ يا نرتيہ سمان چرپر جو توهان سان ڪو لاڳاپو آهي ڇا؟ اِهو ڪڏهن ٿي ٿو؟ ڪرڪيٽ مئچ کٽڻ کان پوءِ رانديگر نچيندا آهن. پريڊ (بئنڊ) ۾ اَسان نچندا آهيون فلم ۾ ڊانس يا اَهڙو تتو اَچي ٿو، يا ڪنهن جلسي ۾ ڊانس پيش ٿئي ٿي. يا ڪو ڳانو ٻڌڻ سان پيرن سان ٺوڪ - ٺوڪ ڪندا آهيون. ننڍن ٻارن جي رانديڪي ۾ چابي ڦيرائڻ سان اِهو نچڻ شروع ڪندو آهي. اِن کان سواءِ توهان ٻيا ڪي مثال ٻڌايو سگهو ٿا ڇا؟ اِن لاڳاپن بابت توهان کي ڇا ڇوڻو آهي؟

## اَسان ڊانس ڇو ڪندا آهيون؟

اِنسان جي زندگيءَ ۾ ڊانس هڪ اَٽوٽ اَنگ آهي. پراچين ڪال ۾ پڻ اِنساني سڀيتا ۾ نرتيہ جو شامل ڏيکاريل آهي. اسپين جي آدي مانو ڪال جا چتر هجن يا مڌيہ پرديش ۾ ڀيمبيٽڪا جي ڏيدن جا چتر هجن، اِنهن سڀني مان ظاهر آهي ۽ اُن ڪال جي جيون ۾ بہ نرتيہ جي اَهميت هئي.





ساڳئي نموني ڪرناٽڪ جي بدامي ۾ ڇهين صديءَ جي مندرن ۾، نٽراج (نرتيہ ڪندڙ شبو) جي شلپ ڪلا ڏسڻ ۾ ملي ٿي.



اِن مان ظاهر آهي تہ نرتيہ جو اِنسان جيون سان گهاٽو ناتو آهي.

ڪي ڪوجناڪ اِئين مڃن ٿا تہ نرتيہ ڪندڙ جاتيءَ ڪي نرتيہ ڪري پاڻ ۾ گڏ رهڻ جي عادت لڳي ۽ سماج جي اِستاپنا ٿي. اِن جو فائدو اِنهن کي اَڻاين حالتن ۾ ملندو هو. اِها نرتيہ ڪندڙ جاتي هِم يگہ ۾ ڏٺي ويئي آهي. مطلب تہ اَڄ نرتيہ ۽ سنگيت جي پرمپرا سڄي دنيا ۾ ڏسڻ ملي ٿي.

ڪن ڪوجنا ڪن جو اِهو بہ مت آهي تہ اَسان جي مغز ۾ آنند مرڪز ئي تال ۽ چرپر ڪري ائڪٽو ٿيندا آهن. اِن ڪري اَسان اَندر نرتيہ ڪرڻ جي ڀاونا پئدا ٿئي ٿي ۽ هڪ قسم جو جي آنند جو اَحساس ٿئي ٿو.



نرتيہ ڪيترن واقعن حاولي ڪيو ويندو آهي. اِتهاس مان نظر اَچي ٿو پوليءَ جي واڌاري کان اَڳ عورت مردن وچ ۾ ڪشش ڪرڻ جو ماڌيم نرتيہ ئي هو. پراچين ڪال ۾ لڙائي ۾ نرتيہ جو ذڪر آهي. اُن وقت لڙائي ڪندڙ يوڌن ۾ ساريريڪ اُتساهہ ۽ بهادري وڌائڻ لاءِ نرتيہ جو اُپيوگ ڪيو ويندو هو. ساڳئي نموني لڙائي کٽڻ کان پوءِ آنند اُتسو ملهائڻ ۾ نرتيہ ڪيا ويندا هئا.



ساڳئي نموني سنو فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ پرماتما جا شڪرانا مڃڻ لاءِ بہ نرتيہ ڪيا ويندا هئا. پنجاب ۾ ڀانگڙا ۽ گدا اِن جا مثال آهن. ديوي ديوتائن کي راضي ڪرڻ لاءِ نرتيہ ڪرڻ بہ هڪ رسم آهي.

## لوڪ نرتيہ جا ڪجھ قسم

درجي نائين ۾ اَسان پارٽ جي شاستر نرتين بابت پڙهو. هاڻي اَسان مهاراشٽر جي ڪجھ لوڪ نرتين بابت پڙهنداسين

لوڪ نرتيہ مطلب ڪو خاص سماج جو ڪنهن خاص واقعي حوالي ڳڏ ٿي نرتيہ ڪرڻ.

## باليا نرتيہ يا جاکڙي نرتيہ.



### پرانت: ڪونڪڻ ۽ ممبئي

اِهو نرتيہ عام طور ساوڻ مهيني کان ڏياريءَ تائين پيش ڪيو ويندو آهي. چو تہ اِن عرصي هي ڪيترائي ڏڻ اَچن ٿا. پٽي، ممبئي، ناسڪ جهڙن هنڌن تي گڻيش وِسرجن مهل اِهو نرتيہ ڏسڻ ملندو آهي. اِهو نرتيہ گول ۾ ڪيو ويندو آهي. هڪ بہ گايڪ، سازيندر ۽ ڪورس ڏيڻ وارا گول وچ ۾ وهندا آهن. اُنهن جي چوڌاري نرتيہ ڪندڙ هوندا آهن. اُنهن جي چوڌاري نرتيہ ڪندڙ هوندا آهن. اُنهن جي هڪ پير ۾ گهنگرو ٻڌل هوندو آهي. هڪ پير ۾ زور ڏيئي نرتيہ ڪرڻ، اِن نرتيہ جي خوبي آهي.

## آديواسي نرتيہ:

آديواسي نرتيہ ڀيل، ڪورڪو، ٺاڪو، وارلي، ڪاٽڪاري گونڊ وغيره اِن جا مثال آهن. آديواسي جاتي، جا ماڻهو ڏڻن ۾ توڙي ڏُک وقت اِنهن قسمن جا نرتيہ ڪندا آهن.

اِهي نرتيہ جدا جدا سازن جي نالن سان سڃاتا وڃن ٿا.

مثال: ڍول نرتيہ، تنبورو نرتيہ، تارپا وغيره اِنهن ناچن ۾ آديواسي لوڪ گول ۾ ڦيرا پائي نچن ٿا. ”واري گهالٽي“ اِهو ڀيل جاتيءَ جو نرتيہ آهي.



## تارپاري نرتيہ



آديواسي سماج ۾ ڏڻ ملهائڻ يا ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي هڪ خاص نرتيہ ڪيو وڃي ٿو، آهو آهي تارپا نرتيہ. وارلي سماج ڪلا پريہ سماج اهي. اُتسو پريہ آهي اِنهن ۾ وارلي پينگہ تہ مشهور آهي پر تارپا نرتيہ بہ اوتروئي اهميت وارو آهي. شاديءَ جهڙن موقعن تي تہ تارپا نرتيہ ڪيو ويندو آهي پر جڏهن پهاڙي هنڌن جي زمين تي چانور يا ناگليچي جو لابارو ٿي ٿو، اُن وقت تارپا نرتيہ ڪيو ويندو آهي.

## ڏنگري گاجا

اِهو نرتيہ مهاراشٽر جي ڏنگر سماج ۾ مشهور آهي. ڏنگر سماج قدرت ۾ گهڻو ڪري گهمندا رهن ٿا. اِن ڪري اِنهن جا گانا بہ قدرتي نظارن تي مدار رکن ٿا. ڪجهہ گانا ديوتائن جي جنم ڪٿائن تي آڌارت هوندا آهن. اِهو نرتيہ ڍولڪ تي ڪيو ويندو آهي.



## ڪولي نرتيہ



اِهو ناچ ڪولي سماج ۾ لوڪ - پريہ آهي. ڪنهن ڏڻ وار يا شادي وغيره خوشي جي موقعي تي ڪولي - مرد - زالون گروپ ۾ گڏجي نچن ٿا. اِن ۾ تال، نيڪا، پدنياس وغيره موجود هوندا آهن. ڪولي گيت ڪري مهاراشٽرا جي هڪ اَلڳ سڃاڻپ آهي.

## ليزم



اِهو وير-رس ڀريل هڪ نرتيہ آهي. سيا، گڏجاڻي، جترا وغيره وقت ليزم نرتيہ ڪيو ويندو آهي. ڍولڪ، گهمڪ ۽ هلگي جي تال تي اِهو نرتيہ ڪيو وڃي ٿو. ليزم ۾ جدا جدا نرتيہ جا قسم هوندا آهن. اُنهن ۾ خاص تال - ٻڌ چرپر هوندي آهي. اِن نرتيہ کي ڪسرتي نرتيہ بہ ڪري ليکيو وڃي ٿو. ڪجهہ اِسڪولن ۾ ساريرڪ سکيا وشيہ ۾ اِهو نرتيہ شامل آهي.

## لوڪ نرتيه ۽ شاستريه نرتيه ۾ فرق

گذريل سال اَسان شاستريه نرتيه ۽ هن سال اَسان لوڪ نرتيه بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. اِنهن ٻنهي ۾ توهان کي فرق ڏسو ٿا ڇا؟ ڪهڙو فرق آهي.

شاگردن کي گذريل سال ڪتاب جا حوال ڪٽي فرق بابت خود ويچار ڪرڻ لاءِ چئو. فرق لاءِ هيٺيان مدا ڏيو.

اُگهه، نيم، سماج ۾ اِستان، ملندڙ سرڪاري مدد وغيره اِن بابت وڌيڪ ڄاڻ اِنٽرنيٽ تان به حاصل ڪري سگهجي ٿي.

نرتيه ۾ هاو ڀاو ۽ ليه بڻ سرير ۾ چرپر اِهي مکيه اَنگ آهن. اِهو اِسان گذريل سال پڙهيو. اِنهن اَنگن کي سٺي نموني پيش ڪرڻ لاءِ اَسان جي من ۾ ڪو ڊپ يا سنڪوچ نه هئڻ گهرجي. ساڳئي وقت سرير مٿان، سرير جي چرپر مٿان اَسان جو ضابطو هئڻ ضروري آهي. هيٺ ڪجهه مشغوليون ڪريو

## نرتيه ۾ هاو - ڀاو



چهري تي مناسب ڀاو آڻڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته اَسان جو پنهنجي سرير جي عضون مٿان ضابطو هئڻ گهرجي. هيٺ ڪجهه چرپر جا قسم ڏنل آهن. اُهي ڪريو.

- ٻئي ڀرون مٿي کڻڻ
- هڪ ڀرون مٿي کڻڻ
- ڳلن تي عجب وارو ڀاو آڻڻ
- ڳلن تي چڙ چڙ وارو ڀاو آڻڻ
- نڪ ڦنڊائڻ
- اَکيون ٻنهي پاسي، مٿي، گول آڪار نموني ڦيرائي.
- اَکيون ڦاڙڻ
- منهن ڦاهڻ

پاسي ۾ ڏنل هاو ڀاو شاگرد کان ڪرايو. پوءِ شاگردن جا ٻه - ٻه گروپ تيار ڪريو هرهڪ گروپ مان هڪ ڄڻو چونڊي جدا جدا هاو ڀاو ڪرڻ لاءِ چئو ۽ ٻئي گروپ مان ڪنهن کي اُهي هاو -ڀاو نقل ڪرڻ لاءِ چئو. ۽ اِها ساڳي بدل سدل ڪريو.

## ٺوري ونڊر



ڪجهه شاگردن مان هڪ - هڪ کي سامهون بيهاري هيٺ ڏنل ڀاونائون چهري تي پيش ڪرڻ لاءِ چئو. ٻين کي چئو تہ نوٽ ڪن تہ شاگرد ڪهڙو عضوو ڪم آڻي. اِها ڀاونا پيش ڪري ٿو.

غصو، ساڙ، ديا، موهہ، پيار، آنند، ڏک، ساريريڪ تڪليف، سهن شڪتي، نفرت، ڊپ، عجب، اُتساهہ وغيره.

## نرتيہ ۾ ليہ - ٻڌ چرپر

پشچمي نرتيہ جي تتون مان ٣ تتو

1. اَوڪاش
2. ڪال
3. جوش

### اَوڪاش:

نرتيہ ۾ چرپر ڪرڻ لاءِ جڳهہ جو اِستعمال ڪيئن ڪيو آهي؟ نچندڙ موجود جڳهہ ۾ ليہ ٻڌ چرپر لاءِ ڪيئن واپرائي ٿو اِهو نرتيہ جي سندرتا وڌائڻ جو رستو آهي.

## ڪري ڏسو

- شاگردن کي پنهنجو سرير واپرائي جدا جدا آڪار ٺاهڻ اَچڻ گهرجن (گول، مستطيل، ٽڪنڊو) هڪ يا ٽن چئن شاگردن جي گروپ ۾ اِهو ڪري سگهجي ٿو.
- جَدا جدا وقت ٽپا ڏيئي هيٺ وهڻ.
- سرير لچڪيدار ڪرڻ (اَڳتي، پٺتي، گول ۾، آڏو)
- هٿن يا پيرن جي جدا جدا چرپر ڪري موجود جڳهہ ۾ جدا جدا جڳهين تي وڃڻ

ڪنهن وڏي جڳهہ، ميدان يا سڀاگرهہ ۾ اِهي مشغوليون ڪرايو شاگردن کي موقعو ڏيو. هڪ وقت هڪ ئي شاگرد يا گروپ کي مشغولي لاءِ چئو. گوڙ نہ ٿيڻ گهرجي.

## ڪال

نرتيہ ۾ چرپر جلدي، هڪ ڪري يا اُتساهہ واري ڪهڙي نيڪي تي آهي اِن تي نرتيہ جي سندرتا، علحدگي، معنيٰ مدار رکي ٿي.

### ڪري ڏسو

- شاگردن هڪ مقرر تيل چرپر اُتساهہ تمام گهٽي اُتساهہ، جلدي، تمام جلدي رفتار سان ڪرڻي آهي.
- هاٿي سپ چرپر هڪ چيڙي ڪان بئي چيز ۾ تائين ڪرايو.

ڪو جوش وارو سنگيت وڄايو. هرهڪ شاگرد کي پاڻ وٽ لاءِ چئو. شاگردن کي خودمختياري هجي تہ ڪهڙي بہ چرپر ڪن. هڪ وقت هڪ شاگرد يا هڪ گروپ ئي پاڻ وٽي. گوڙ نہ ٿيڻ گهرجي.

## جوش

نرتيہ ۾ چرپر ۾ ڪيترو جوش پريل آهي. اِهو پڻ نرتيہ ۾ سندرتا، علحدگي وڌائڻ جو هڪ اَهم حصو آهي.

### ڪري ڏسو

- شاگردن کي ڪا مقرر چرپر تمام گهٽي جوش سان ۽ تمام آهستي ڪرايو.
- هاٿي سپ ڳالهيون هڪ چيڙي ڪان بئي چيز ۾ تائين ڪرايو.

ڪو جوش وارو سنگيت هلايو. شاگردن کي سهياڳي بڻايو. پنهنجي هلچل جي ڪين آزادي ڏيو. هڪ وقت هڪ شاگرد يا هڪ گروپ پاڻ وٽي. گوڙ وغيره نہ ٿيڻ گهرجي.

## اَچو تہ اُپيوجن ڪريون

ڏنل سنگيت تي اَوڪاس، ڪال، جوش اِنهن ٽنهي تي ويچار ڪري نرتيہ جي چونڊ ڪريو ۽ پيش ڪريو ٻيا نرتيہ ڏسن نرتيہ ختم ٿيڻ کان پوءِ هيٺ مُدن تي چرچا ڪريو.

- سنگيت اَنوسار نرتيہ جو اِسٽائيل هو ڇا؟
- چرپر جي رفتار برابر هئي ڇا؟
- مناسب جوش پريل هو. يا آهستي آهستي نرتيہ ڪيو ويو.
- موجود جڳهہ جو مناسب اِستعمال ڪيو ويو ڇا؟

شاگردن جا 6-5 گروپ تيار ڪريو. هڪ گروپ ٻئي گروپ لاءِ ڪو خاص سنگيت چونڊي. ٻيو گروپ سنگيت ٻڌي، اُن ۾ موجود جوش ڪيئن واپرائجي، ڪهڙي نموني ويهجي، چرپر جي رفتار ڪيئن هجي، اُنهن ۾ ڪهڙي علحدگي آڻجي، اِهو جوش پريل هجي يا آهستي، اِنهن تي ويچار ڪري نرتيہ جي هدايتڪاري ڪريو.



**سنگيت**

### ٿوري ونڊر

گذريل سڄي مال ۾ توهانکي ڪهڙو سنگيت پسند آيو؟

اِهو ڇو پسند آيو؟

هيٺ مُدن تي چرچا ڪريو

1. چال
2. ڳاين
3. اِستعمال ٿيل ساز
4. ٽيڪا
5. ڳاني جا لفظ

شاگردن سان ڪلاس ۾ چرچا ڪريو. شاگردن سان سنگيت بابت ڏنل مُدن تي ويچار ڪريو.

درجي نائين ۾ اَسان سنگيت (موسيقي) بابت شروعاتي ڄاڻ حاصل ڪئي. هن شال اَسان پارتيہ تال واديہ (سان) ۽ گيت جي قسمن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

## پارتيہ واديہ

پارت ۾ تال واديہ جا چار قسم آهن.

### 1. تار وارا ساز

جن سازن ۾ تار وسيلي سُر پيدا ٿي ٿو اُهڙن سازن کي تار وارا ساز چئبو آهي. اِنهن سازن جا بہ قسم آهن ”تت واديہ‘ ۽ ’وِتت واديہ‘

**تت واديہ:** اِنهن سازن ۾ تارن کي کهڙي بہ وستو يا هٿ سان ڇيڙيو ويجي ٿو. مثال ويڻا، ستار، تانپورو، سرود وغيره.

**وِتت واديہ:** اِنهن سازن ۾ هڪ لٺ سان تارن کي ڇيڙيو ويجي ٿو. مثال سارنگي، وائلن وغيره.

### 2. هوا وارا ساز:

جن سازن ۾ ڦوڪڻ سان يا هوا وسيلي آواز پيدا ڪجي ٿو. انهن کي هوا وارا ساز چئبو آهي.

**مثال:** بانسري، هارمونيم شهنائي وغيره.

### 3. پردي وارا ساز:

اِنهن سازن ۾ زور لڳائي آواز پيدا ٿئي ٿو. مثال: تزلو، ڍولڪ، ڊمرو.

### 4. گهٽ ساز:

اِنهن سارن ۾ زور لڳائي آواز پيدا ٿئي ٿو مثال جلترنگ، جهانج وغيره.

**ٿوري وندر**

5 جدا جدا قسمن جا گانا ٻڌو. اُنهن گانن ۾ ڪهڙي قسم جا ساز ڪم آندل آهن. سڃاڻي سگهو ٿا ڇا؟ جي ها تہ اُنهن سازن جا نالا ٻڌايو.

ڪلاس ۾ چرچا ڪريو. هرهڪ گاني ۾ ڪهڙو ساز واپرايل آهي. اين جو نالو ڇا آهي. اِهو اُن جو نالو ڇا آهي. اِهو سڃاڻڻ ۾ مدد ڪريو سيني سازن کي سڃاڻڻ ممڪن نہ آهي. اُن وقت مارگہ درشن ڪريو.

## جاگرافي اَنوسار مشهور ساز

ڀارت هڪ شاهي علحدگين سان ڀريل ديش آهن. هرهڪ راڄيہ جي پنهنجي خاص سنسڪرتي آهي. هرهڪ راڄيہ کي پنهنجو رواتي سنگيت آهي اِن روايتي سنگيت جا ساز بہ خاص آهن. مثال مهاراشٽر ۾ لاوڻي سنگيت مشهور آهي. جيڪو ڍولڪ جي تال تي پيش ڪجي ٿو. ڏکڻ جي سنگيت ۾ مِردنگ ۽ لگهتم جي اَهميت آهي. راجستان ۾ سارنگي ۽ الگوزا نالي واري بانسري مکيہ طور اِستعمال ڪيا ويندا آهن.

اَهڙي نموني ٻين راڄين ۾ اِستعمال ٿيندڙ سازن بابت توهان کي ڄاڻ آهي ڇا؟

شاگردن کي گروپن ۾ وِرهايو. هرهڪ گروپ کي هڪ هڪ پرانت ورهائي ڏيو. اُن پرانت جا سنگت پڙهڻ جا ۽ ساڌن ميسر ڪري ڏيو. هرهڪ گروپ جي گانا پڙهڻ کان پوءِ اُن ۾ ڪهڙا مکيہ ساز ڪم آندل آهن، اِن بابت چرچا ڪريو.



## ٿوري وندر

## پاڻ ساز ٺاهڻ

توهان آسپاس موجود دٻا) بالٽيون، تارون، رٻڙ وغيره جو اُپيوگ ڪري پاڻ کي ساز ٺاهي سگهو ٿا ڇا؟

اِهو ڌيان ۾ رهي تہ اَهڙن سازن مان وڻندڙ سنگيت پيدا ٿئي.

## آرڪيسٽرا گروپ تيار ڪرڻ

توهان تيار ڪيل ساز واپرائي هڪ آرڪيسٽرا گروپ تيار ڪريو ۽ هڪ گانو تيار ڪريو.

شاگردن جي پسند اَنوسار گروپ يا اَڪيلا شاگرد تيار ڪريو. هرهڪ کي پنهنجي ٺاهيل ساز بابت ٻڌائڻ لاءِ چئو. گروپ ٺاهي، هرهڪ گروپ کي هڪ گانو تيار ڪرايو. جلسي يا ڪلاس ۾ اُن جي پيش ڪش ڪرايو.

## گيت

شاستريہ سنگيت ۾ جيڪي گيت ڳايا وڃن ٿا اُنهن کي گيت قسم چئبو آهي. اِنهن جا انيڪ قسم راڳ ڳايا ويندا آهن. اِهي گيت سمجهڻ لاءِ گيت ڪيئن ٺهڻ گهرجن. اِن بابت تمام گهڻو اَڳہ سنگيت آچارين خاص ورڻن ڏنو آهي. اِهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. سنگيت جو مکيہ مقصد آهي. من کي وندرائڻ گيت جي رچنا اَهڙي ئي ٿيڻ گهرجي. اِن نظريي کان آدرش گيت جون نشانيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون.

آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي

اِن جو مطلب آهي تہ اُتم سر، مناسب پاو، وچندڙ منا لفظ ۽ منو راڳ رچنا، النڪار، مناسب تال. اِهي آدرش ذرا ويچار ڪريو.



## ذرا ويچار ڪريو:

- توهان اَھڙا تي گيت ڳولهيو جيڪي مٿي ڪسوٽين تي بيهن ٿا.
- پراڻي زماني ۽ هاڻوڪي زماني جي سنگيت ۾ فرق آهي ڇا؟ ويچار ڪريو.

FK1HGS

### ملھ ماپڻ (وزن 20%)

| ڪسوٽي | سٺو (تمام سٺو) | ٺيڪ (سماڌان ڪارڪ) | ٺيڪ نہ (سماڌان ڪارڪ نہ) | مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| **ناٽير** گفتگو جا جوال ڀڏائڻ | مناسب حوال ڀڏائي تو، آواز، سرير بولي وغيره جو تز اِستعمال ڪيو. | مناسب حوالا ڀڏايا، پر آواز، سرير بولي جي اِستعمال نہ ڪيائين. | بنا حوالن جي جملا ڀڏايا. | |
| **سنگيت** ساز - ناهڻ | ساز ناهڻ، آواز پئدا ڪرڻ وغيره ۾ صحيح سوچ نظر آئي. | ساز ناهيائين پر نہ پئدا ٿيل آواز ڪنن کي وڻندڙ نہ هو. | ساز - نہ ناهيائين | |
| **نرتير** نرتير - پيش ڪش | پاڻ ۾ ڏنل ڪسوٽين جي آڌار تي جوش، ڪال ۽ اَوڪاش جو مناسب اِستعمال ڪري نرير پيش ڪيو. | ڇئن مان ٻن مُدن جي آڌار تي پيش ڪش ڪيائين. | هڪ ڪسوٽي تي مشغولي پوري ڪيائين. | |

## حوالا


1. شڪل - آيا پا ڳوت
2. سنگيت شاستر پريچيہ - آنند - م - گودسي.
3. سنگت شاستر - ڊاڪٽر وسنت راو راجو پاڌيي.
4. سنگيت وشارد - وسنت
5. 21 صدي ۾ جيون ڪوشل سنشوڌن ۽ وڪاس - شيام چي آئي فائونڊيشن.
6. ديوناگري چتر - وشٹو پنت چنچالڪر گوروجي.
7. Discipline without tears - Rudolf Dreikurs
8. Positive Discipline - Jane Nelson
9. Superiority and Social Interest - Alfred Adler


## حوالن لاءِ ويب سائيٽ


1. www.safindia.org
2. http://mahacareermitra.in
3. http://ccrtindia.gov.in
4. http://ncert.nic.in
5. https://www.hindustantimes.com
6. https://www.elementsofdance.org
7. http://centurydancesport.com
8. http://www.nationalartsstandards.org
9. https://www.slideshare.net
10. www.marathiworld.com
11. http://majhamaharashtra.net
12. http://ketkardnyankosh.com


ڪتاب ۾ سکڻ جي اُپيوگہ ڪان ڪجھ چتر اِنٽرنيٽ تان ورتل آهن.

***

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

स्व-विकास व कलारसास्वाद इयत्ता दहावी (सिंधी)

₹ 63.00